وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَیْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِی
الْقُرْبٰی وَالْیَتٰمٰی وَالْمَسٰكِیْنِ وَابْنِ السَّبِیْلِ ۙ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا
عَلٰی عَبْدِنَا یَوْمَ الْفُرْقَانِ یَوْمَ الْتَقَی الْجَمْعٰنِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۴۱﴾
اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْیَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰی وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ؕ
وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِی الْمِیْعٰدِ ۙ وَلٰكِنْ لِّیَقْضِیَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ
مَفْعُوْلًا ۙ۬ لِّیَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَیِّنَةٍ وَّیَحْیٰی مَنْ حَیَّ عَنْۢ بَیِّنَةٍ ؕ
وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِیْعٌ عَلِیْمٌ ﴿۴۲﴾ ۙ اِذْ یُرِیْكَهُمُ اللّٰهُ فِیْ مَنَامِكَ قَلِیْلًا ؕ وَلَوْ
اَرٰىكَهُمْ كَثِیْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِی الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ؕ اِنَّهٗ
عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴۳﴾ وَاِذْ یُرِیْكُمُوْهُمْ اِذِ الْتَقَیْتُمْ فِیْٓ اَعْیُنِكُمْ
قَلِیْلًا وَّیُقَلِّلُكُمْ فِیْٓ اَعْیُنِهِمْ لِیَقْضِیَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ؕ وَاِلَی اللّٰهِ
تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۴۴﴾ ع

ع ٥ / ٧

(اوهان مال غنيمت جو پڇيو هيو) ياد رکو تہ جيترو بہ مال غنيمت ۾ هٿ آيو آهي، ان جو پنجون حصو اللّٰه جي لاءِ ۽ ان جي پيغمبر ۽ سندس اقربا (قريبي رشتيدارن) يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ خاص آهي. هن حڪم کي دل و جان سان تسليم ڪريو، جيڪڏهن توهان اللّٰه تي ايمان رکو ٿا ۽ ان تي جيڪو اسان فرقان واري ڏينهن پنهنجي ٻانهي تي نازل ڪرڻ فرمايو، يعني جنهن ڏينهن ٻنهي لشڪرن جو مقابلو ٿيو هو، اللّٰه هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو.(41) ياد ڪريو! جڏهن توهان واديءَ جي (مديني جي طرف کان) قريبي ڪناري تي هيئو

۽ هو (ٻئي پاسي واري) دور واري ڪناري تي هئا ۽ (تجارتي) قافلو اوهان ڪان هيٺ هيو، جيڪڏهن توهان جنگ جو پاڻ ۾ وقت مقرر ڪري نڪرو ها تہ يقينًا مقرر وقت کان اڳتي پنتي ٿي وڃو ها، پر الله پوري هڪ وقت تي اوهان کي آندو تہ جيئن الله انهي معاملي ۾ فيصلو صادر ڪرڻ فرمائي، جيڪو هر حال ۾ پورو ٿيڻو هو تہ جنهن کي مرڻو آهي، اهو پوري حجت جي پوري ٿيڻ بعد مري ۽ جنهن کي زندگي حاصل ڪرڻي آهي، اهو پوري حجت پوري ٿيڻ سان زنده رهي ۽ هن ۾ ذرو پر شڪ جي گنجائش ناهي تہ الله سميع ۽ عليم يعني سڀ ڪجهہ ٻڌڻ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. (42) اي پيغمبر ﷺ اهو وقت بہ ياد ڪر جڏهن تنهنجي خواب ۾ الله هنن کي ٿورڙو ڪري تي ڏيکاريو، پر جيڪڏهن هنن کي گهڻو ڏيکاري ها تہ ضرور توهان جا حوصلا پست ٿي وڃن ها ۽ يقينًا توهان جنگ جي معاملي ۾ متنازع ٿي اختلاف ڪريو ها، پر الله اوهان کي بچائي ورتو، يقينًا هو دلين جا راز بہ ڄاڻي ٿو.(43) ياد ڪريو تہ لڙائيءَ وقت بہ توهان جي نگاهن ۾ هنن کي (هنن جي لشڪر کي) ٿورو ڪري ڏيکاري رهيو هو ۽ وري توهان کي بہ هنن جي نگاهن ۾ ٿورو ڏيکاريائين تہ الله هن لڙائيءَ جي معاملي ۾ (فتح ۽ شڪت جو) فيصلو سر انجام ڪرڻ فرمائي. ياد رکو تہ سمورا فيصلا الله جي طرفان ئي وقعت پذير ٿيندا آهن.(44)

---

هن کان اڳ دور جهالت جي رسم و رواج مطابق اوهان جي جنگ ۾ شرڪت ان لاءِ هوندي هئي تہ لٽ مار جو مال هٿ ڪجي ۽ مالي نفعو حاصل ڪجي، پر هاڻي جنگ جو مقصد ظلم و جبر کي روڪڻ ۽ عدل و انصاف جو مضبوط نظام قائم ڪرڻ آهي، جنهن ۾ ذاتي مفادن بجاءِ اجتماعي بهبود ۽ ڀلائي مقصود آهي. ان ڪري جنگ جو جذبو لٽ مار لاءِ نہ، پر امن و سڪون جو ماحول قائم ڪرڻ آهي، ان ڪري جنهن مال غنيمت بابت وضاحت پڇو ٿا، اُها اِها آهي تہ هي غنائم نہ آهي پر انفال آهي. يعني جنگ جي فتح ۽ الله

جي رضا سان اصل مقصد حاصل ڪرڻ بعد هي انفال الله جو مجاهدن لاءِ تحفو آهي، جيڪو ذاتي ملڪيت نہ آهي، پر الله ۽ الله جي رسول ﷺ جو مال آهي، ان ڪري جيڪو مال جنهن ڪي بہ هٿ اچي، اهو رسول الله ﷺ وٽ حاضر ڪري، جنهن مان پنجون حصو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو يعني مملڪت اسلامي جي انتظامي ضرورتن لاءِ ڪجهہ رکي، باقي ان خمس مان ضرورتمندن جي ضرورت لاءِ استعمال ڪيو وڃي، جنهن ۾ حضور ﷺ جا قريبي رشتيدار، شهيدن جا وارث، يتيم، مسڪين ۽ مسافر شامل آهن. ٻين لفظن ۾ معاشري جي هر ضرورتمند جو ان جي جائز ضرورت مطابق ان ۾ حق آهي. معلوم آهي تہ جنگ ۾ مفت جو مال هٿ اچڻ ۾ ان ڪان خدا جي حڪم موجب دستبردار ٿيڻ ۽ بيت المال ۾ جمع ڪرائڻ اوهان ڪي ممڪن آهي تہ ڏکيو لڳندو هجي، پر جيڪڏهن اوهان الله تي ايمان آندو آهي ۽ يوم فرقان واري ڏينهن يعني جنهن ڏينهن حق ۽ باطل جو فيصلو ٿي ويو، ان وقت الله جي ٻانهي تي نازل ٿيل شيءِ تي ۽ جنهن ڏينهن ٻنهي لشڪرن جو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ مسلمانن ڪي نمايان ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ڪافرن ڪي ذلت آميز شڪست ملي، انهن سيني نعمتن جي حقيقتن تي ايمان رکو ٿا. ياد رکو الله جي قدرت ۽ طاقت هر شيءِ تي حاوي آهي. جنگ بدر واري ڏينهن اوهان مديني طرفان واديءَ جي قريبي ڪناري تي پهتا هئا تہ وري واديءَ جي ٻئي (مخالف) طرف ڪان پرين دور واري ڪناري تي ڪافر پهتا هئا ۽ ان وقت شام ڪان ايندڙ قافلو ابوسفيان جي قيادت ۾ هيٺين پاسي ڪان گذري رهيو هو، سو خيريت سان مڪي پهچي ويو. هنن ٻنهي لشڪرن جو هڪ وقت تي پهچڻ ۽ هڪ ٻئي جي مقابل ٿي وڃڻ ۾ الله جي مصلحت ڪارفرما هئي، پر جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ فيصلو ڪيو ها تہ جنگ ڪرڻ ضروري آهي، يا نہ آهي ۽ جنگ ڪجي تہ ڪهڙي هنڌ ۽ ڪهڙي تاريخ، ڏينهن ۽ وقت تي ڪجي تہ پوءِ توهان جي هن پوري معاملي ۾ اختلاف راءِ ٿي پوي ها. چو تہ لشڪرن جي تعداد ۽ سازو سامان ۾ وڏي فرق هجڻ ۽ تجارتي قافلي جو بہ خيريت سان اڳتي گذري وڃڻ سبب جنگ نہ ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي وڃن ها ۽ ٻئي لشڪر بنا جنگ وڙهڻ جي واپس وري وڃن ها، پر الله جي قانون ۾ هيو تہ مجاهدن جي قليل ۽ بي سر و سامان هجڻ ۽ ڪافرن جي وڏي تعداد ۾ پوري طرح هٿياربند هجڻ جي باوجود جنگ ضرور ٿئي ۽ ان جنگ جو جيڪو نتيجو

نڪرڻو هيو، اهو نڪري ظهور پذير ٿئي تہ جيئن انهيءَ جنگ ۾ جنهن کي شڪست فاش اچڻ ۽ هلاڪ ٿيڻو آهي، اهو هلاڪ ٿي وڃي ۽ جنهن کي فتح و ڪاميابي بعد هڪ زندهہ قوم جي حيثيت ۾ زندهہ رهڻو هو، اهو لشڪر ۽ ڌر زندهہ رهي. ڇو تہ الله طرفان اهو فيصلو هر حالت ۾ ٿيڻو هو ۽ الله جي نظام کي قائم رکڻ لاءِ مسلمانن کي شاندار فتح ۽ ڪافرن کي ذلت آميز شڪست سان همڪنار ڪرڻو هو، سو ٿي ويو. بيشڪ الله اوهان جي هر اختلافِ راءِ کي ٻڌي بہ رهيو هو ۽ ان جي اصل حقيقت ۽ نتيجي کان آگاهہ بہ هو.

الله پنهنجي قانونن کي نتيجہ خيز بنائڻ لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪندو آهي، جن سان جنهن بہ ڪم کي سرانجام ڏسڻ گهري ٿو، ان جي موافق ۽ سازگار صورتون پيدا ڪندو آهي، ان ڪري اي حبيب ﷺ! توکي خواب ۾ دشمن جو تعداد گهٽ ڪري ڏيکاريو ۽ حضور ﷺ اوهان کي فتح جي تسلي ڏني تہ جيئن اوهان دل شڪستہ نہ ٿيو، پر جرئت ۽ همت سان دشمن جو مقابلو ڪريو، اهڙي طرح ڪافرن جي نگاهن ۾ بہ اوهان کي ٿوري تعداد ۾ ڏيکاريو تہ جيئن هو آسانيءَ سان اوهان جو مقابلو ڪري سگهن. (آل عمران: 13/3) پر جيڪڏهن اوهان کي مخالف ڌر جي لشڪر جو وڏي تعداد ۾ هجڻ ڏيکاري ها تہ اوهان دل شڪستہ ٿي وڃو ها ۽ پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ شروع ڪيو ها تہ اڪين ڏٺي موت جي منهن ۾ ڇو وڃون. پر الله پنهنجي حڪمت سان اوهان کي بچائي ورتو ۽ بظاهر ڀيانڪ صورتحال کان محفوظ رکيو. الله نہ رڳو اوهان جي ظاهري گفتگو کان واقف هو، پر هو اوهان جي دل جي راز کان بہ چڱي طرح آگاهہ هو. جڏهن ٻنهي ڌرين جا لشڪر هڪ وقت هڪ هنڌ هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويا ۽ الله کي هن جنگ جي نتيجي جو فيصلو هر حالت ۾ ڪرڻو هو تہ هن پنهنجي قدرت ۽ حڪمت ذريعي نہ رڳو خواب ۾، پر حقيقي نگاهن ۾ بہ مقابلي وقت دشمنن جي تعداد کي ٿورو ڏيکاريو تہ جيئن اوهان جا حوصلا بلند رهن ۽ ڪاميابيءَ جو يقين نظر اچي. اهڙي طرح اوهان جو انگ بہ دشمنن جي نگاهن ۾ ٿورو ڏيکاريو تہ جيئن هو جنگ ڪرڻ کان نہ گهٻرائن ۽ چون تہ تجارتي قافلو صحيح سلامت گذري ويو آهي ۽ هاڻي خواهہ مخواهہ لڙائي جو خطرو ڇو سر تي کڻون. اهو سمورو منظر خدا جي حڪمت ۽ قدرت سان سامهون آيو تہ جيئن جيڪو فيصلو ٿيڻو آهي، اهو ٿي وڃي ۽ ٿيو بہ ائين مجاهدن جي ننڍڙي بي سرو سامان لشڪر کي دشمنن جي ٿيٽي

چوٽي وڏي انگ واري هٿيارن سان ليس لشڪر کي شڪست فاش ۽ ذلت آميز نتيجي جو منهن ڏسڻو پيو ۽ سندن ڪيترائي وڏا ليڊر هن جنگ جي نذر ٿي ويا. بيشڪ سمورا معاملا خدا جي قانون مشيت مطابق طئي ٿيندا آهن. ۽ اهڙي طرح نتيجا ظاهر ٿيندا آهن. هينئر تائين مال غنيمت جي مختصر ذڪر بعد الله تعالىٰ حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ اهڙو اهتمام ڪيو تہ جيئن مسلمانن جي ننڍڙي غيرمسلّح لشڪر جو ڪافرن جي ٽيڻي تعداد ۽ مسلّح لشڪر سان جنگ ضرور ٿئي. هاڻي مال غنيمت ۽ مال فئي ۾ فرق بيان ڪجي ٿو:

”غَنيمَه“ لفظ ”غَنَمر“ کان آهي، جيڪو ”شَاة“ جو جمع آهي. هيءُ هن مادي مان ناهي. ”غنمر“ ٻڪرين ۽ رڍن ٻنهي لاءِ آيو آهي. عرب ۾ ٻڪرين ۽ رڍن تي ڌاڙا هڻي ڪٺي ويندا هيا. ڪنهن جو مال زبردستي ڪٺڻ ”غَنيمَة“ آهي. ”وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا غَنِمۡتُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوۡلِ وَلِذِی الۡقُرۡبٰی وَالۡيَتٰمٰی وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِ“ مال غنيمت جا پنج حصا ڪبا. پنجون حصو الله تعالىٰ، سندس رسول ﷺ، ذوي القربىٰ، يتيمن، مسڪينن لاءِ ۽ نظامِ رياست لاءِ هوندو، باقي چار حصا مجاهدن ۾ تقسيم ڪيا ويندا.

”مالِ فيءِ“ اهو مال آهي، جيڪو جنگ سان حاصل نہ ٿئي، پر الله تعالىٰ دشمنن تي نبي ۽ رسول ﷺ جو اهڙو رعب، حشمت طاري ڪري، جو هو خودبخود مال متاع ڇڏي، گهر ۽ شهر ڇڏي هليا وڃن. سورة الحشر: 6/59 ۾ آهي: ”وَمَاۤ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰی رَسُوۡلِهٖ مِنۡهُمۡ فَمَاۤ اَوۡجَفۡتُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ خَيۡلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰی مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیۡءٍ قَدِيۡرٌ ○“ مال فيءِ ساري جو سارو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو آهي ۽ بيت المال ۾ جمع ٿيندو. ”فيءِ“ پاڇي کي چوندا آهن. صبح کان زوال تائين پاڇي کي ”ظِلّ“ چوندا آهن. زوال کان مغرب تائين پاڇي کي ”فيءِ“ چئبو آهي، چوتہ پاڇو موٽ ڪائي ٿو. مالِ غنيمت جنگ سان حاصل ڪيل مال آهي. ڪجهہ اهل لغت ٻنهي کي هم معنىٰ سڏيو آهي، پر سورة الانفال ۾ ”غنيمة“ آيو آهي ۽ سورة الحشر ۾ ”فيءِ“ آيو آهي. ٻنهي ۾ مال جو حصول الڳ الڳ آهي. هڪ جنگ ذريعي حاصل ڪرڻ آهي، ٻيو بغير جنگ ۽ لشڪر ڪشيءَ جي آهي. مال غنيمت ۽ مال فيءِ تي تفسير اضواءُ البيان في ايضاح القرآن بالقرآن ۾ تفصيلي بحث آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَ اذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ۚ ﴿٤٥﴾ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَ تَذْهَبَ
رِيْحُكُمْ وَ اصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ۚ ﴿٤٦﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ
خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٤٧﴾ وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا
غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَ اِنِّیْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ
نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَ قَالَ اِنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّیْۤ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ اِنِّیْۤ
اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٤٨﴾ ع ٦

مؤمنو! اڳتي جڏهن ڪنهن گروهه سان اوهان جو مقابلو ٿئي تہ ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ اوهان کي ڪاميابي نصيب ٿئي. (45) الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪريو، پاڻ ۾ وڙهو نہ، جنهن ڪري همت هاري ويهندو ۽ اوهان جي هوا نڪري ويندي يعني قوت ختم ٿي ويندي. صبر ۽ ثابت قدميءَ سان مقابلو جاري رکو، بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.(46) توهان انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو، جيڪي پنهنجن گهرن مان آڪڙجي ۽ نمائشي طور نڪتا. هي ماڻهن کي الله جي راهہ اختيار ڪرڻ کان روڪين ٿا. حالانڪ الله انهن جي هر عمل کي گهيري رکيو آهي.(47) ياد ڪريو، جڏهن شيطان هنن جا (بد) اعمال هنن کي سنا ڪري پيش ڪيا ۽ کين چيو تہ هن وقت ڪو بہ ماڻهو اوهان تي غالب ٿي نہ سگهندو ۽ (اطمينان ڪريو) منهنجو ساٿ توهان سان آهي، پر جڏهن ٻنهي گروهن

جو پاڻ ۾ مقابلو ٿيو ته هو پوئين پير پٺي نڪتو ۽ چوڻ لڳو ته مان اوهان کان بيزار آهيان. مان اهو ڪجهه ڏسي رهيو آهيان، جو اوهان کي نظر نٿو اچي. مان الله کان ڊڄان ٿو. حقيقت اها آهي ته الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.(48)

بدر جي جنگ ۾ اوهان کي الله فتح نصيب ڪرڻ فرمائي آهي. هي آخري معرڪو نه آهي، پر ابتدائي آهي، اهڙيون جنگيون پيش نظر رهڻ گهرجن، جيڪي اوهان کي وڙهڻيون آهن، ان ڪري مؤمنو! جنگ ۾ ڪاميابيءَ جو هي اصول ياد رکو ته جڏهن به اوهان جو دشمن سان ٽڪراءُ ٿي وڃي ۽ دشمن حملو ڪري ڏئي ته جنگ ۾ ثابت قدم رهجو، ڪا به گهبراهٽ يا مايوسي نه ڏيکارجو. ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ“ (الانفال: 15/8) اي مؤمنؤ! جڏهن اوهان جو ڪافرن جي لشڪر سان مقابلو ٿئي ۽ هنن اوهان تي ڪاهه ڪئي هجي ته پوءِ انهن کي پٺي ڏئي نه ڀڄجو، يعني هر حال ۾ دوبدو مقابلو ڪجو، ڀڳوڙا نه ٿجو. ان وقت الله جو ڪثرت سان ذڪر ڪري ان کي ياد ڪري پنهنجو رابطو ان سان مضبوط رکجو، ڇو ته اهڙي ڏکئي ۽ مشڪل وقت ۾ ڪثرت سان الله کي ياد ڪرڻ سان ايمان ۾ پختگي ايندي ۽ ثابت قدمي جي سعادت نصيب ٿيندي. جيڪا الله سان قربت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ملڻ مشڪل آهي. جيڪو وڏو خطرو محسوس ڪريو، اوترو وڌيڪ الله جي مغفرت ۽ توفيق حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ذڪر ڪرڻ سان رب سان قريبي رابطي کي جاري رکو ته جيئن اوهان کي ڪاميابي نصيب ٿئي. فلاح دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي ڪاميابي جو نالو آهي. رڳو غلبو ته زوربازو سان حاصل ٿي ويندو پر اهو غلبو فلاح جو ذريعو ٿيندو، جيڪو رڳو الله جي ذڪر ذريعي حاصل ٿيندو آهي. جنگ جي دوران به الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت جو دامن مضبوطي سان پڪڙي رکو، يعني دشمن جي مقابلي وقت پوري نظم و نسق ۽ قانون و ضابطي مطابق الله جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي پيروي تي سختي سان عمل پيرا رهو. پوري اطمينان ۽ يقين سان الله جي آسري تي مقابلو ڪريو.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو (شاهه لطيف رحمة الله عليه)

دل و دماغ کي هر طرح جي انتشار ۽ خلفشار کان محفوظ رکو، چو تہ ڊسيپلين جي ڪوتاهي لشڪر جي نظم و ضبط کي پورا پورا ڪري ڇڏيندي آهي۽ انتشار جي شڪار لشڪر کي الله ڪاميابي عطا نہ ڪندو آهي. ان ڪري پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق کي هر حالت ۾ قائم رکو، پاڻ ۾ لڙائي جهڳڙا ڪري، پاڻ کي ڪمزور ۽ ويسلو ڪري ڇڏيندا ۽ توهان جي هوا نڪري ويندي، طاقت ختم ٿي ويندي ۽ ڪمزور ٿي ويندو. (آل عمران: 152/3) ان ڪري هر حال ۾ الله جو دامن مضبوط پڪڙي رکو. الله هميشہ صبر۽ استقلال ڪندڙن جو حامي ۽ ناصر آهي. ”وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا“ (آل عمران: 103/3) الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو ۽ پاڻ ۾ ونڊجي نہ وڃو.

ایک ہوں مسلم حرم کی پاسبانی کے لیے
نیل کے ساحل سے لیکر تابخاک تاشغند

(اقبال رحمة الله عليه)

ولر ڪيو وتين، پرت نہ ڇنڻ پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻها ميٽ گهٽو

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

صحيح بخاريءَ ۾ حديث آهي: مسلمانؤ! دشمن سان جنگ جي خواهش نہ رکو. الله جل شانہ کان عافيت گهرندا رهو، پر جيڪڏهن دشمن سان لڙائي ڪرڻي پئجي وڃي تہ صبر ڪريو ۽ ثابت قدم ٿي مقابلو ڪيو. آڪڙ، غرور ۽ نمائشي رعب تاب مؤمن جو شيوه نہ آهي، اهو ڪافرن جو وطيره آهي، ان ڪري توهان جنگ تي نڪرڻ وقت ڪافرن واري اها روايت نہ رکو، جيڪي ماڻهن کي الله جي راهہ تي هلڻ کان روڪين ٿا. توهان ۾ خدا آڏو عجزو نياز، تواضع ۽ انڪساريءَ جو اظهار هئڻ گهرجي، چو تہ ريا ڪاري، غرور ۽ وڏائي الله کي پسند ناهي. الله ڪافرن جي طمطراق، ريا ۽ خودنمائي کان واقف آهي ۽ انهن کي پنهنجي گهيري ۾ رکي بزدل ۽ ڪاهل ڪري ڇڏيو آهي. هي ڪافر جي ان غرور ۽ تڪبر جو ئي بيان آهي، جڏهن هو جنگ لاءِ مڪي کان نڪتا هئا تہ وڏن دهلن، شرنائين، گانن، ناچن ۽ انهي نعرن سان نڪتا هئا تہ مسلمانن کي هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪري

ڇڏيندا سون. پر ”ما درچه خياليم فلڪ در چه خيال“ انسان سوچي ڪجھ ٿو پر تقدير ڪري ڪجھ ٿي. شيطان هنن جي متڪبرانه روش ۽ خيالن کي انهن جي ذهن ۾ خوبصورت ڪري پيش ڪيو ۽ انهيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪيو ته اسان جي هيڏي وڏي هٿيار بند لشڪر سان مسلمانن جو مقابلو ممڪن ئي نه آهي ۽ ڪنهن جي همت ناهي، جو اهڙي وڏي لشڪر تي غالب اچي سگهي يا ان جو مقابلو ڪري سگهي. شيطان هنن کي پنهنجي حمايت سان سندن ڪاميابي جو يقين ڪرايو، پر جڏهن ڏنائين ته ٻئي لشڪر هڪٻئي جي آمهون سامهون آهن ته ڪافرن جي مدد ڪرڻ بدران پويان پير ڪري پٺي ويو ۽ صاف صاف ڪافرن کي چوڻ لڳو ته منهنجو اوهان سان ڪو سروڪار ناهي، پنهنجي حفاظت پاڻ ڪريو. ڇو ته هن جنگ جو نتيجو جيڪو مون کي نظر اچي ٿو، اوهان اهو نٿا ڏسي سگهو. اوهان جي ذلت آميز شڪست فاش جو نظارو منهنجي اکين آڏو آهي، جيڪو مان ڏسي رهيو آهيان. الله هن جنگ جو جيڪو هيبت ناڪ نتيجو اوهان جي خلاف ظاهر ڪندو، ان جو تصور ڪري ئي مان ڪنبي وڃان ٿو. مون کي يقين آهي ته اوهان کي سخت سزا ملڻ واري آهي. ياد رهي ته قرآن ۾ ”شياطين“ ڪافرن ۽ منافقن جي حمايتي ساٿين کي به سڏيو ويو. هت به ”شياطين“ مان مراد اهي شرير رئيس ماڻهو ۽ يهودي آهن، جن ڪافرن کي مالي مدد سان گڏ پنهنجي حمايت جو يقين به ڏياريو هو، پر بعد ۾ مسلمانن جي ڪاميابي ڏسي پنهنجي هٿي ويا. جهڙيءَ طرح سورة البقره 12/2 ۾ آهي: ”وَاِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ“ جڏهن هو پنهنجن شيطان ماڻهن وٽ آيا. هت ”شياطين“ منافق ماڻهن لاءِ آيو آهي. (والله اعلم بالصواب).

اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ وَمَنْ
يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٤٩ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ
كَفَرُوا ۙ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ
الْحَرِيْقِ ۝٥٠ ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۝٥١ۙ
كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ

بِذُنُوۡبِهِمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِیٌّ شَدِیۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۵۲﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمۡ یَكُ مُغَیِّرًا
نِّعۡمَةً اَنۡعَمَهَا عَلٰی قَوۡمٍ حَتّٰی یُغَیِّرُوۡا مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِیۡعٌ عَلِیۡمٌ ﴿۵۳﴾ ۙ

(۽ اهو وقت بہ ياد ڪريو) جڏهن منافق ۽ اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ بيمائي جو مرض لاحق هيو، اوهان بابت چوندا هئا تہ هنن کي دين ڌوکي ۾ وڌو آهي. حالانڪ جيڪي الله تي ڀروسو ڪن ٿا، الله ضرور انهن جي مدد ڪندو آهي. بيشڪ الله ئي ڪنهن کي غلبو ڏيارينڌڙ ۽ حڪمت ڀريا فيصلا ڪرڻ وارو آهي.(49) جيڪڏهن تون اهو منظر ڏسين تہ جڏهن فرشتا هنن جو روح قبض ڪري رهيا هوندا ۽ انهن جي منهن ۽ پٺيءَ تي چوٽ لڳائي رهيا هوندا ۽ چوندا باهہ ۾ سڙڻ جي عذاب جو مزو چکو.(50) هي توهان جي انهن عملن جو اجورو آهي، جيڪي ڪارناما اوهان جي هٿن اڳ موڪليا هئا ۽ يقيناً الله پنهنجن ٻانهن تي ذرا ڀر ظلم ڪرڻ وارو ناهي. (51) هنن سان بہ اهو ئي معاملو ورجايو ويو آهي، جيڪو آل فرعون ۽ ان کان اڳ وارن کي پيش آيو هو. انهن بہ الله جي آيتن جو انڪار ڪيو هو تہ الله سندن گناهن جي بدلي کين گرفت ۾ ورتو. بيشڪ الله وڏي قوت وارو ۽ سخت عذاب ڏيڻ جي قدرت رکڻ وارو آهي.(52) اهو ان ڪري آهي جو الله جيڪا نعمت ڪنهن قوم کي عطا ڪندو آهي تہ هن کي تيستائين نہ مٽائيندو آهي، جيستائين هو پاڻ (بداعماليءَ سان) نہ مٽائين ۽ بيشڪ الله عزوجل هر شيءِ کي پوريءَ طرح ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي.

هن کان اڳ وارين آيتن ۾ مڪي کان قريش جي لشڪر جي روانگي، سردارن جي تڪبر ۽ غرور وارن خيالن شيطان يا شيطان صفت ماڻهن جي حمايت جا ڪوڙا واعدا ۽ عين وقت تي غائب ٿي وڃڻ جو ذڪر هيو. هاڻي مديني جي انهن حالتن تي تبصرو آهي، جيڪي پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جن جي مديني مان مختصر لشڪر وٺي نڪرڻ وقت

منافقن جون هيون تہ مسلمانن جو ننيڙو بي سرو سامان لشڪر قريش جي مقابلي ۾ نڪرڻ لاءِ سندن (عقيدو) دين ڏوڪو ڏئي رهيو آهي. هو قريش جي وڏي لشڪر کي شڪست ڏيڻ لاءِ نڪتا آهن، سمجهن ٿا تہ اسان جو خدا اسان جي جنگ وڙهندو. دراصل هنن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي، جو چڙيا (جهرڪيءَ) کي شهباز سان ۽ چيونٽي (ڪيلي) کي هاٿيءَ سان ٽڪرائڻ جو سوچي رهيا آهن. پر منافقن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هي ڏوڪو ناهي، هڪ حقيقت آهي، جنهن جو راز رڳو اهي سمجهي سگهن ٿا، جيڪي الله تي ڀروسو ڪري ان جي دين لاءِ جان قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهن ۽ ان جي وعدن تي ڪامل يقين رکن ٿا تہ سندس نصرت ۽ مدد ضرور هنن جي دستگيري ڪندي. بيشڪ الله زبردست قوت وارو، غالب ۽ غلبو ڏيارڻ وارو آهي ۽ هن جو هر ڪم حڪمت سان لبريز آهي، پر ڪاش هنن منافقن ۽ ڪافرن جي حالت ان وقت قابل ديد هوندي جڏهن ميدان جنگ ۾ فرشتا هنن ڪافرن جو ساهہ قبض ڪري ڪين موت جو ڪاچ بنائي رهيا آهن ۽ سندن چهرن ۽ پٺن تي زوردار ضرب لڳائي رهيا آهن، يا مجاهدن جون تلوارون الله جي غيبي مدد سان سندن سر ڌڙ کان ڌار ڪري رهيون آهن ۽ سندن چهرن ۽ پٺن تي ڪاري ضرب لڳائي رهيون هيون ۽ ڪين چئي رهيون آهن تہ هي توهان جي ڪفر، سرڪشي، زيادتي، هٺ ۽ آڪڙ جو نتيجو آهي، ان جو مزو چکي ونو. ”وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ“ (الانعام: 93/6) ۽ فرشتا هنن جو ساهہ ڪڍڻ لاءِ هٿ وڌائيندا آهن. هي توهان جي ڪيل ڪارنامن جو نتيجو آهي. اوهان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا آهيو ۽ هي عذاب توهان جي انهن ظلمن جو اجورو آهي، جيڪو توهان کي ڏنو ويو آهي. هن ۾ الله طرفان اوهان تي ڪو بہ ظلم ۽ زيادتي نہ ٿي آهي. الله پنهنجن ٻانهن سان ظلم نہ ڪندو آهي. ”وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ“ (حٰم السجده: 46/41) چوتہ اهو الله جي سنت ۽ انصاف جي خلاف آهي. ”اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ“ (النساء: 40/4) بيشڪ الله ذري پر ڪنهن تي ظلم نٿو ڪري. ”اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا“ بيشڪ الله ماڻهن تي ذرا پر بہ ظلم ناهي ڪندو.

هنن سان بہ در حقيقت اهو ئي معاملو ٿيو آهي، جيڪو فرعون وارن ۽ ان کان اڳ وارين قومن تي سندن نافرمانيءَ جي نتيجي ۾ ٿيندو رهيو آهي. جن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ انهن آڏو سر تسليم خم ڪرڻ بدران ٺڪرائي ڇڏيو، پوءِ انهن تي الله جو

عذاب ايندو رهيو تہ جيئن هو هوش ۾ اچن ۽ نبي سڳورن جي دعوت کي غور سان ٻڌڻ لاءِ آمادگي ظاهر ڪن. هن وقت بدر جي جنگ ۾ قريش مڪہ سان جيڪو ٿي چڪو اهو بہ انهي نوعيت جو واقعو آهي ۽ انهن جي گناهن ۽ غلطين سبب کين خدا جي پڪڙ ٿي آهي. الله جو قانون مشيت انڌي جي لٺ ناهي، هو پنهنجن ٻانهن جي معاملن کي ڏسي پسي رهيو آهي ۽ انهن کان پوري طرح آگاهہ آهي. (بني اسرائيل: 84/17) ۾ ارشاد آهي تہ الله جو اهو معاملو دنيا جي سمورين قومن سان ساڳيو رهيو آهي. جڏهن ڪا بہ قوم اتمام حجت بعد بہ سڌرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ الله جي آيتن جو لڳاتار انڪار ڪري رهي آهي تہ ان جو انجام هلاڪت ۽ تباهي آهي. خدا جي نعمتن ۽ نوازشن سان زندگي جون راحتون ۽ آرام ان قوم تي تيستائين برابر رهنديون ۽ انهن ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي، جيستائين اها قوم پنهنجي عملن سان پاڻ کي انهن مهربانين جو اهل رکي سگهي، پر جڏهن ڪا قوم تخريبڪاريءَ طرف هلي وڃي ۽ ملڪ ۾ فتنو، فساد، ظلم ۽ زيادتي جي مرتڪب ٿئي ۽ خدا جي مخلوق تي قهر ۽ جبر جو راڄ قائم ڪري تہ پوءِ گويا هو پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻي، پاڻ کي انهن عنايتن جو نااهل بڻائي محروم ٿي وڃي ٿي. قومن جو عروج ۽ زوال ائين اڻاڏنڌ ذريعي واقع نٿو ٿئي، پر خدا جي محڪم اصولن جي روشني ۾ ٿئي ٿو. اهو خدا جيڪو سميع ۽ عليم يعني هر فرياد ٻڌڻ وارو ۽ هر ظلم ۽ زيادتي ڄاڻڻ وارو ۽ ان جا نتيجا ان مطابق ڏيڻ وارو آهي. (الانفال: 53/8، الرعد: 11/13)

خدا نے آج تک اس قوم کی حالت نہیں بدلی
نہ ہو جس کو خیال آپ اپنی حالت کے بدلنے کا

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ
فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۞٥٤
اِنَّ شَرَّ الدَّوَاۗبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۞٥٥ ۖ الَّذِيْنَ
عٰهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ۞٥٦

فَاِمَّا تَثۡقَفَنَّهُمۡ فِى الۡحَرۡبِ فَشَرِّدۡ بِهِمۡ مَّنۡ خَلۡفَهُمۡ لَعَلَّهُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ۵۷ وَاِمَّا
ع ٧ ٣ تَخَافَنَّ مِنۡ قَوۡمٍ خِيَانَةً فَانۢبِذۡ اِلَيۡهِمۡ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡخَآئِنِيۡنَ ۵۸ ع

هي (عذاب) هينئر بہ اهو ئي آهي، جيڪو آل فرعون ۽ ان جي پيش رو قومن کي پيش آيو. انهن پنهنجي پروردگار جي آيتن کي ڪوڙو چيو تہ پوءِ اسان کين سندن گناهہ جي سزا ۾ هلاڪ ڪيو ۽ فرعون وارن کي غرق ڪيو. هي سمورا ظالم انسان هئا.(54) يقينًا الله وٽ بدترين جانور اهي ماڻهو آهن، جن انڪار ڪيو ۽ پوءِ ڪنهن صورت ۾ ايمان آڻڻ وارا نہ آهن.(55) خاص ڪري اهي ماڻهو جن کان اي پيغمبر ﷺ تو عهد ورتو ۽ پوءِ هر دفعي هو پنهنجي عهد جي خلاف ورزي ڪري ٽوڙي ڇڏين ٿا ۽ ذرا پر نٿا ڊڄن.(56) سو جيڪڏهن تون هنن کي لڙائي ۾ ڏسين، انهن سان اهڙي ڪار ڪريو جو هن کان پويان وارا جٿا بہ ٽتر بتر ٿي وڃن تہ جيئن ان مان سبق حاصل ڪن.(57) جيڪڏهن توهان کي ڪنهن قوم کان عهد شڪني ۽ خيانت جو انديشو هجي تہ انهن جو عهد برابري جي بنياد تي انهن ڏانهن اڇليو (ورائيو) البتہ اوهان عهد جي پابندي ضرور ڪريو ڇو تہ الله خيانت ڪندڙن ۽ عهد جي پاسداري نہ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.(58)

هي عذاب جيڪو هن وقت هنن تي آيو آهي، اهو ڪو نئون عذاب ناهي، پر هنن کان اڳ فرعون وارن ۽ انهن جي پيش رو قومن تي آيل عذاب جو سلسلو آهي. هوشيار ڪرڻ واري تنبيه بعد بہ جيڪڏهن ڪا قوم عقل و شعور کان ڪم وٺي راهہ راست تي اچڻ لاءِ تيار ناهي. خدا جي واضح نشانين کي ڪوڙو سمجهي ٺڪرائي ڇڏي ٿي تہ هاڻي ان نوبت تي پهچي وئي آهي، جيڪا پهرين قومن جي معاملي ۾ عذاب جي صورت ۾ ايندي رهي آهي، جنگ بدر جنهن کي فرقان يعني حق ۽ باطل ۾ صاف صاف فيصلو ڪري حق کي ڪامياب ڪرڻ چيو ويو آهي ۽ انسانن جي عبرت لاءِ الله جي قوت طاقت ۽ حڪمت جو وڏو نشان آهي، ان مان بہ هنن سبق حاصل نہ ڪيو آهي، جنهن ڪري اسان هنن کي

سندن گناهن جي نتيجي ۾ هلاڪ ڪيو ۽ فرعون وارن ڪي درياهہ ۾ غرق ڪيو، اهي سمورا ظالم هئا. ظاهر ۾ تہ هو انسان نظر اچن ٿا پر حقيقت ۾ الله جل شانه وٽ اهي ظالم بدترين جانور آهن، ان ڪري جو انسان تيستائين انسان رهي ٿو، جيستائين هو علم و عقل ۽ سوچ سمجهہ جي روشني ۾ فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، پر جنهن وقت انسان مان اها صلاحيت ختم ٿي وڃي تہ هو جانورن کان بہ بدترين جانور ٿي وڃي ٿو. باقي جانور تہ پنهنجي فطرت تي قائم آهن، مگر هي بگڙيل جانور انساني صورت نما پنهنجي خداداد صلاحيتن جو قاتل آهي. ان ڪري حق ۽ سچائي جي سڃاڻپ وڃائي ويٺو آهي ۽ ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي. هي بدترين جانور ماڻهو ڪڏهن بہ ايمان نہ آڻيندو. هي عهد شڪن اهي ماڻهو آهن، جن سان تنهنجو باهمي عهد (معاهدو) ٿيو آهي، جيئن مديني ۾ يهودين سان عهد ڪيو ويو هو ۽ انهن پنهنجي عهد جي پاسداري نہ ڪئي هئي. دراصل هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي عهد ڪري بار بار پنهنجي عهد و پيمان کي ٽوڙي ڇڏين ٿا. هنن کي عهد شڪنيءَ جي نتيجي جي خبر ناهي، ان ڪري هو ان جي برن نتيجن کان بچڻ جي ڪوشش نٿا ڪن.

هاڻي جيڪڏهن هنن سان جنگ جي صورتحال ٿي وڃي تہ انهن کي اهڙي مار ڏيو جو هو تتر بتر ٿي ڀڄي وڃن ۽ جيڪي ماڻهو هنن جي حمايت ۾ پٺيان اچڻ وارا آهن، هنن جو اهو حشر ڏسي هو بہ پويان پير ڪن ۽ هن هار مان عبرت حاصل ڪن ۽ هميشہ لاءِ ياد رکن تہ عهد شڪنيءَ جا ڪهڙا تيجا نڪرندا. عهد جي پابندي نهايت لازم آهي، جنهن تي حرف بحرف عمل ڪرڻ واجب آهي، عهد انسان جي ڪردار ۽ ايمان جي علامت آهي. ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ ؕ“(المائده: 1/5) اي ايمان وارؤ! پنهنجن وعدن جي وفائي ڪريو. حديث شريف ۾ آهي: ”لَا دِيۡنَ لِمَنۡ لَّا عَهۡدَ لَهٗ“ جيڪو وعده شڪني ڪري ٿو، اهو ايمان وارو نہ آهي. هڪ ٻي حديث ۾ آهي: ”اٰيَةُ الۡمُنَافِقِ ثَلَاثٌ اِذَا حَدَثَ كَذَبَ وَاِذَا وَعَدَ اَخۡلَفَ وَاِذَا اؤۡتُمِنَ خَانَ“ (صحيح بخاري) منافق جون ٽي نشانيون آهن: (1) جڏهن ڳالهائيندو تہ ڪوڙ هڻندو، (2) جڏهن وعدو ڪندو تہ وعده خلافي ڪندو ۽ (3) جڏهن هن وٽ امانت رکي ويندي تہ خيانت ڪندو.““ (المؤمنون:8/23) مؤمنن جي نشاني آهي تہ اهي امانتن ۽ وعدن جي نگهباني ڪن ٿا.

جيڪڏهن توکي ڪنهن گروهہ کان عهدشڪنيءَ جو انديشو هجي تہ عهد جي اهميت کي ڏسندي، پاڻ مرادو عهد ختم ڪرڻ جو ارادو نہ ڪر، پر مخالف ڌر کي ان جو اطلاع ڪري پوءِ معاهدو ختم ڪر. معاهدي کي برابريءَ جي بنياد تي ختم ڪرڻ ضروري آهي. عهد شڪني جي صورت ۾ ٻي ڌر جي پهتل نقصان جو ازالو ڪرڻ ضروري آهي. الله جي قانون ۾ عهد شڪن ۽ خيانت دار الله کي هر گز پسند ناهي.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَاَعِدُّوْا
لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ
وَعَدُوَّكُمْ وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَمَا
تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۶۰﴾ وَاِنْ
جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶۱﴾

هي ڪافر انهيءَ غلط فهمي ۾ نہ رهن تہ هو خدا جي پڪڙ جي دائري کان نڪري ويا آهن، پر هو ڪنهن بہ صورت ۾ خدا جي قبضي کان نڪري نٿا سگهن.(59) توهان کان جيترو ٿي سگهي (مقابلي لاءِ) پنهنجي جنگي قوت ۽ صلاحيت ۽ سرحدن جي حفاظت لاءِ گهوڙا هميشہ تيار رکو، جنهن سان الله جي دشمنن ۽ توهان جي دشمنن تي هيبت طاري رهي ۽ ٻين انهن (دشمن) تي بہ جن جي اوهان کي ڄاڻ نہ آهي، پر الله انهن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. هن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ مال الله جي راهہ ۾ توهان خرچ ڪندؤ، اهو توهان کي پورو ڪري ڏنو ويندو ۽ ان ۾ اوهان سان ڪا بہ زيادتي نہ ٿيندي. (60) جيڪڏهن توهان جو دشمن صلح لاءِ جهڪي تہ اوهان صلح طرف مائل ٿي وڃو ۽ الله تي ڀروسو رکو، بيشڪ هو ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي.(61)

جيڪي ماڻهو خدا جي قانون کي نٿا مڃين ۽ انڪار ڪن ٿا، سرڪشي ۽ هٺ ڌرمي جو رستو اختيار ڪن ٿا ۽ طرح طرح جي بدعنوانين ۽ فتني فسادن جا مورد ٿين ٿا، اهي ڪڏهن به اهو نہ سمجهن تہ اهي خدا جي دائري اختيار کان نڪري ويا آهن. هو خدا کي ڪمزور ڪري اسان جي قبضي کان آجا ٿي ويندا، پر پنهنجي ڪفر جي سزا ضرور پائيندا رهندا. جنگِ بدر ۾ دشمنن کي عبرتناڪ شڪت ڏيڻ بعد توهان لاپرواهہ ٿي نہ وڃو، پر دشمن جي حملي جو انديشو هميشہ رکو. هنن کي جڏهن بہ موقعو مليو يا اوهان جي ڪمزوري معلوم ٿي تہ اوهان تي حمله آور ٿيندا، ان ڪري مستقل فوج، ضروري هٿيارن ۽ ساز سامان جي فراواني، گهوڙا، ٽينڪون، توبون، ميزائيل وغيره سڀ دستياب رکو، جنهن سان فورًا جنگي ڪارروائي ڪري، پنهنجو دفاع ڪري سگهو ۽ الله جي دشمن تي دهشت طاري ڪيو ۽ پنهنجي دشمنن جي اوهان کي خبر آهي ۽ اهي دشمن جن جو اوهان کي پتو ناهي، پر الله کي انهن جي خبر آهي. انهن جي دلين ۾ خوف ۽ هيبت پيدا ڪيو. (سوره محمد: 35/47) هن جهاد جي لاءِ خدا جي راهہ ۾ اوهان جيڪي مال و دولت خرچ ڪندا، اهو اوهان کي پوري جو پورو واپس ڪيو ويندو، جنهن ۾ ڪا ڪمي ڪوتاهي نہ هوندي ڇو تہ الله جي قانون ۾ ڪمي ڪرڻ جو حرف نہ آهي. پر جيڪڏهن جنگ دوران اهڙو مرحلو اچي وڃي، جو دشمن صلح طرف جهڪي پوي ۽ جنگ ڪرڻ بند ڪري تہ توهان بہ ان طرف صلح جو هٿ وڌايو، صلح هر حال ۾ پسنديده عمل آهي. امن جي ماحول ۾ اسلام جي انسان دوست حڪمن کي عام ڪرڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ ۾ آساني ٿيندي ۽ صلح مان اهي فائدي وارا نتيجا ملندا، جيڪي جنگ مان حاصل نہ ٿي سگهندا. ان ڪري صلح کي دشمن جي چال سمجهي فورًا رد نہ ڪري ڇڏيو. الله جي حمايت تي مڪمل ڀروسو رکو، هو هر قول عمل ۽ ارادي کي ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي.

وَاِنۡ يُّرِيۡدُوۡۤا اَنۡ يَّخۡدَعُوۡكَ فَاِنَّ حَسۡبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِىۡۤ اَيَّدَكَ بِنَصۡرِهٖ
وَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ ﴿۶۲﴾ وَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ لَوۡ اَنۡفَقۡتَ مَا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا

مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٣﴾
يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٤﴾ ع ٨

جيڪڏهن هو توهان کي ڏوکو به ڏيڻ گهرن ته به مطمئن رهو ته الله اوهان جي مدد ۽ حفاظت لاءِ ڪافي آهي، هي اهو ئي الله ته آهي جنهن پنهنجي مدد سان ۽ ايمان وارن جي جان نثاري واري جذبي سان تنهنجي تائيد ڪئي. (62) ۽ ايمان وارن جون دليون هڪ ٻئي سان جوڙي ڇڏيون. زمين ۾ جو ڪجهه به آهي، جيڪڏهن تون اهو سمورو خرچ ڪرين ها، تڏهن به هنن جي دلين کي جوڙي نه سگهين ها، پر الله انهن جي دلين کي جوڙي ڇڏيو. بيشڪ الله زبردست قوت ۽ اختيار جو مالڪ ۽ وڏي حڪمت جو ڌڻي آهي.(63) اي نبي خاتم النبيين ﷺ الله تو لاءِ ڪافي آهي ۽ اهي مسلمان، جن تنهنجو اتباع ڪيو آهي.(64)

مخالفن جي مقابلي ۾ اوهان جي روش ۽ پاليسي بين الاقوامي طور نهايت دليري ۽ بهادري واري هئڻ گهرجي. ڪنهن به صورت ۾ بزدليءَ جو اظهار ٿيڻ نه گهرجي. دشمن جڏهن به صلح لاءِ هٿ وڌائي ته ان جي نيت تي شڪ ڪندي، ڪڏهن به صلح کان انڪار نه ڪيو. جيڪڏهن واقعي هو صلح جو خواهشمند آهي ته پوءِ خونريزي جاري رکڻ جو ڪو جواز ناهي، پر جيڪڏهن پردي پٺيان ڏوکي ڏيڻ جي خواهش رکي ٿو ته به توکي گهٻرائڻ نه گهرجي. هن ۾ توهان جي اخلاقي برتري ثابت ٿيندي ۽ تنهنجي حمايت لاءِ تنهنجو الله ۽ اهي مؤمن جيڪي تنهنجو اتباع ڪن ٿا، انهن جي مدد ۽ حمايت ڪافي آهي.(الانعام: 52/6، الڪهف 28/18، الفتح 29/48) . تون ان الله تي پورو يقين ڪامل رک، جنهن اسلام جي برڪت سان عربن جي مختلف ٽولن ۽ قبيلن کي جن جي اندر سالن کان جنگيون جاري رهيون، تن کي محبت جي مالها ۾ پوئي ڇڏيو. اوس ۽ خزرج جيڪي ڪيترن سالن کان هڪ ٻئي جي خلاف انتقامي جنگ ۾ مشغول هيا ۽ هو هڪ نبيءَ جي وجود کي ئي

مٽائڻ وارا هئا، انهن کي پاڻ ۾ ملائي کير کنڊ ڪري ڇڏيو. جيڪي قبيلا هڪ ٻئي جي خون جا پياسي هئا، تن کي اسلامي اخوت ۽ برادري جي ناتي ۾ جوڙي هڪ ٻئي جو همدرد ۽ ڏک سک جو ساٿي بڻائي ڇڏيو. هي ڪارنامو آسان نه هو. سوره آل عمران: 103/3 ۾ آهي: "وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖۤ اِخْوَانًا" الله جل شانه جي ان وقت واري نعمت ياد ڪريو، جڏهن توهان هڪ ٻئي جا دشمن هيا ته هن (الله تعالىٰ) توهان جي دلين ۾ (هڪ ٻئي لاءِ) الفت پيدا ڪئي، پوءِ توهان هن جي مهربانيءَ سان پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ ٿي ويا. تون روءِ زمين جو سمورو مال ملڪيت خرچ ڪري هنن ۾ الفت ۽ محبت پيدا ڪونه ڪري سگهين ها. پر الله هنن جي دلين ۾ الفت جا جذبا اڀاريا، جنهن جي نتيجي ۾ روايتي دشمنيءَ جا پيڪر محبت ۽ همدردي جا علمبردار بڻجي ويا. مُسدّس حالي ۾ ان وقت جو نقشو خوب بيان ٿيل آهي. جن مان چند سٽون پيش خدمت آهن:

وہ بکر اور تغلب کی باہم لڑائی
صدی جس میں آدھی انہوں نے گنوائی
قبیلوں کی کردی تھی جس نے صفائی
تھی اک آگ ہر سو عرب میں لگائی

* * *

مفاسد کا زیر و زبر کرنے والا
قبائل کو شیر و شکر کرنے والا

* * *

وہ دیں جس نے اعداء کو اخوان بنایا
وحوش اور بہائم کو انسان بنایا

هي ان الله جي قدرت، طاقت ۽ حڪمت جو اظهار آهي. جيڪو هر شيءِ تي غالب ۽ حڪمت جو ڌڻي آهي. اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صلی الله عليه وسلم ڪافرن جي ڪثرت، سندن شرارت ۽ مال و دولت ڪڏهن به دل ۾ نه آڻ. هي پنهنجي تمام سازشن ۽ ڪوششن سان تنهنجو وار

بہ ونگو ڪري نٿا سگهن، تنهنجي مدد لاءِ الله ۽ تنهنجي رفاقت ۽ ساٿ لاءِ تنهنجا اهي مٺ
ڀر مؤمن جيڪي تنهنجي اتباع ۾ ڪوشان آهن، ڪافي آهن، توکي ڪنهن ٻئي سهاري
جي ضرورت ناهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ
صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْۤا اَلْفًا مِّنَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَ
عَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ
وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْۤا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٦٦﴾
مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗۤ اَسْرٰى حَتّٰى يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِ ؕ تُرِيْدُوْنَ
عَرَضَ الدُّنْيَا ۖۗ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٧﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ
مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَاۤ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ
حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ ۙ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ ع

اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! ايمان وارن کي جهاد جي ترغيب ڏيو. جيڪڏهن
توهان ۾ 20 ثابت قدم رهڻ وارا هجن تہ اهي 200 ڪافرن تي غالب اچي ويندا ۽
جيڪڏهن 100 (ثابت قدم مجاهد) هوندا تہ ڪافرن جي 1000 لشڪر تي غالب
اچي ويندا. ان ڪري جو اهي ڪافر بي سمجهہ آهن.(65) البتہ هن وقت الله
توهان تي بار هلڪو ڪيو آهي، ان ڪري جو هن کي معلوم آهي تہ توهان ۾
ڪجهہ ڪمزوري آهي، توهان جا 100 ثابت قدم سپاهي هوندا تہ 200 تي غالب

اچي ويندا ۽ جيڪڏهن توهان مان 1000 اهڙا هوندا ته الله جي حڪم سان 2000
تي ڀاري پوندا. الله انهن جو ساٿي آهي، جيڪي ثابت قدم آهن.(66) ڪنهن به
نبيءَ جي شايان شان ناهي، جو هو ڪافرن کي قيدي (فديو وٺڻ لاءِ) ڪري جيستائين
هو زمين تي انهن جي خونريزي ڪري رت نه وهائي ۽ زمين کي ڪفر کان پاڪ
صاف نٿو ڪري. توهان دنيا جو مال متاع گهرو ٿا، الله اوهان جي آخرت جي ڀلائي
گهري ٿو. الله زبردست قوت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (67) جيڪڏهن
الله طرفان (قانون مهلت) جو لکيو نه هجي ها ته جيڪو طريقو اوهان اختيار
ڪيو هو، ان جي ڪري توهان تي وڏو عذاب نازل ٿي وڃي ها.(68) سو (مسلمانو)
توهان ان مال غنيمت مان حلال ۽ پاڪيزه ڀلي کائو الله جي حڪمن تي پوري
طرح عمل ڪريو. بيشڪ الله وڏو بخشيندڙ ۽ نهايت مهربان آهي.(69)

اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! تون پنهنجي تبليغ، تعليم ۽ تربيت جاري رک. انهن مؤمنن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪر ۽ انهن ۾ جذبه ايمان کي مضبوط کان مضبوط ڪر ۽ هنن ۾ الله جي دين خاطر جان نثاريءَ جو جذبو پيدا ڪري، کين جهاد ۾ حصو وٺڻ لاءِ ترغيب ۽ تحريض ڏي ۽ انهن ۾ توانائي، برداشت ۽ ثابت قدميءَ جو اهڙو روح ڦوڪ، جو جڏهن مردانه وار جنگ جي ميدان ۾ اچن ته سندن 20 ثابت قدم سپاهي 200 ڪافرن تي ڪاميابي ۽ غلبو حاصل ڪندا، پر جيڪڏهن 100 جان نثار ثابت قدمي سان وڙهندا ته 1000 ڪافرن تي غالب اچي ويندا، ان ڪري جو هو ڪافر بصيرت نٿا رکن. هو انتقام ۽ نفرت جي جذبن ۾ اچي حق ۽ سچ خلاف لڙي رهيا آهن، پر مؤمنن ۾ ايمان جي بصيرت آهي، جيڪو انسان جو اصل جوهر آهي. هن ايماني بصيرت واري جذبي سان جڏهن جان نثار مجاهد جنگ جي ميدان ۾ ايندو آهي ته هو اڪيلو هڪ لشڪر جي قوت سان سرشار هوندو آهي. زندگي کان شهادت وڌيڪ عزيز ۽ الله جي نصرت جو يقين هن جو نصب العين Moto هوندو آهي. ان ڪري اهڙين صفتن سان سرشاريل، ڪافرن جي مقابلي ۾ ڏهوڻ قوت اچي ويندي آهي ۽ به مسلمان سپاهي ويهن ڪافرن تي ۽ ويهه مسلمان سپاهي به سؤ ڪافرن تي

غلبو حاصل ڪندا آهن. (سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم) ”الله طرفان هڪ مسلمان مجاهد ڏهہ ڪافرن تي غلبو پائيندو“ جو اصول دائم قائم آهي. يعني مؤمن ۽ مسلمان هجڻ جي ان اصولي ۽ معياري حيثيت سان اهو تناسب هميشہ برقرار رهندو. ”وَلَا تَهِنُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ“ (آل عمران: 139/3) سچا پڪا جان نثار مؤمن آهيو تہ پوءِ هميشہ غالب ۽ مٿانهان رهندؤ، ان ڪري نہ سستي ڪريو ۽ نہ غم ڪريو، بس الله تي توڪل رکي دشمن تي حملو ڪريو. پر اسلام جي هن ابتدائي دور ۾ اوهان مان ڪجهہ ماڻهن جي اڃان اخلاقي تربيت، حقيقي شعور ۽ سمجهہ سوچ جو معيار ان تڪميل جي حد تي نہ پهتو آهي، ان ڪانسواءِ جنگ لاءِ گهربل هٿيار، سازو سامان، تربيت ۽ مالي وسائل جي بہ ڪمي آهي، ان ڪري اوهان جي هن ڪمزور پهلوءَ ڪي ڏسندي، هاڻي هڪ سؤ صابر مجاهدن جو بہ سؤ ڪافرن تي غلبي جو يقين آهي، توهان جا هڪ هزار مجاهد بہ هزار ڪافرن تي الله جي حڪم سان غالب رهندا. پر ياد رکو تہ ثابت قدم جان نثار ايماني بصيرت ۽ جذبي واري هڪ مجاهد جو ڏهن ڪافرن تي غلبي وارو الله جو اصول هميشہ هوندو. ”لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ“ جو قانون تبديليءَ کان پاڪ آهي.

جنگ بدر ۾ قريش جا ستر ماڻهو قيدي ٿيا، جن کي قتل ڪرڻ بدران فديو وٺي آزاد ڪيو ويو، جنهن کي ڪافر سياسي رنگ ڏئي، مڪي ۾ پروپيگنڊا ڪرڻ لڳا تہ ڏسو اسان جو انديشو صحيح ثابت نڪتو. مسلمانن مال متاع ميڙڻ جي حرص ۾ پهريان تجارتي قافلو لٽڻ تي گهريو، ان ۾ ناڪامي کان پوءِ جنگي قيدين جو فديو ورتو آهي. هي دين وغيره جي نانءُ تي دراصل مال متاع ميڙڻ گهرن ٿا، جيڪو نبي جو ڪم ناهي. الله ان غلط پروپيگنڊا جي جواب ۾ ارشاد فرمايو، يقينًا خدا جا پيغمبر قيدي ڪرڻ ۽ فديو وٺڻ لاءِ جنگ ڪونہ ڪندا آهن، انهن جو مقصد دين جي غلبي لاءِ ڪافرن جي خونريزي ڪري زمين تي الله جي وحدانيت، حاڪميت ۽ قانون قائم ڪرڻ آهي. پر ڪنهن حق واري مقصد جي حصول لاءِ جنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي وڃن تہ قيدي بہ پڪڙيا آهن ۽ مال غنيمت بہ هٿ ڪندا آهن. سندن اصل مقصد زمين کي ڪفر کان پاڪ ڪرڻ آهي، قيدي بنائڻ يا مال ڪٺو ڪرڻ نہ آهي.

سوره محمد: 4/47 ۾ آهي: ”فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ حَتّٰٓى اِذَآ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ فَاِمَّا مَنًّا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۚ ذٰلِكَ ۛ وَلَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ

لَا انْتَصَرَ مِنْهُمْ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَاْ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ۭ وَالَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ۝ ؎

جڏهن ڪافرن سان جنگ ٿي وڃي تہ پوءِ هنن جا ڪنڌ ڪاٽي ڇڏيو ۽ ڪين رتوڇاڻ ڪريو ۽ قيدي بنايو، جيستائين جنگ ختم ٿئي. ان ڪان پوءِ انهن قيدين ڪي يا تہ احسان طور آزاد ڪريو يا ڪانئن جرمانو/ ڇٽي وٺو، ڇوتہ هنن جنگ جوٽي اوهان جو بي تحاشا خرچ ڪرايو آهي، حالانڪہ هنن ڪافرن جي انڪار ۽ سرڪشيءَ جو الله جل شانه پاڻ بہ بدلو وٺڻ گهري ها تہ وٺي ڇڏي ها، پر هو توهان انسانن جي بعض ڪي بعض هٿان آزمائي ٿو. پوءِ جيڪي جنگ ۾ شهيد ٿيا، الله انهن جو عمل ضايع نٿو ڪري.

سوره محمد مدني آهي. قرآني ترتيب ۾ 47 نمبر تي ۽ نزول ۾ 96نمبر تي آهي. سورة الانفال قرآني ترتيب ۾ 8 نمبر تي ۽ نزول ۾ 95 نمبر تي آهي. سورة الانفال جنگ بدر 2 هجري بعد نازل ٿي. سورة البقره بہ ان دور جي آهي. سوره محمد انهن ڪان بعد نازل محسوس ٿئي ٿي. ان ڪري حڪم آهي تہ جنگ ۾ دشمن ڪي قتل ڪيو. پر جيڪڏهن ڪجهہ قيدي ٿي پون تہ انهن ڪي قيد ۾ رکو تہ جيئن هو مسلمانن جو سهٽو سلوڪ ڏسي ايمان آڻين يا ڪين بعد ۾ احسان طور آزاد ڪريو. يا قيدين جي تبادلي ۾ آزاد ڪيو. هت قيديءَ ڪي معاوضي ۾ ڇڏڻ يا احسان ڪري بغير معاوضي ڇڏڻ جو حڪم آيو آهي. يا دشمن سان معاهدو ٿي وڃي يا هن دور مطابق بين الاقوامي معاهدي طور قيد رکڻ ۽ ڇڏڻ آهي. غلام بنائڻ هن دور جي معاهدن ۾ ناهي، ان ڪري جنگ ۾ قتل ڪرڻ، جنگ بعد قيدي ڪري رکڻ ۽ ملڪي معاهدي يا بين الاقوامي معاهدي تي عمل ڪرڻ يا قيديءَ جو قيديءَ سان تبادلو يا احسان طور ڇڏڻ آهي.

(قريش مڪہ) هي اوهان جو شيوه آهي تہ دنيا جو سازو سامان هٿ ڪجي. پر الله تہ آخرت جو سامان ڏيڻ گهري ٿو. الله پنهنجي مشيت ڪي عمل پيرا ڪرڻ ۾ غالب بہ آهي تہ سندس هر ڪم حڪمت وارو بہ آهي. جنگ بدر پهرين جنگ هئي، جنهن لاءِ جنگ ۽ ان بعد جي نتيجن تي ڪو وضاحت سان حڪم نہ آيو هو، ان ڪري هن اجتهادي خطا تہ (قتل بدران فديو) وٺڻ جي مهلت ۾ معافي ڏجي ٿي، پر جيڪو طريقو اوهان اختيار ڪيو هو، ان سبب اوهان تي هڪ عظيم عذاب نازل ٿئي ها. سو مسلمانؤ! ڪافرن جي انهيءَ غلط سياسي پروپيگنڊا تي ڌيان نہ ڌريو. في الوقت جو مال متاع، مال غنيمت ۽ فدئي مان

حاصل ٿيو آهي، ان مان حلال ۽ پاڪ شيون بنا ڪنهن تردد ۽ شڪ گمان جي ڪائو ۽ استعمال ۾ آڻيو. پر هميشہ الله جي منع ٿيل شين ۾ محتاط رهو. پر جيڪڏهن ڪا ننڍڙي غلطي يا ڪوتاهي ٿي وئي تہ الله بخش ڪرڻ ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي يا هن جو اهو مطلب آهي تہ قريش جهڙي طرح مديني تي ڪاهہ ڪري نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ڪي نيست و نابود ڪرڻ تي گهريو، ان جي سزا تہ تمام وڏي هئي. پر شڪر ڪريو جو قيدي پڪڙي فديو ورتو ويو ۽ اوهان عذاب کان بچي ويا.

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓىۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ
خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾
وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْؕ
وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ
وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ
اَوْلِيَآءُ بَعْضٍؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ
مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْاۚ وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ
النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٧٢﴾

اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم تنهنجي قبضي ۾ جيڪي قيدي آهن، انهن کي چئو تہ جيڪڏهن الله توهان جي دلين ۾ خير ڏسندو تہ اوهان کان فديي ۾ جيڪو مال ورتو ويو آهي، ان کان بهتر عطا ڪندو ۽ توهان جا گناهہ معاف ڪندو، حقيقت آهي تہ الله مغفرت ۽ حفاظت ڪرڻ وارو ۽ دائمي شفقت ڪرڻ وارو آهي.(70) پر جيڪڏهن هي توسان خيانت ڪرڻ گهرن ٿا تہ اها هنن کان بعيد ناهي. ان ڪري جو هن کان اڳ هنن الله سان بد عهدي ڪئي آهي، ان ڪري الله هنن کي

اوهان وٽ قيد بنايو ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي. (71)
بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت ڪئي ۽ الله جي راھ ۾ پنهنجي جان ۽
مال سان جهاد ڪيو ۽ جن مهاجرن کي پناھ ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي، اهي
ئي هڪ ٻئي جا ولي (حامي ۽ ناصر) آهن، مگر اهي ماڻهو جن ايمان تہ آندو پر
(مديني لاءِ) هجرت نہ ڪئي توهان تي انهن جي مدد ۽ نصرت جو ڪو رشتو
ناهي، جيستائين هو هجرت ڪري (مدينہ) نٿا اچن. پر جيڪڏهن دين جي
معاملي ۾ مدد گهرن ٿا تہ انهن جي مدد ڪرڻ توهان تي فرض آهي. پر اهڙي
قوم جي خلاف هنن جي مدد نہ ڪريو، جنهن سان اوهان جو معاهدو ٿيل آهي.
جيڪي ڪيو ٿا الله ان کي بخوبي ڏسي پيو. (72)

جنگ بدر ۾ ستر ڪافر مسلمانن وٽ قيدي ٿي آيا، جن ۾ ڪيترا مديني هجرت ڪري آيل مسلمانن جا قريبي رشتيدار هيا، انهن ۾ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جو سڳو چاچو حضرت عباس رضي الله تعالى عنه ۽ حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جي نياڻي حضرت زينب جو شوهر ۽ حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جو نياڻو بہ هيو. حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم صحابہ ڪرام سان انهن قيدين جي مستقبل بابت مشورو ڪيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالى عنه ۽ وڏي اڪثريت چيو تہ فديو وٺي ڇڏي ڏجي، جنهن جي ڪري ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ هن رعايت ۽ حسن سلوڪ سبب مسلمان ٿي وڃن ۽ اسلامي رياست کي بہ مالي مدد ملي ويندي. حضرت عمر رضي الله تعالى عنه ۽ ڪجھ اصحابن سڀني چيو تہ هنن جو سر قلم ڪيو وڃي تہ ڪافرن تي دهشت طاري ٿئي، مگر اڪثريت پاران حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالى عنه جي راءِ قبول ڪري قيدين کان فديو ورتو ويو. هاڻي هنن آيتن ۾ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم کي خدا تعالىٰ جو حڪم آهي تہ هي جنگ بدر جا قيدي جيڪي تنهنجي قبضي ۾ آهن، هنن کي چئو تہ توهان کان جو ڪجھ فديي ۾ ورتو ويو آهي، ان تي توهان افسوس نہ ڪريو. جيڪڏهن توهان جي دل ۾ خيرسگاليءَ جا جذبات موجود آهن ۽ اسان جي هن نرم رويي بعد توهان کي قتل ڪرڻ بدران فديي تي آزاد ڪجي ٿو ۽ توهان پنهنجي دل ۾ يقين ڪيو تہ اڳتي مسلمانن خلاف تلوار نہ ڪڍندا ۽ عهد ڪيو تہ ايمان آڻيندا تہ توهان جو ڪجھ فديي ۾ ڏنو آهي، الله تعالىٰ توهان کي ان کان

گهڻو سنو عطا ڪندو. توهان جا گناهہ ۽ قصور معاف ڪندو. الله اوهان جي دلين کان خوب واقف آهي. ان ڪي ڏوڪو ڏئي نٿا سگهو. جيڪڏهن وعده وفائي ڪئي ۽ بعد ۾ ايمان بہ آندو تہ خدا تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش جا در کليل آهن، هو نهايت غفور رحيم آهي. پر جيڪڏهن توهان عهدشڪني ڪري، خيانت اختيار ڪئي، ڏوڪو ڏنو ۽ ساڳي شرارت ڪئي ۽ مڪاري ڪري پاڻ ڪي بچائڻ جو ذريعو ڪيو تہ اوهان ڪي خبر آهي تہ هن کان اڳ اهڙي روش تي اوهان جو ڪهڙو حشر ٿيو. هاڻي ان کان بہ وڏيڪ سخت سزا هوندي. الله پوريءَ طرح باخبر آهي ۽ سندس هر ڪم حڪمت تي مبني آهي.

ياد رهي تہ (1) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ حضور اڪرم ﷺ سان گڏ هجرت ڪئي، پنهنجي جان ۽ مال ذريعي جهاد ۾ شريڪ ٿيا ۽ (2) جن انصار انهن مهاجرن جي مدد ڪئي، اهي هڪ ٻئي جا ولي ۽ دوست آهن (3) پر جن ايمان آڻڻ وارن هجرت نہ ڪئي ۽ بناعذر ڪافرن سان گڏ رهڻ پسند ڪيو تہ انهن جي اعانت ۽ رفاقت جي اوهان تي ڪابہ ذميداري نہ آهي. جيستائين هو هجرت ڪري توهان سان اچي نٿا ملن، پر جيڪڏهن هو سچيءَ دل سان اچڻ گهرن ٿا، مؤمن بہ آهن ۽ ڪنهن مجبوريءَ ڪري نٿا اچي سگهن يا بيمار ۽ لاچار آهن ۽ اتي ڪين ڪافر دين اسلام جي ڪري تڪليفون ۽ ايذاءُ ڏئي رهيا آهن ۽ اهي توهان کان مدد گهرن ٿا تہ انهن جي مدد ضرور ڪريو، جيڪا توهان تي واجب آهي. (النساء: 75/4) پر اهڙي غيرمسلم قوم، جنهن سان اوهان جو عهد ٿيل آهي، جنگ جهڙي مدد نہ ڪندا. معاهدي ڪي برقرار رکڻ ضروري آهي. الله تعاليٰ ڪي سڀ معلوم آهي ۽ هن جي اوهان جي قول و فعل تي نظر آهي.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِى الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ؕ۝٧٣ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝٧٤ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا

مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ ؕ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٥﴾ ع

كافر هڪ ٻئي جا حامي آهن، ان ڪري جيڪڏهن توهان مظلوم مسلمانن جي مدد نہ ڪندا تہ ملڪ ۾ وڏو فتنو ۽ فساد برپا ٿي ويندو.(73) جن ماڻهن ايمان قبول ڪيو (مديني ڏانهن) هجرت ڪئي ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن هجرت ڪرڻ وارن کي پناهہ ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي، اهي ئي سچا مؤمن آهن. انهن لاءِ مغفرت ۽ عزت وارو رزق آهي.(74) ۽ جن ان کان پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت (مدينہ) ڪري آيا ۽ توهان سان جهاد ۾ شريڪ ٿيا، اهي بہ اوهان ماڻهن منجهان آهن. رت جا رشتيدار بهر ڪيف خدا جي قانون ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ حقدار آهن. هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو.(75)

سمورا ڪافر هڪ برادري ۽ هڪ جماعت آهن. اهي هڪ ٻئي جا دوست ۽ ولي آهن. اسلام هڪ الڳ دين آهي ۽ ٻيا سمورا مذهب مسلڪ هڪ الڳ دين آهن، جيڪو اسلام جو ضد آهي. يعني هڪ طرف مسلم آهن تہ ٻئي طرف غيرمسلم آهن. اهي پلي عقيدن، ريتن ۽ رسمن ۾ هڪ ٻئي جا مخالف هجن، پر غيرمسلم واري دين ۾ هڪ ٿي اسلام واري دين جا دشمن آهن. غير مسلم ڪهڙي بہ مسلڪ يا مذهب جا هجن، اسلام خلاف سڀ ڪٺا آهن. سمورا ڪافر هڪ ٻئي جا دست و بازو آهن، حمايتي ۽ مددگار آهن. هو اسلام قبول ڪندڙن جا مخالف ۽ ڪين ايذاءُ ۽ نقصان جي درپي آهن ۽ ڪفر کي پنهنجي لاءِ سودمند سمجهن ٿا. ان ڪري مسلمانن کي بہ اتحاد ۽ اتفاق ڪري مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان مسلمانن اتحاد جو اهو فريضو ادا نہ ڪيو تہ پوءِ ڪافر مسلمانن سان ظلم زيادتي ۽ لٽ مار، فتني ۽ فساد کي جنم ڏيندا ۽ زمين جو امن و سڪون تباهہ ٿي ويندو. جيڪي ماڻهو ايمان جي دولت سان سرفراز هوندا آهن ۽ حضور اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم سان گڏ مديني طرف هجرت ڪري آيا آهن ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪن ٿا ۽ ٻيا جيڪي انصار انهن کي پناهہ ڏين ٿا ۽ مدد ڪن ٿا، اهي سمورا ئي سچا مؤمن آهن.

(الانفال: 4/8، 9، 12) هتي هجرت ۽ جهاد في سبيل الله ڪرڻ ۾ مهاجرن ۽ هجرت ڪري اچڻ وارن مهاجرن ۽ انهن لاءِ پنهنجي پناهه ۽ مالي اخلاقي امداد جو دامن ڪشادو ڪندڙ انصار کي سچو مؤمن قرار ڏنو ويو آهي ۽ انهن لاءِ الله جي مغفرت جو اطمينان ۽ پاڪ ڪشاده رزق جو يقين ڏياريو ويو آهي. جنهن هجرت جو هت اهو اعلىٰ مقام ٻڌايو ويو آهي، اها حضور ﷺ جي ابتدائي دور ۾ جڏهن مسلمان ۽ اسلامي نظام مضبوط نه ٿيا هئا ۽ ڪافرن جو ظلم زور زيادتيءَ واري عروج تي هئا، اهڙي ڏکئي وقت ۾ هنن دين اسلام جي سربلندي لاءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ هجرت ڪري دين کي روشن ڪرڻ واري شمع تحريڪ ۽ تبليغ اسلامي جو سلسلو جاري رکڻ واري جذبي ۽ ايماني جرئت جو نالو هجرت آهي. حضور ﷺ جو فرمان آهي ته فتح مڪه کان بعد هجرت نه پر جهاد واري نقل مڪاني آهي. هجرت رڳو مشڪل ۽ نامناسب هنڌ کان نڪري، ڪنهن مناسب هنڌ تي دين جي فروغ لاءِ ڪم ڪرڻ جو نالو هيو، جنهن لاءِ ابتداءِ اسلام جون ڏکيون حالتون ئي اصل هجرت جو ڪارڻ هيون. باقي وڻج واپار، ملازمت يا مال متاع جي لالچ ۾ منتقل ٿيڻ هجرت ناهي. ها خدانخواسته اهڙيون نازڪ حالتون پيدا ٿي وڃن، جنهن ۾ دين اسلام تي عمل ڪرڻ ان جي تبليغ ڪرڻ تي سخت تڪليفون اچن، انهي خالص ديني جذبي سان دين جي تبليغ خاطر هجرت ڪري ته اسلام واري هجرت ٿي ويندي، باقي ٻي ڪابه لڏپلاڻ اسلامي هجرت ناهي، پر لغوي معنىٰ ۾ "هجرت" يعني ٻئي هنڌ وڃڻ جو نالو آهي ته ٻئي هنڌ وڃي دين اسلام جو پيغام گهر گهر پهچايو وڃي ته پوءِ اهڙي هجرت ٿي ويندي. ها! جن ماڻهن ايمان قبول ڪيو، هجرت ڪئي ۽ جهاد ۾ اوهان سان برابر جا شريڪ رهيا ته انهن جو شمار به اوهان جي جماعت ۾ آهي ۽ اهي سچا مؤمن آهن، پر رشتيدار پاڻ ۾ رشتي جي نسبت سان الله جي ڪتاب ۾ آيل وراثت جي مال ۾ قانونِ وراثت مطابق وڌيڪ حقدار آهن. ان ڪري مواخات يا اسلامي ڀائيچاري وارو حڪم ميراث تي لاڳو ناهي، پر مالِ ميراث جي تقسيم وقت انهن کي ڪجهه ڏيڻ يا مرڻ کان اڳ وصيت ڪرڻ بعد ڪين امداد طور ملندو، اهو ميراث نه هوندو. ياد رهي ته هجرت بعد مديني ۾ هڪ انصار کي هڪ مهاجر ڀاءُ بنائي ڏنو ويو هو، اها مؤاخات ميراث جي مال ۾ ناهي. هي الله جو حڪم ۽ قانون آهي، الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو ته ڪهڙي شيءِ ڪنهن جو حق آهي.

# سُوۡرَةُ التَّوۡبَه

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله تعالىٰ جي بابرڪت نالي سان شروع ڪيان ٿو، جيڪو وڏو مهربان ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

سورة التوبه مدني سورت آهي، هن کي ”البرآءَة“ به چوندا آهن. ”توبه“ ان ڪري، جو هن ۾ بعض مؤمنن جي توبه قبول ڪرڻ جو ذڪر آهي. ۽ ”برآءَة“ ان ڪري ته هن ۾ مشرڪن سان برائت جو اعلان آهي. هيءَ سورة فتح مڪه بعد 9 هجري ۾ نازل ٿي. قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب ۾ هن جو 9 نمبر آهي، پر نزول جي لحاظ سان 113 نمبر آهي. يعني هن کان اڳ 112 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون ۽ هن بعد آخري سورة ”المائده“ جو نمبر 114 آهي. هن سورت جي ابتدا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان نه ڪئي وئي آهي. سورة الانفال مدينه منوره ۾ ابتدائي دور ۾ نازل ٿيندڙ سورت آهي ۽ سوره توبه مدينه منوره جي آخري دور يعني 9 هجري ۾ نازل ٿي. جڏهن حج جي قيادت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ڪئي ۽ هن سورت جي نزول بعد حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنه حضور اڪرم خاتم النبيين صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي حڪم سان روانو ٿيو ۽ حج اڪبر ۾ مشرڪن سان برائت جو اعلان ڪيو. هنن ٻنهي سورتن ۾ جهاد ۽ قتال جو ذڪر آهي. ان ڪري ترتيب ۾ گڏ رکيو ويو آهي. ڪجهه جو خيال آهي ته هيءَ سورت انفال جو حصو آهي، ان ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان شروع نه ڪئي وئي آهي. ڪجهه جو خيال آهي ته سورت جي شروعات ئي مشرڪن ۽ ڪافرن سان عذاب ۽ غصي سان ٿي آهي، جيڪا غضب جي علامت آهي، ان ڪري ان ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ شروع نه ڪئي وئي آهي. مفسرين حضرات جا جدا جدا قول آهن، پر درست اهو ٿو لڳي، جيڪو امام رازي رحمة الله عليه چيو آهي ته نبي اڪرم خاتم النبيين صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم هن سورت جي شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ناهي لکي، ان ڪري

نتي لکي وڃي.

جيڪڏهن سورة الانفال پڙهندي ان جي اختتام بعد سورة التوبه به پڙهندو ته پوءِ بسم الله الرحمٰن الرحيم نه پڙهندو، پر جيڪڏهن شروعات ئي سوره توبه سان ڪندو يا سورة جي وچ مان پڙهندو ته پوءِ اعوذ بالله من الشيطان الرجيم ۽ بسم الله الرحمٰن الرحيم ضرور پڙهندو. هن سورت ۾ مشرڪن کي چئن مهينن تائين رهڻ جي مهلت ڏني وئي هئي ۽ ان بعد کين ڪنهن بئي هنڌ جتي وڻي، وڃڻو هيو. چئن مهينن بعد به جيڪڏهن ڪو رهڻ گهري ٿو ته اهو اسلامي برادري جو فرد ٿي رهي سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ کين قتل ڪيو ويندو. صلح حديبيه واري معاهدي وقت حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ ۽ 1400 صحابه ڪرام کي عمرو ڪرڻ نه ڏنو هيو. "اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا" (28/9) (مؤمنو! مشرڪ پليت آهن ۽ هن سال کان پوءِ هو مسجد الحرام نه اچن) هن حڪم بعد مشرڪن کي ڪعبة الله اچڻ کان روڪيو ويو هو. يهود حضرت عزير عليه السلام السلام ۽ نصاريٰ حضرت مسيح عليه السلام کي ابن الله چوندا هيا ۽ دين اسلام جي شمع اجهائڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هيا.

هن سورت ۾ هجرت دوران غار ثور ۾ سڪونت جو ذڪر، جنگ تبوڪ جو بيان آهي، جنهن ۾ مسلمانن لاءِ جهاد لازم ڪيو ويو. هن کان اڳ مسلمان ازخود يعني Voluntarily شرڪت ڪندا هيا. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ مسجد ضرار ۾ نماز نه پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ آخري آيت ۾ حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ مؤمنن لاءِ رؤف رحيم هجڻ جو ذڪر آهي.

———●●●———

آيتون ١٢٩ | سُوۡرَةُ التَّوۡبَـةِ (مدني سورت) | رکوع ١٦

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖۤ اِلَى الَّذِيۡنَ عٰهَدۡتُّمۡ مِّنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ؕ ①
فَسِيۡحُوۡا فِى الۡاَرۡضِ اَرۡبَعَةَ اَشۡهُرٍ وَّ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّكُمۡ غَيۡرُ مُعۡجِزِى اللّٰهِ ۙ
وَاَنَّ اللّٰهَ مُخۡزِى الۡكٰفِرِيۡنَ ② وَ اَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖۤ اِلَى النَّاسِ
يَوۡمَ الۡحَجِّ الۡاَكۡبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِىۡٓءٌ مِّنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ۙ وَرَسُوۡلُهٗ ؕ فَاِنۡ تُبۡتُمۡ
فَهُوَ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ ۚ وَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّكُمۡ غَيۡرُ مُعۡجِزِى اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ
الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ۙ ③

الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي بيزاريءَ (يعني معاهدي کان دست برداري) جو اعلان آهي، انهن مشرڪن جي باري ۾ جن سان اوهان معاهده ڪيا هئا. (1) سو (اي مشرڪو) اوهان چار مهينن تائين پلي گهمو ڦرو، اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته الله کي عاجز ڪري نٿا سگهو، ياد رهي ته الله ڪافرن کي رسوا ڪرڻ وارو آهي. (2) الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم طرفان عوام الناس لاءِ حج اڪبر جي ڏينهن صاف اطلاع آهي ته يقينًا الله مشرڪن کان بيزار آهي ۽ ان جو رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم به. جيڪڏهن هاڻي به توهان توبه ڪيو ته اوهان جي لاءِ خيرو برڪت آهي، پر جيڪڏهن روگرداني ڪندؤ ته اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته الله کي هرگز عاجز ڪري ڪونه سگهندؤ. هنن ڪافرن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏئي ڇڏيو. (3)

هجرت ڪري مديني منوره پهچڻ بعد نبي اڪرم ﷺ جن تبليغ دين جو ڪم جاري رکيو. مڪي مڪرمہ ۾ سڪونت دوران اتي جي باشندن سان عهدوپيمان ٿيل هئا. رمضان 8 هجري ۾ فتح مڪہ واري سال حج قديم رسمن مطابق ٿيو. 9 هجري جو حج مسلمانن پنهنجي طريقي ۽ ڪافرن مشرڪن پنهنجي طريقي سان الڳ الڳ ڪيو. مسلمانن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي امارت ۾ حج جي سعادت حاصل ڪئي. هن حج دوران حضور ﷺ جن جي فرمان مطابق حضرت علي رضي الله عنه قرآن جون هي آيتون پڙهي ٻڌايون، جنهن سان پوري عرب جي مشرڪن تائين اطلاع ڏيڻ جي ذميواري پوري ٿي ۽ مشرڪن کي ٻڌايو ويو تہ اوهان جن معاهدن جي عهد شڪني ڪئي هئي، اوهان سان ڪيل عهدو پيمان ختم ڪيا وڃن ٿا. مشرڪن جي انهن خلاف هن اعلان تي عمل حرمت واري آخري مهيني محرم الحرام گذرڻ بعد شروع ٿي ويو، ڇو تہ اعلان حج اڪبر دوران ڪيو ويو، پر جن معاهدن ۾ اجان وقت هيو ۽ عهدشڪني نہ ڪئي هئي، تيستائين ڪين رخصت ڏني وئي تہ پلي گهمو ڦرو، پر چئن مهينن جي ختم ٿيڻ شرط اهي معاهدا بہ اختتام پذير ٿيندا. هن جو خلاصو هي آهي تہ (1) جن عهدشڪني ڪئي، انهن کي ايندڙ مهيني محرم الحرام بعد بيت الله اچڻ کان روڪيو ويندو. (2) جن سان ڪو عهد و پيمان ٿيل ناهي، يا غيرمدت مقرر جو عهد آهي تہ انهن کي چئن مهينن تائين جي اجازت هوندي. (3) جن سان هڪ مقرر مدت جو عهد آهي ۽ انهن عهدشڪني نہ ڪئي آهي تہ عهد جي ميعاد پوري ڪرڻ تائين رهي سگهندا. انهن ٽنهي حالتن دوران ڪنهن اسلام قبول ڪيو تہ اهو مسلم برادريءَ جو فرد هوندو، پر جيڪڏهن اسلام نٿو قبول ڪري ۽ اتي رهڻ گهري ٿو تہ پوءِ ڪيس تلوار جو مزو چکڻو پوندو.

جنهن کان پوءِ مشرڪن کي ڪعبة الله ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو. تمام مشرڪن کي ڪعبة الله ۾ اچڻ کان روڪڻ ۽ ڪعبة الله جي مجاور ۽ متولي قريش مشرڪن کي بي دخل ڪرڻ نهايت پُرخطر حڪم هيو، جنهن سان پوري عرب ۾ اشتعال ۽ دشمني جي باهہ پڙڪڻ جا امڪان هيا، مگر نہ رڳو اهو حڪم عمل ۾ آيو، پر ان بعد ڪيترا مشرڪ مشرف باسلام ٿيا. اهڙي طرح ڪعبة الله بت پرستيءَ جي تمام رسمن

رواجن کان پاڪ ٿي ويو، پر جن مشرڪن عهدشڪني نہ ڪئي، انهن ڪي معاهدن جي مدت تائين ڇڏيو ويو. ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ 10 هجري واري حج مبارڪ تي پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ حج واري ڏينهن حاضرين کان پڇيو تہ اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي. حاضرين جواب ڏنو تہ اڄ يوم النحر آهي. پاڻ فرمايائون تہ اڄ حج اڪبر جو ڏينهن آهي. عرب ان ڪري 9 ذوالحج واري ڏينهن کي حج اڪبر سڏيندا آهن. باقي عمري کي حج اصغر چوندا آهن. ”حج“ لفظ جي معنىٰ زيارت آهي.

هن سورت جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم سان نہ ڪئي وئي آهي، جنهن جو بظاهر اهو سبب نظر اچي ٿو تہ حضور خاتم النبيين ﷺ جي تعليمات جي شدت سان تڪذيب ۽ انڪار ڪندڙ ۽ الله وحده لا شريڪ له سان بتن ديوتائن ، مورتين ۽ اجسام فلڪي جي پوڄارين ۽ الله سان شرڪ ڪندڙ مشرڪن لاءِ سخت عذاب جو اعلان آهي، جنهن ۾ هنن ظالمن تي خدا ذوالجلال جي قهر ۽ غضب جو اظهار آهي. اهڙي لرزه انگيز وقت جي موقعي تي خدا جي رحمت سان شروع ڪرڻ کي ترڪ ڪيو ويو آهي. امام رازي رحمة الله عليه جو قول آهي تہ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ بسم الله الرحمٰن الرحيم کان سواءِ شروع ڪئي آهي، ان ڪري ان تي بسم الله الرحمٰن الرحيم لکڻ نہ گهرجي. اها ڳالهہ گهڻن مفسرن کي زياده پسند آهي. انسان جي فطرت ۾ اها صلاحيت موجود آهي تہ هو عقل و شعور ذريعي الله جي آيتن، پيغمبرن جي هدايتن ۽ ڪتابِ الاهي جي واضح دليلن ۽ ڪائنات ۾ چؤطرف نظر ايندڙ نظارن جي روشنيءَ ۾ ايمان آڻي، الله جي نعمتن ۽ نوازشن جو استفادو ڪري.

سپت پچار پرين سپت هوت حضور (شاهہ رحمة الله عليه)

ہر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لاشریک لہ گوید

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

پر ڪجهہ سرڪش، ضدي، هٺيلا ۽ حاسد انسان انهن سمورين حقيقتن کان آگاهہ هوندي بہ پنهنجي غرور ۽ خود سري جهالت ۽ ناداني‌ءَ ڪري خدا جي مخلوق مان اشياءَ

عالم کي الله جو شريڪ سمجهي، ان جي پوڄا پاٺ ڪن ٿا ۽ انهن جي حڪمن ريتن رسمن کي خدا جي حڪمن برابر تسليم ڪن ٿا. هدايت ۽ رهبري جي سمورن ذريعن وسيلن ۽ طريقن جي اتمام حجت کان بعد مشيت خداوندي جي اٽل قانون مطابق هن سڳوري سورت ۾ آيل عذاب، الاهي جا مرتڪب ٿين ٿا. اَعَاذَنَا اللّٰهُ الْعَظِيۡمُ

مؤمنو! الله ۽ ان جي رسول ﷺ طرفان مشرڪن سان اوهان جي ڪيل معاهدن کان بيزاري ۽ دستبرداريءَ جو اعلان ڪجي ٿو. ان ڪري جو هنن معاهدن جي عهد شڪني ڪئي آهي. الله جي رسول ﷺ ۽ ان جي جماعت جي ايذاء رساني ۽ نقصان پهچائڻ ۾ شب و روز رذل آهن. الله وحده لاشريڪ له سان مخلوقاتي عناصر کي برابريءَ وارو درجو ڏئي، پاڻ سان شرڪ جهڙي گناهہ جو ظلم ڪن ٿا. ان ڪري مؤمنن جي جماعت کي مشرڪن سان ڪيل معاهدن کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. هاڻي چئن مهينن تائين هو ملڪ ۾ رهي سگهن ٿا. ان دوران هو سٺري وجن ۽ اسلامي رياست جا پرامن شهري ٿي رهن تہ رهي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن پنهنجي پراڻي روش تي قائم رهن ٿا تہ انهن سان اعلان جنگ آهي ۽ هو الله جي مشيت، قدرت ۽ قوت جي حڪمت وارن فيصلن کي مغلوب ۽ بي بس ڪري نٿا سگهن. اهڙن ڪافرن لاءِ خدا پاران ذلت آميز نتيجا نڪرڻ يقيني آهي. اڄ حج اڪبر واري ڏينهن مؤمنن ۽ باقي تمام ماڻهن کي هن اعلان ذريعي آگاهہ ڪجي ٿو تہ الله ۽ ان جو رسول هنن مشرڪن سان ڪيل معاهدن کان بيزاري ۽ دستبرداري ڪن ٿا. هاڻي هنن سان ڪو بہ معاهدو باقي ناهي رهيو، ان ڪري اي مشرڪو! هاڻي اوهان لاءِ رڳو ٻہ رستا آهن، هڪ تہ پنهنجي ريتن رسمن ۽ عقيدن کي ڇڏي، توبه ڪري اسلامي رياست جا پرامن شهري ٿي رهو ۽ ائين ڪرڻ ۾ اوهان جي ڀلائي آهي، جنهن سان اوهان دين دنيا ۽ آخرت جي بيشمار فائدن ۽ نعمتن سان مستفيض ٿي سگهو ٿا، پر جيڪڏهن توهان پنهنجي ضد تي قائم رهيا ۽ الله جي حڪمن کان نابري ڏيکاري تہ پوءِ توهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ الله جي حمايت يافتہ لشڪر سان اوهان کي مقابلو ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ مشيت الاهي طرفان ٿيل فيصلي کي اوهان شڪست ڏئي نٿا سگهو. اهو فيصلو هر حال ۾ وقعت پذير ٿيندو. ان ڪري هنن عقل جي انڌن مشرڪن کي هڪ دردناڪ عذاب جي بشارت ڏيو.

اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّ لَمْ
يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝۴ فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ
حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ
تَابُوْا وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ۝۵ وَ اِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ
كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۝۶ ع

مگر اهي مشرڪ جن سان اوهان معاهدا ڪيا آهن ۽ انهن جي پوري ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي يا عهد شڪني ناهي ڪئي ۽ نہ وري توهان جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي آهي، سو انهن جا معاهدا مقرر مدت تائين پورا ڪريو، الله معاهدن جي نگهداشت رکڻ وارن اهڙن ماڻهن (متقين) کي پسند ڪري ٿو.(4) پوءِ جڏهن حرمت وارن مهينن جي مدت پوري ٿئي تہ پوءِ انهن مشرڪن کي جتي لهو قتل ڪيو، گرفتار ڪيو، گهيري ۾ آڻيو، هر گهات (گذرگاهہ) تي هنن جي تاڪ ۾ ويهو، پوءِ جيڪڏهن هو توبه ڪن ٿا، اقامت صلواة جو اقرار ڪن ٿا، زڪواة ڏين ٿا تہ انهن جي رستي تان هٽي وڃو. بيشڪ الله بخشڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.(5) مهلت جي مدت دوران ڪو مشرڪ امن جي درخواست ڪري تہ ان کي امان ڏيو تہ جيئن هو الله جو ڪلام (ٻڌڻ گهري ٿو) پلي ٻڌي وٺي. اجان بہ اسلام قبول نہ ڪري تہ پوءِ ان کي ڪنهن امن واري هنڌ پنهنجي حفاظت ۾ پهچائي ڇڏيو. چو تہ هي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي الله جي حڪمتن کي نٿا سمجهن.(6)

اهڙا معاهدا جن جو ڪو وقت مقرر نہ هيو يا وقت گذري چڪو يا مخالف ڌر طرفان انهن جي عهد شڪني ڪئي وئي آهي. اهڙا سڀ معاهدا ختم ٿي ويا. سوره انفال: 58/8 ۾ آهي: ”وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنۡ قَوۡمٍ خِيَانَةً فَانۡۢبِذۡ اِلَيۡهِمۡ عَلٰى سَوَآءٍ“ جيڪڏهن توسان ڪا قوم وعده خلافي ڪري ٿي تہ توکي بہ اجازت آهي تہ تون ساڳيءَ طرح برابريءَ جي حساب تي عهد و پيمان ختم ڪرين. محرم الحرام جي گذرڻ بعد انهن تي الله جو حڪم نافذ العمل ٿي ويندو، پر جن معاهدن جي اجا مدت پوري نہ ٿي آهي ۽ نہ وري مخالفن اوهان جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي آهي تہ اهڙن معاهدن جي مقرره مدت تائين پابندي اوهان تي لازم آهي. معاهدن جي خلاف ورزي کان بچڻ ۽ معاهدن جي پوري طرح حفاظت ڪرڻ نهايت ضروري آهي. بيشڪ الله بہ اهڙن ماڻهن سان جيڪي معاهدن جو اهتمام ڪن ٿا ۽ انهن جي حفاظت رکن ٿا، محبت ڪري ٿو. قرآن ۽ دين اسلام مسلمانن کي عهد و پيمان جو پورو ڪرڻ ۽ بدعهدي يا عهدشڪني کان بچڻ لاءِ ڪيترو تاڪيد ڪيو آهي. ”يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ“ (المائده: 1/5) اي ايمان وارؤ! پنهنجن وعدن کي ضرور پورو ڪريو. ”وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِاَمٰنٰتِهِمۡ وَعَهۡدِهِمۡ رٰعُوۡنَ۝“ (المؤمنون: 8/23) مؤمن اهي آهن، جيڪي امانتن ۽ وعدن جا نگهبان (پابند) آهن. حديث ۾ آهي: ”اٰيَةُ الۡمُنَافِقِ ثَلَاثٌ اِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَاِذَا وَعَدَ اَخۡلَفَ وَاِذَا اؤۡتُمِنَ خَانَ“ منافق جون ٽي نشانيون آهن، جڏهن ڳالهائيندو تہ ڪوڙ چوندو، جڏهن وعده ڪندو تہ عهد خلافي ڪندو ۽ جڏهن امانت رکبي تہ خيانت ڪندو. وعده وفائي متقي ماڻهن جي نشاني آهي، بلڪ اهي ئي تہ متقي آهن. پوءِ جڏهن مقرر ڪيل چار مهينا (10 ذوالحج کان 10 ربيع الثاني تائين) گذري وڃن تہ مشرڪن کي جتي لهو اتي ڪين قتل ڪريو. (ياد رهي تہ هت اشهر الحرم مان مراد اهي چار مهينا آهن، جن جو ذڪر ”فَسِيۡحُوۡا فِى الۡاَرۡضِ اَرۡبَعَةَ اَشۡهُرٍ“ ۾ آهي ۽ روايتي حرمت وارا مهينا ذوالحج، ذوالقعد محرم ۽ رجب ناهن. (تفهيم القرآن، احسن البيان) سورة البقره: 191/2 ۾ آهي: ”وَلَا تُقٰتِلُوۡهُمۡ عِنۡدَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوۡكُمۡ فِيۡهِۚ فَاِنۡ قٰتَلُوۡكُمۡ فَاقۡتُلُوۡهُمۡؕ“ مسجد حرام ۾ قتل نہ ڪريو، پر جيڪڏهن هو قتل ڪن تہ پوءِ اوهان بہ ضرور قتل ڪريو. ان بعد ڪين گرفتار ڪريو ۽ قيدي بنائي رکو ۽ هنن جي تاڙ ۽ تاڪ ۾ هرگهات ۽ گذرگاهہ تي ويهي انهن خلاف عملي قدم کڻڻ جو پڪو پهہ ڪيو تہ جيئن هنن کي معلوم ٿئي تہ هاڻي هن اسلامي رياست، جنهن

جو بنياد مدينہ منوره ۾ پئجي چڪو آهي، ان جي تائيد ۽ پيروي ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ جيڪڏهن اهي مشرڪ پنهنجن پوين گناهن کي ترڪ ڪري، سڌي راهہ تي هلڻ جو عزم مصمم ڪن تا ۽ توبه تائب ٿين تا تہ رڳو توبه ڪرڻ تي معاملو ختم ڪونہ ٿيندو، پر ڪين عملي طور اقامت صلواة جو پورو پورو اهتمام ڪرڻ، وقت تي زڪوات جي ادائگي ڪرڻ لازم هوندي. يعني اسلام ۽ ايمان جي عملي اظهار لاءِ اقامت صلواة جو پوري پابندي سان هميشہ اهتمام ڪرڻ ۽ حڪومتي نظام هلائڻ ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ زڪوات ڏيڻ ۾ وڌ مان وڌ حصو وٺن پوءِ انهن تي ڪا بہ ڪارروائي ڪرڻ کان گريز ڪيو ۽ انهن جي راهہ روڪڻ بدران رستا کولي ڇڏيو.

صلواة ۽ زڪوٰة ٻئي فرض آهن ۽ ڪنهن بہ هڪ جو انڪار ڪفر آهي. تڏهن تہ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالیٰ عنه زڪواة جي انڪارين کي چيو هو: ”وَاللّٰهِ لَاُقَاتِلَنَّ مَنْ فَرَّقَ بَيْنَ الصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ“ (صحيحين) مون کي الله جو قسم آهي تہ جنهن بہ نماز ۽ زڪواة ۾ تفريق ڪئي، يعني هڪ کي صحيح ٻئي کي غلط چيو تہ مان ان سان ضرور جنگ ڪندس. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنه جو قول آهي: ” مَنْ لَّمْ يُزَكِّ فَلَا صَلَاةَ لَهٗ“ (جامع العلوم والحڪم) حضور خاتم النبيين صلى الله تعالیٰ عليه وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي: ”اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَ يُقِيْمُوا الصَّلَاةَ وَيُؤْتُوا الزَّكَاةَ“ مون کي (الله طرفان) حڪم آهي تہ مان ماڻهن سان تيستائين جنگ ڪيان، جيستائين هو اها گواهي ڏين تہ الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي. ۽ محمد خاتم النبيين صلى الله تعالیٰ عليه وسلم الله جو رسول آهي ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪواة ڏين. (صحيحين) الله وڏي بخشش ۽ حفاظت عطا ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. ان جي مغفرت، حفاظت ۽ دائمي رحمت کان مستفيض ٿي دنيا ۽ آخرت ۾ سرفراز ٿيو. پر جيڪڏهن توبه بعد صلواة ۽ زڪوات جا انڪاري هوندا تہ رڳو توبه قبول نہ ڪئي ويندي.

اهڙا مشرڪ جيڪي دين و شريعت، نبوت، رسالت ۽ ڪتاب الاهي جي هدايت ۽ حڪمت کان پوري طرح واقفڪار نہ آهن، تي سگهي ٿو تبليغ ۽ دعوت ڏيڻ يا ٻڌڻ ۾ ڪا ڪمي رهجي وئي آهي ۽ اهي ملڪ نيڪالي بدران رياست اندر رهي غوروفڪر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مهلت جي درخواست ڪن تا تہ اتمام حجت لاءِ سندن درخواست قبول ڪندي ڪين مناسب مدت تائين رهڻ جي اجازت ڏيو ۽ ڪلام الله ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو. پوءِ

جيڪڏهن ايمان جي دولت سان سرفراز ٿين ٿا تہ اوهان جي جماعت جو حصو آهن پر جيڪڏهن اجان بہ سڌي راهہ تي هلڻ کان انڪار ڪن ٿا تہ پوءِ ڪين پنهنجي حفاظت ۾ ڪنهن پرسڪون هنڌ پهچائي ڇڏيو. اهڙي شخص کي ”مُسۡتَامَنۡ“ سڏبو آهي.

كَيۡفَ يَكُوۡنُ لِلۡمُشۡرِكِيۡنَ عَهۡدٌ عِنۡدَ اللّٰهِ وَعِنۡدَ رَسُوۡلِهٖٓ اِلَّا الَّذِيۡنَ
عٰهَدۡتُّمۡ عِنۡدَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ۚ فَمَا اسۡتَقَامُوۡا لَكُمۡ فَاسۡتَقِيۡمُوۡا
لَهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُتَّقِيۡنَ ۞٧ كَيۡفَ وَاِنۡ يَّظۡهَرُوۡا عَلَيۡكُمۡ لَا يَرۡقُبُوۡا
فِيۡكُمۡ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ يُرۡضُوۡنَكُمۡ بِاَفۡوَاهِهِمۡ وَتَاۡبٰى قُلُوۡبُهُمۡ ۚ وَاَكۡثَرُهُمۡ
فٰسِقُوۡنَ ۚ ۞٨ اِشۡتَرَوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيۡلًا فَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ اِنَّهُمۡ
سَآءَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ۞٩ لَا يَرۡقُبُوۡنَ فِىۡ مُؤۡمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ
وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡمُعۡتَدُوۡنَ ۞١٠

اللّٰه ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪو بہ معاهدو ڪهڙي طرح باقي رهي سگهي ٿو، سواءِ ان معاهدي جي جيڪو مسجد حرام وٽ حديبيہ جي مقام تي ڪيو هو. سو جيستائين هو معاهدو نڀائين تيستائين توهان بہ هنن سان وفاداري ڪيو. اللّٰه تعالىٰ احتياط ڪندڙن ۽ بدعهديءَ کان بچندڙن سان محبت ڪري ٿو.(7) هنن جي وعدن جو ڪهڙو اعتبار جيڪڏهن هو اوهان تي غلبو حاصل ڪن تہ نہ هو قرابتداري (رشتيداري) جو خيال ڪن ۽ نہ وري عهدو پيمان جي لڄ رکن. زباني طور تي هو توهان کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر هنن جون دليون انڪاري آهن. هنن جي وڏي اڪثريت فاسق آهي.(8) هنن اللّٰه جي آيتن کي تمام ٿوري قيمت (رقم) تي وڪيو ۽ ان جي راهہ کان روڪيو. يقينًا

هي جو ڪجھہ ڪري رهيا آهن، نهايت برو ڪم آهي.(9) هو ڪنهن بہ مسلمان جي معاملي ۾ نہ رشتيداريءَ جو خيال ڪن ٿا ۽ نہ ڪنهن معاهدي جو لحاظ رکن ٿا. هي ماڻهو آهن ئي حد کان گذري وڃڻ وارا.(10)

هنن مشرڪن سان الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جو معاهدو پلا کهڙيءَ طرح اجان باقي رهي سگهي ٿو، جڏهن هو عهد شڪنيءَ جا مرتڪب ٿي چڪا آهن. ۽ هاڻي وقتي طور پنهنجي بچاءُ لاءِ ٽتل معاهدو برقرار رکڻ گهرن ٿا، يعني مدت ۾ وڌيڪ مهلت گهرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ڪين چڱي طرح معلوم آهي تہ هنن کي پنهنجي رشتيدارن، قريبي عزيزو اقربا ۽ دوستن خلاف تلوار کڻڻي پوندي ۽ پنهنجي ضعيف ايمان جي ڪري شش و پنج جو شڪار آهن ان ڪري مهلت جا شدت سان متمني آهن، مگر جيڪو معاهدو صلح حديبيہ وارو هنن توهان سان ڪيو آهي، ان معاهدي کي برقرار رکڻ ضروري آهي. هي حرم جي حدن ۾ ڏهن سالن جو معاهدو آهي، جنهن کان وڌيڪ مقدس ۽ محترم مقام ڪو ناهي. سو جيستائين هو ان معاهدي کي قائم رکن ٿا، تہ توهان بہ معاهدي جي حرف حرف تي مستحڪم ۽ مضبوط رهو. الله بہ اهڙن ماڻهن سان محبت ڪري ٿو، جيڪي وعده وفائي تي مستحڪم رهن ٿا ۽ اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ، اَوۡفُوۡا بِالۡعُهُوۡدِ تي سختيءَ سان پابند آهن. پلا عهد جي وفاداريءَ جي اميد هنن مان ڪهڙي رکي سگهجي ٿي، جو هو ظاهري طرح تہ معاهدو ڪن ٿا، مگر دل ۾ بدعهديءَ جو ارادو رکن ٿا. هنن ماڻهن جي اخلاقي پستي ۽ ذهني پليدي هن مان ظاهر آهي تہ جيڪڏهن هو توهان تي غالب ٿي وڃن ٿا تہ عهدوپيمان تہ هڪ طرف رهيو، پر هو معاشري جي مروجہ اخلاقي ضابطن ۽ ذميوارين کي بہ بلڪل پلائي ڇڏين ٿا ۽ رشتيداريءَ جو بہ خيال ڪونہ ٿا ڪن، حالانڪہ معاشرتي تعلقات ۽ باهمي روايات ۾ قريبي رشتيدار جو لحاظ ڪرڻ ۽ سياسي رابطن ۽ معاهدن کي مانُ ڏيڻ اعلىٰ ڪردار جي علامت آهي، پر هو هن بنيادي خصلت کان وانجهيل آهن. هنن جي وڏي اڪثريت فسق وفجور جي علمبردار آهي. ان ڪري هنن کان چڱائي جي اميد رکڻ ٻبرن کان ٻير گهرڻ آهي.

هي دنيا جي مال ومتاع جي حصول کي ترجيح ڏئي، الله جي آيتن کي نظرانداز
ڪري اهڙو خساري وارو واپار ڪن ٿا. اشتراء ۾ خريدوفروخت وقت شين جي مٽاسٽا
ڪئي ويندي آهي. هي ماڻهو بہ آياتِ الاهي جي صاف صاف حڪمن ۾ تحريف ۽ تبديلي
ڪري يا ٿوڙي موڙي مال عوض آيتن جي خريد و فروخت ڪن ٿا. پنهنجي هن ڪراهت
واري عمل سان پاڻ کي تہ حق ۽ سچائي جي رستي کان پري رکن ٿا، پر ٻين کي بہ سڌي
راهہ تي هلڻ کان منع ڪن ٿا. ڇا هنن کي معلوم ناهي تہ هو جيڪو ڪجهہ ڪري رهيا آهن،
ڪيتري قدر برو آهي ۽ ان جا نتيجا ڪيترا خطرناڪ ۽ هيبت ناڪ آهن. هنن مان هاڻي
چڱائيءَ جو سوچڻ ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ برابر آهي. هنن جي سنگ دلي ۽ بددماغي
جو اهو پڪو ثبوت آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڌي راهہ اختيار ڪرڻ جو سوچي ٿو يا
اختيار ڪري ٿو تہ ان سان رشتيداري ۽ قومي عزازت جا ناتا بہ ٽوڙي ڇڏين ٿا ۽ هم قوم،
هم نسل، هڪ قبيلي هڪ رشتي ۾ جڙيل هجڻ جو دل ۾ احساس بہ نٿا رکن. ڪنهن قوم
سان ڪيل معاهدي جي عهد شڪني ۾ بہ سڀ کان تکڙا آهن. هي ماڻهو انسانيت جون
تمام حدون پار ڪري وحشي جانورن کان بہ وڌيڪ وحشي ٿي ويا آهن. بقول شخصي بگهڙ
بگهڙ لاءِ نانگ نانگ لاءِ ايترو خطرناڪ ناهي جيترو انسان انسان لاءِ آهي.

فَاِنْ تَابُوْا وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِى الدِّيْنِ ط
وَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١١﴾ وَ اِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ
عَهْدِهِمْ وَ طَعَنُوْا فِىْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ لا اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ
لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ﴿١٢﴾ اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَ هَمُّوْا
بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَ هُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ط اَتَخْشَوْنَهُمْ ج فَاللّٰهُ اَحَقُّ
اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣﴾

هاڻي بہ جيڪڏهن هي ڪافر توبه ڪن ۽ نماز جا پابند ٿي وڃن ۽ زڪوات ڏيندا

رهن تہ توهان جا ديني ڀائر آهن. اسان پنهنجون آيتون انهن ماڻهن لاءِ کولي کولي بيان ڪري رهيا آهيون جيڪي انهن ڪي سمجهڻ گهرن ٿا. (11) جيڪڏهن هي ماڻهو عهد ڪرڻ بعد پنهنجا قَسم (قول واقرار) ختم ڪري ڇڏين ۽ توهان جي دين ۾ طعنازني ڪن تہ پوءِ توهان ڪفر جي انهن اڳواڻن سان جنگ ڪيو. هنن جي قَسمن (قول واقرار) تي ڪو اعتبار نہ ڪريو. ان وقت تائين وڙهو، جيستائين هو ڪفر کان باز اچن. اي ايمان وارؤ! جن ماڻهن پنهنجا قول واقرار ٽوڙي ڇڏيا، انهن سان اجان جنگ جوٽڻ چو نٿا گهرو. هو رسول خدا خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم کي مڪي مڪرم مان نيڪالي ڏيڻ جي جسارت بہ ڪري چڪا آهن ۽ هي اهي ساڳيا ماڻهو آهن، جن توهان سان جنگ ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪئي آهي. ڇا توهان هنن کان خوف زده آهيو، حالانڪہ هنن جي مقابلي ۾ الله وڌيڪ حقدار آهي، جو ان کان ڊڄو، جيڪڏهن واقعي اوهان مؤمن آهيو.(13)

هنن مطالبن پوري ٿيڻ بعد هنن کان ڪنهن ٻئي مطالبي جو شرط غير ضروري آهي. الله پنهنجي قانون توبه جا دروازا کلا رکيا آهن. هاڻي جيڪڏهن هنن پنهنجي ماضي کان موٽ کاڌي آهي ۽ توبه جو رستو اختيار ڪيو آهي، نماز جا سختيءَ سان پابند آهن ۽ زکوات جي ادائگي برابر ڪندا رهن ٿا تہ هنن کي مسلمان تسليم ڪيو وڃي ۽ مسلمان برادري جي ناتي اهي تمام حقوق هنن کي حاصل آهن، جيڪي ڪنهن ٻئي مسلمان کي آهن. هنن ۽ اڳوڻن مسلمانن جي فرائض ۽ حقوق ۾ ڪو فرق ناهي. ديني اخوت جو رشتو قائم ٿي چڪو آهي. اسان علم ۽ دانش وارن ماڻهن لاءِ پنهنجون آيتون وضاحت سان پيش ڪيون آهن تہ جيئن هو انهن کي سمجهي سگهن ۽ عملي طور اختيار ڪن. جيڪڏهن معاهدي ڪرڻ کان پوءِ عهد شڪنيءَ جا مرتڪب ٿين ۽ اوهان جي دين ۾ طعنازني يا ٺٺولي ڪن تہ پوءِ ڪفر جي انهن مرڪزي اڳواڻن سان جنگ ڪريو. هت زياده تر مڪي مڪرم جا اهي قريشي مراد آهن، جيڪي ڪعبي جا متولي هئا، ڪعبة الله جي ڪري مڪ مڪرم کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ ڪعبي جا متولي هجڻ سبب قريش جي

سردارن کي وڏي عزت ۽ اهميت هئي. هو پاڻ بہ شرڪ ۾ مبتلا هئا تہ عرب جي باقي قبيلن جي ڪعبة الله ۾ موجود بتن جا رکوالا بہ هئا. ان ڪري پورو عرب کين نهايت معتبر محترم ۽ مانوارو سمجهندو هو. هن آيت سڀُوريءَ ۾ قريش جي انهن متولي سردارن کي امام يعني اڳواڻ چيو ويو آهي. هنن جي خاتمي سان باقي عرب دنيا جي سمورن سردارن تي ان جو اثر لازمي هيو، ان ڪري حڪم آهي تہ هنن سان جنگ ڪريو. ڪعبة الله کي بتن ۽ غلط رسمن جهڙوڪ مردن عورتن پاران اگهاڙو تي طواف ڪرڻ، بتن جي پوڄا ڪرڻ، شرڪ جي تبليغ ڪرڻ کان پاڪ صاف ڪريو. جڏهن مرڪزي مقام تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو تہ پوءِ باقي عرب کي مطيع ڪرڻ مشڪل نہ هوندو. ان ڪري قريش جي انهن رئيسن سان جنگ ڪريو، جن وٽ صلح حديبيہ سميت معاهدن جو ڪو احترام ناهي. اوهان جي سخت رويي ۽ دٻاءُ سبب اميد آهي تہ هو شرڪ ۽ ڪفر جي برن ڪارنامن کان رڪجي وڃن. ياد رهي تہ هت جنگ ڪرڻ لاءِ عهد شڪني يعني ڪفر کان اسلام قبول ڪرڻ واري عهد کان ڦري وڃڻ آهي. (تفهيم القرآن) ۽ دين جي طعني زني ٻنهي کي لازم قرار ڏنو ويو آهي. هت اهو عهد مراد ناهي، جيڪو هڪ ماڻهو ٻئي سان ڪندو آهي. جڏهن تہ اهڙيون جنگ جون حالتون بعد ۾ بہ ٿيون ۽ ٿينديون رهنديون. امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه وٽ ٻنهي شرطن جو هجڻ لازم آهي. جيڪڏهن ڪو ذمي وعده خلافي نٿو ڪري ۽ دين ۾ ٺٺولي ڪري ٿو تہ ان سان بہ جنگ ناهي ڪرڻي، پر امام مالڪ ۽ امام شافعي رحمة الله عليهما چون ٿا تہ دين ۾ طعني زني، ٺٺولي ۽ عهد شڪني ٻئي شامل آهن. سندن چوڻ آهي تہ طعنہ زني يا ٺٺولي بہ عهدشڪني آهي، ان ڪري جيڪڏهن رڳو طعنہ زني يا ٺٺولي ڪري تہ اهو بہ ان حڪم ۾ شامل آهي، جهڙيءَ طرح ڪو عهدشڪني ڪري ٿو. (تفسير احسن البيان). مؤمنو !هن ڪافرن ۽ مشرڪن سان جنگ ڪرڻ کان توهان ڇو تذبذب جو شڪار آهيو. حالانڪ حرم جي مقدس زمين تي ڪيل حديبيہ واري معاهدي کي هنن هڪ طرفو ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ هنن الله جي سچي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي ۽ اوهان مسلمانن کي ملڪ نيڪالي ڏيڻ تي مجبور ڪيو (بني اسرائيل: 76/17، محمد: 19/47، الممتحنه: 1/60) ۽ ڪعبة الله ۾ بتن جي پوڄا جو اهتمام ڪري ساري عرب ۾ شرڪ جي بد رسم کي رسائي ڇڏيو آهي.

مڪ مڪرم ۾ مسلمانن جي رهڻ لاءِ زمين تنگ ڪري ڇڏي آهي. الله جو رسول ﷺ هنن سمورين بدعتن، شرڪ جي ريتن رسمن ۽ عام انسان تان ظلم وجبر جا دروازا بند ڪرڻ لاءِ آيو آهي. "وَيَضَعُ عَنۡهُمۡ اِصۡرَهُمۡ وَالۡاَغۡلٰلَ الَّتِىۡ كَانَتۡ عَلَيۡهِمۡ" (الاعراف: 157/7) حضور نبي ڪريم ﷺ هنن تان بار ۽ ڳچيءَ ۾ پيل ڳٽ هٽائيندو آهي ۽ هو رحمة للعالمين به آهي. ان سان گڏجي مڪ مڪرم جي انهن قريش سردارن سان جنگ ڇو نٿا ڪيو ۽ الله جي نظام کي جاري ڪرڻ ۾ دير ڇو ٿا ڪريو، ڇا توهان هنن جي ظاهري ناهه نوٽ ڪان مرعوب آهيو. حالانڪ جنگ جي ابتدا به هنن پاڻ ڪئي آهي، ڇا اوهان هنن کان خوف زده آهيو، اوهان جيڪڏهن سچا مؤمن آهيو ته پوءِ اوهان کي هنن ڪافرن بدران الله کان ڊڄڻ گهرجي، جنهن جي حڪم جي پيروي ڪرڻ ۾ سستي ۽ ڪاهلي ڪري رهيا آهيو.

قَاتِلُوۡهُمۡ يُعَذِّبۡهُمُ اللّٰهُ بِاَيۡدِيۡكُمۡ وَيُخۡزِهِمۡ وَيَنۡصُرۡكُمۡ عَلَيۡهِمۡ وَيَشۡفِ
صُدُوۡرَ قَوۡمٍ مُّؤۡمِنِيۡنَ ۙ﴿۱۴﴾ وَيُذۡهِبۡ غَيۡظَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ وَيَتُوۡبُ اللّٰهُ عَلٰى
مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۱۵﴾ اَمۡ حَسِبۡتُمۡ اَنۡ تُتۡرَكُوۡا وَلَمَّا يَعۡلَمِ
اللّٰهُ الَّذِيۡنَ جٰهَدُوۡا مِنۡكُمۡ وَلَمۡ يَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوۡلِهٖ
وَلَا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَلِيۡجَةً ؕ وَاللّٰهُ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۶﴾ ع ٢ ٨

هنن سان جنگ ڪريو. الله توهان جي هٿان هنن کي سزا ڏيندو ۽ انهن کي ذليل و خوار ڪندو ۽ الله پنهنجي مدد سان اوهان کي هنن تي غالب ڪندو ۽ مؤمنن جي هڪ جماعت جي سينن کي ٿڌاڻ (شفا) بخشيندو(14) ۽ هنن جي دلين جو غم غصو دور ڪري ڇڏيندو ۽ جنهن کي گهرندو توبه جي توفيق عنايت ڪندو ۽ الله عليم ۽ حڪيم آهي.(15) ڇا اوهان جو اهو خيال آهي ته بس توهان ائين ئي (آزمائش کان سواءِ) ڇڏيا ويندا. حالانڪ الله اهڙن ماڻهن کي اجان نکيري

پڌرو نہ ڪيو آهي، جن توهان مان جهاد ڪيو آهي ۽ الله ۽ ان جي رسول خَاتَمِ النَّبِيِّين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم ۽ ايمان آڻڻ وارن کانسواءِ ڪنهن کي بہ دوست نہ ناهيو آهي. ياد رکو اوهان جو ڪجهہ ڪري رهيا آهيو الله ان کان پوري طرح آگاهہ آهي. ايمان جو رڳو دعوىٰ ڪرڻ ڪافي نہ آهي.

ڪافرن طاقت جي نشي ۾ مسلمانن جي زندگي رنجيده ۽ آزرده بنائي ڇڏي آهي، جڏهن مسلمان ٿورڙائيءَ ۾ هئا تہ ان وقت بہ ڪافرن هنن جي زندگيءَ زهر ڪري ڇڏي هئي ۽ هينئر بہ مڪي ۾ جيڪي ضعيف بيمار مسلمان آهن، انهن کي قريش پاران تڪليف ۽ اذيت پهچائي وڃي ٿي ۽ هنن جي ڪير بہ مدد نٿو ڪري ان ڪري توهان جنگ لاءِ نڪرو. خدا تي مڪمل پروسو رکو پوءِ ڏسو اوهان جي هٿان هنن کي ڪهڙي سزا ڏياري ٿو ۽ ڪين ذليل و خوار ڪري ٿو ۽ توهان کي هنن تي اهڙو تہ زوردار غلبو ڏياريندو، جنهن سان هنن جي شڪست فاش ڏسي مسڪين ۽ مظلوم مؤمنن جي دکي دل ٺري پوندي ۽ ڪين دکن دردن کان شفا ملي ويندي. جيڪو ڪرب ۽ بيچيني مسلمان هنن ڪافرن هٿان پوڳي رهيا هئا ۽ سندن دليون ڏک ۽ درد سان زخمي هيون، سڀ ختم ٿي ويندا. ڪجهہ مسلمان جن جا قريبي عزيز اجان مشرف باسلام نہ ٿيا هئا، انهن لاءِ سندن آروز هئي تہ اهي الله جي عذاب کان بچي وڃن. اهڙن مسلمانن جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ الله پنهنجي حيثيت ايزدي جو اظهار ڪرڻ فرمائي ٿو تہ الله پنهنجي علم و حڪمت مطابق جنهن کي گهري، ان کي توبہ ۽ اصلاح جي توفيق بخشي ٿو، ان ڪري الله جي مغفرت ۽ دائمي رحمت جا دروازا هميشہ کليل آهن، جنهن سان ڪافر بہ ڪفر جي راهہ ڇڏي فيض ياب ٿي سگهن ٿا.

اي مؤمنن جي جماعت! ڇا اوهان اهو سمجهو ٿا تہ اوهان ايمان قبول ڪيو آهي ۽ هاڻي سڀ ڪجهہ خودبخود ٿيندو ويندو ۽ اوهان کي ڪک ڇپو بہ ڪرڻو نہ پوندو. هي اوهان جو خام خيال آهي. اوهان جي ايمان جي دعوىٰ بعد اوهان کي آزمائش جي اهڙي مرحلن مان گذرڻو پوندو، جن ۾ اوهان جيڪو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو آهي، بہ شامل آهي. انهن آزمائشن ذريعي اوهان کي نڪاري پڌرو ڪندو تہ ڪير الله ۽ ان جي دوستن جو دوست آهي

۽ ڪير الله ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمْ ۽ مؤمنن جي جماعت جي دشمنن کي پنهنجو دوست ۽ رازدان نٿو بڻائي. الله توهان جي عملن کان پوري طرح واقف آهي. ان ڪري سچي ۽ جان نثار مؤمن لاءِ فقط ايمان جي دعويٰ ڪافي نہ آهي. (البقره: 214/2، 156-155، آل عمران: 142/3، التوبه: 16/9، العنڪبوت: 2/29)

مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ
بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۚۖ وَ فِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾
اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ
وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ وَ لَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ ۫ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ
الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَ عِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ
كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ جٰهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ
وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ ۘ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

وقف لازم

مشرڪن جو اهو حق ناهي تہ مسجدون آباد ڪن. حالانڪ هو پنهنجي ڪفر جي گواهي بہ ڏين ٿا. هنن جا سمورا عمل باطل ٿي چڪا آهن ۽ هو هميشہ دوزخ ۾ ئي رهڻ وارا آهن.(17) الله جون مسجدون رڳو اهو ماڻهو آباد ڪري سگهي ٿو جيڪو الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻي ٿو ۽ هن نماز قائم ڪئي ۽ زڪوات ادا ڪئي ۽ الله ڪانسواءِ ڪنهن کان نٿو خوف ڪائي. انهن صفتن وارا ماڻهو ئي هدايت يافتہ آهن(18) ڇا اوهان حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجد حرام

ڪي آباد ڪرڻ واري عمل ڪي ان شخص جي عملن برابر ڪيو آهي، جيڪو الله ۽ يوم آخرت تي ايمان رکي ٿو ۽ هن الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو. اهي ماڻهو الله وٽ برابر تي نٿا سگهن ۽ الله ظالم قوم کي هدايت ڪرڻ نٿو فرمائي. (19) پر جن ماڻهن ايمان آندو، انهن هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪيو. اهي ماڻهو الله وٽ مرتبي جي لحاظ کان اعلیٰ آهن. اهي ماڻهو ئي ڪامياب آهن.(20)

---

جن مسجدن کي الله جي عبادت لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي، مشرڪ انهن جا متولي، مجاور، خادم ۽ خدمتگار ٿيڻ جي هرگز لائق ۽ موزون نہ آهن. اهي مسجدون الله جو گهر آهن. هت توڙي ڪٽي حڪم عام آهي، پر هن مان مقصود ڪعبة الله جو متولي ۽ مجاور مشرڪ تي نٿو سگهي، اهو بہ مراد آهي. اها بزرگ زادي جاده نشيني جيستائين ايمان ۽ عمل صالح کان عاري آهي، تيستائين اهي مساجد ۽ ڪعبة الله جي متولي هجڻ لائق نہ آهن، ان جا اصل حقدار مؤمن متقي ۽ خداترس انسان آهن. هتي ”مساجد“ جمع آڻي مراد مسجد حرام آهي، جيڪا دنيا جي مسجدن جو مرڪزي عبادت گاهہ آهي. الله جو گهر آهي. خاص الله جي عبادت لاءِ آهي ۽ ٻيون مسجدون ان مرڪز جون نمائندگي ڪن ٿيون ۽ هي حڪم خاص هئڻ سان گڏ عام بہ آهي. قريش پنهنجي ڪفر يعني شرڪ جا پاڻ گواهہ بہ آهن ۽ عملي ۽ زباني طور ان جو اقرار ۽ اعتراف بہ ڪن ٿا ۽ هو سمجهن ٿا تہ بيت الله (مسجد حرام) جي سار سنڀال رکڻ ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ جهڙو نيڪ ڪم ٻيو ناهي ۽ هو ان تي وڏو ناز ڪن ٿا. حالانڪ ڪين خبر هئڻ گهرجي تہ ايمان کان سواءِ ڪفر ۽ شرڪ ۾ رهي ٻيا چڱا ڪم ڪرڻ آخرت ۾ الله وٽ قبول نہ آهن ۽ اهي سمورا باطل ۽ بي وقعت آهن. انهن تي پاڻ پڏائڻ اجايو آهي. شرڪ سان گڏ ڪا بہ نيڪي ڪنهن ڪم جي ناهي. اهي ماڻهو هميشہ لاءِ دوزخ ۾ هوندا. يقينًا مسجدن جي تعمير تزئين، آبادڪاري دراصل اهڙي شخص جي حوالي آهي، جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نٿو بنائي. الله ڪي ذات، صفات ۾ يڪتا ۽ بي مثال

سمجهي ٿو ۽ آخرت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ۽ يقين اٿس ته قيامت جي ڏينهن هن کي الله جي بارگاهه ۾ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ ان جي نتيجي ۾ جزا ۽ سزا جي ملڻ تي يقين آهي. نماز جي پابندي ڪري ٿو ۽ نظام صلوات کي مضبوط بنيادن تي قائم رکي ٿو. هن اجتماعي عبادت لاءِ سمورا انتظام ڪري ٿو، زڪوات جي لازمي ادائگي ڪري اسلامي رياست جي انتظامي امور ۽ الله جي ٻڌايل مصرف ۾ خرچ ڪرڻ ۾ انسانن جي مالي مدد ڪرڻ ۾ سستي نٿو ڪري. حديث شريف ۾ آهي: ”اِذَا رَئَيْتُمُ الرَّجُلَ يَعْتَادُ الْمَسْجِدَ فَاَشْهِدُوْا لَهٗ بِالْاِيْمَانِ“ جيڪڏهن ڪو شخص مسجد ۾ پابندي سان اچي ٿو ته ان جي ايمان جي گواهي ڏيو“ (ترمذي شريف تفسير احسن البيان سوره توبه) هن جي دل ۾ ڪنهن به غير الله جو خوف نه هجي ۽ نه وري پنهنجي نفعي نقصان کي ان طرفان سمجهي. شرڪ کان بچڻ جو هي بنيادي محرڪ ذريعو آهي. انهن صفتن وارا انسان ئي منزل مقصود تي پهچي وڃن ٿا. توڙي ڪٺي هي راهه آسان نه آهي. قدم قدم تي امتحان ۽ آزمائشون آهن، پر اهي ماڻهو ئي ڪامياب ٿين ٿا، جيڪي پرخلوص محنت ڪن ٿا ۽ توفيق الاهي هنن جي اعانت ۽ رهبري ڪري ٿي. ڪعبة الله جي تعمير حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام هٿان ٿي، جنهن جو مقصد صرف الله جي عبادت هيو. اي قريش توهان ڪفر ۽ شرڪ جا اقراري به آهيو ۽ پوءِ به وراثت سمجهي متولي ۽ خدمتگار ٿيا آهيو ۽ انهي تي نازان آهيو ته توهان هن کي آباد رکو ٿا. ۽ حاجي سڳورن کي پاڻي پياريو ٿا ۽ انهن جو خيال ڪيو ٿا اهو نيڪ ڪم، الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ جهڙو آهي. توهان جي اها سوچ غلط آهي. سقاية حجاج ۽ عمارة مسجد ڪنهن صورت ۾ به ايمان بالله ۽ آخرت تي يقين ۽ جهاد في سبيل الله جي برابر ناهن. اوهان جي شرڪ جي ڪري ته اهي چڱا ڪم به توهان جي ڪاتي ۾ نٿا اچن ۽ سمورا چٽ ٿي وڃن ٿا، جيڪي ماڻهو ڪفر ۽ شرڪ ڪن ٿا، اهڙن ظالم ماڻهن کي شرڪ راهه راست تي آڻي منزل مقصود تي نٿو پهچائي پر هو ڀٽڪي گمراهه ٿي وڃن ٿا. اهي نيڪ بخت انسان جيڪي ايمان جي انمول دولت سان مالا مال آهن ۽ پوري صدق دل سان ان جي تصديق ڪن ٿا، شرڪ، ڪفر ۽ بدعت جهڙين مهلڪ بيمارين کان بچيل آهن. ۽ الله جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي جان ۽ مال جا

نذرانا ڏيڻ ۾ پيش پيش آهن. جهاد في سبيل الله ۾ جرئت، همت ۽ بهادريءَ سان شريڪ
ٿي غازي يا شهيد جو درجو حاصل ڪن ٿا. يا پنهنجو گهر، مال متاع، اقربا احباب سڀ
ڇڏي، فقط الله تبارڪ وتعالىٰ جي رضا لاءِ هجرت ڪن ٿا. انهن خوبين ۽ صفتن وارا
شخص الله وٽ وڏن درجن ۽ مٿاهين مان مرتبي وارا آهن. انهن ئي اصل ڪاميابي ماڻي
آهي، جو الله هنن کان راضي آهي ۽ هو الله کان راضي آهن. هنن لاءِ جن نعمتن جو ذڪر
آهي، ان جو بيان ايندڙ آيت ۾ اچي ٿو. (الفجر: 89 /30-28، البينه: 98/8)

يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ﴿٢١﴾
خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى
الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ
اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُ ۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا
وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ
وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَاللّٰهُ
لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ ع

انهن جو پروردگار کين پنهنجي پاران رحمت، رضا ۽ انهن جنتن جي
خوشخبري ڏئي ٿو، جن ۾ هنن لاءِ دائمي نعمتون آهن.(21) انهن ۾ هميشه
هميشه رهندا. بيشڪ الله وٽ ئي وڏو اجر آهي.(22) اي ايمان وارؤ! توهان
پنهنجن پيئرن، ڀاڻرن کي به پنهنجو دوست نه بڻايو، جيڪڏهن هو ڪفر
کي ايمان تي ترجيح ڏين ٿا ۽ محبوب سمجهن ٿا، جيڪو به انهن سان دوستي

رکندو اهي ظالم ماڻهو آهن. (23) اي پيغمبر ﷺ! تون هنن کي چئو تہ جيڪڏهن توهان جا پيءُ، ڏاڏا، توهان جا پٽ، ڏيئرون، ياءُ ڀيڻون ۽ توهان جون زالون ۽ ٻيا رشتيدار ۽ توهان جو محنت سان ڪمايل مال متاع، تجارت، ڪاروبار، جنهن جي نقصان کان ڊڄو ٿا ۽ اهي گهر گهاٽ جن کي اوهان پسند ڪريو ٿا، اهي سڀ توهان وٽ الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد کان زياده محبوب آهن تہ پوءِ الله جي حڪم (سخت عذاب) جو انتظار ڪريو ۽ الله نافرمان ماڻهن کي هدايت نصيب نٿو ڪري.(24)

اهڙن نيڪ بخت ماڻهن کي سندن پروردگار پنهنجي رحمت ۽ رضامندي جي بشارت ڏئي ٿو ۽ هو "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ" جو مصداق بڻجي وڃن ٿا، يعني الله هنن کان راضي آهي تہ هو الله کان راضي آهن. دراصل تمام عبادتن، اطاعتن ۽ شب وروز جي رياضتن ومقصود ۽ مطلوب الله جي خوشنودي آهي. رب جي رحمت شامل حال آهي ۽ ان جو رضامندو حاصل آهي تہ سمجهو دنيا ۽ عقبيٰ ۾ عزت ۽ آبرو جو ضامن آهي. اهڙن ماڻهن جي رهائش گاهہ جنت ۾ آهي، جنهن ۾ هو هميشہ رهندا ۽ عيش عشرت ڪندا، بيشڪ الله وٽ اجر عظيم جي نويد آهي. گذريل آيت 20 ۾ ٽن شين جو ذڪر هيو: ايمان، جهاد ۽ هجرت. هن آيت ۾ انهن جي عيوض ۾ ٽن شين جو ذڪر آهي: رحمت، رضوان ۽ جنت. ياد رهي تہ ايمان کان سواءِ سمورا اعمال چٽ ٿي وڃن ٿا، انهن جو آخرت ۾ ڪوبہ اجورو نٿو ملي، پر ايمان آڻي ٿو تہ خدا جي رحمت جو حقدار ٿي وڃي ٿو. جان جي قرباني ڏئي جهاد ڪري ٿو تہ الله جل جلاله جو رضامندو حاصل ڪري ٿو. گهر، مال متاع ڇڏي هجرت ڪري ٿو تہ هن گهر ۽ مال متاع عيوض ڪيس جنت ۽ ان جا باغ محل ۽ نعمتون ملن ٿيون.

اي مؤمنو! جيڪڏهن ابا ڏاڏا، يائر ڀينرون (وغيره) ڪفر ۽ شرڪ جي راهہ اختيار ڪن ٿا ۽ ايمان بالله جهڙي عظيم نعمت تي انهن کي وڌيڪ عزيز رکن ٿا ۽ ترجيح ڏين ٿا تہ انهن کي دوست ۽ دلي همراز نہ بڻايو. (آل عمران: 28/3، المائده: 51/5، المجادله: 22/58، الممتحنه: 13/60) هنن جي دوستي، قرابت ۽ محبت اوهان کي الله کان دور ڪري ڇڏيندي. هنن صريح ۽ واضح حڪم بعد بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کي پنهنجو دوست ۽ ولي

بنائي ٿو تہ اهو ظالمن جي ٽولي ۾ شمار ڪيو ويندو. ۽ ظالمن جو انجام ۽ عاقبت ڏاڍا برا آهن. ذوالقربیٰ ۽ قريبي رشتيدارن سان محبت، همدردي ۽ پيار جو رستو رکڻ بابت قرآن ۾ ڪافي تاڪيد آئي آهي، پر جڏهن انهن قريبي رشتن يعني حسبي نسبي نسبتن جو نظرياتي نسبتن سان ٽڪراءُ ٿي وڃي تہ اتي الله سان نسبت ۽ تعلق واري رشتي کي خوني رشتن تي بہ ترجيح ڏني ويندي. دنيا جي محبوب ترين ڪششن ۾ ماءُ، پيءُ، ڏاڏا، ڏاڏي، پٽ، پوٽا، نياڻيون، پائر، ڀينرون، زالون، جيڪي تنهنجو خاندان آهن، جيڪي اڪثر حق جي راهہ ۾ رنڊڪ ۽ رڪاوٽ بڻبا آهن. پوءِ انسان جي محنت سان ڪمايل مال متاع ڌن دولت واپار جنهن جي ڪساد بازاري جو هميشہ خدشو لاحق هوندو آهي. بازار جي اتار چڙهاءُ جو ڌيان رکڻو پوندو آهي. بنگلا محل ماڙيون ۽ تعيش جو سمورو سامان موجود آهي ۽ انسان جا شب و روز آرام سان گذرندا آهن. اهي سموريون شيون پرڪشش ۽ دلربا ضرور آهن، جيڪڏهن آزمائش وقت الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي رضا ۽ دين حق لاءِ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب ۽ مرغوب لڳن ٿيون ۽ انهن جي ڪشش ۽ محبت کي الله جل شانہ ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت ۽ اطاعت جي مقابلي ۾ ترجيح ڏجي ٿي تہ اهو وڏي خساري جو سودو آهي. انهن دنياوي مال اسباب، عزيز اقربا جي محبت جي بہ هڪ حد آهي. جڏهن انهن جي مقابل الله تعالیٰ جي محبت ۽ اطاعت ايندي تہ پوءِ الله جي حڪم کي ترجيح ملندي. يعني جان، مال جي قرباني قبول ڪري، جهاد ۽ هجرت ڪبي. پر جيڪڏهن انهن شين جي محبت جهاد ۽ هجرت کان روڪي رکيو "لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" (صحيحين) ڪوبہ ماڻهو تيستائين ايمان وارو نہ سڏبو، جيستائين هو پنهنجي والد، اولاد ۽ تمام ماڻهن کان پاڻ ڪريم ﷺ سان محبت نہ ڪري. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ" (البقره: 165/2) مؤمن تہ الله سان سڀ کان وڌيڪ محبت ڪندا آهن. تہ پوءِ ٿورڙو انتظار ڪريو تہ الله جو حڪم غضب ۽ عذاب جي صورت ۾ نازل ٿي توهان کي ۽ هنن سمورين محبوب لڳندڙ شين کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏي. يا توهان کي هٽائي، توهان جي جاءِ تي رشد و هدايت واري منصب جي پيشوائي ڪنهن قوم کي ڏئي ڇڏي ۽ توهان ان منصب کان محروم ٿي وڃو. ان ڪري الله جو سچو ٻانهو هن مجازي ۽ وقتي محبوب بتن کي ٽوڙي الله طرف يڪسو ٿئي. مطلب

مقصود اهو آهي تہ اهي شيون برابر الله عطا ۽ عنايت ڪيون آهن، پر الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ٽڪراءَ ۾ اچڻ تہ هنن ڪي ڇڏي الله سان ناتو جوڙڻو آهي. ان ڪري قريبي رشتيدارن جي علحدگي ۽ مشرڪن جي نيڪالي سبب واپار ۽ معيشت ۾ ڪميءَ جو خوف نہ ڪريو. الله جل شانه اوهان جو مددگار آهي. جيڪڏهن هن جي مدد نہ هجي ها تہ توهان مڪي ڪان ئي ڪونہ نڪري سگهو ها. ان ڪري الله تي ئي ڀروسو ڪريو، ڪو خوف نہ ڪريو.

لَقَدۡ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيۡ مَوَاطِنَ كَثِيۡرَةٍ ۙ وَّيَوۡمَ حُنَيۡنٍ ۙ اِذۡ اَعۡجَبَتۡكُمۡ كَثۡرَتُكُمۡ فَلَمۡ تُغۡنِ عَنۡكُمۡ شَيۡـًٔا وَّضَاقَتۡ عَلَيۡكُمُ الۡاَرۡضُ بِمَا رَحُبَتۡ ثُمَّ وَلَّيۡتُمۡ مُّدۡبِرِيۡنَ ۚ ﴿۲۵﴾ ثُمَّ اَنۡزَلَ اللّٰهُ سَكِيۡنَتَهٗ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ وَ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَاَنۡزَلَ جُنُوۡدًا لَّمۡ تَرَوۡهَا ۚ وَ عَذَّبَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۶﴾ ثُمَّ يَتُوۡبُ اللّٰهُ مِنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۲۷﴾

بيشڪ الله گهڻن موقعن تي اوهان جي مدد ڪرڻ فرمائي آهي ۽ حنين واري ڏينهن بہ جڏهن توهان پنهنجي ڪثرت تي ناز ڪري رهيا هئا. پر اها اوهان جي ڪنهن بہ ڪم نہ آئي ۽ زمين پنهنجي وسعت جي باوجود اوهان لاءِ تنگ ٿي پئي. پوءِ توهان پٺيان پير ڪري ڀڄي نڪتا. (25) آخرڪار الله پنهنجي رسول ﷺ ۽ ايمان وارن تي تسڪين (دل جو سڪون) عنايت فرمايو ۽ (مدد لاءِ) اهڙيون فوجون موڪليون جن ڪي اوهان تہ ڪونہ ڏٺو ۽ ڪافرن تي عذاب موڪليو. ڪافرن جي اها ئي سزا آهي. (26) پوءِ ان ڪان بعد الله جنهن جي گهري توبه قبول ڪري ٿو ۽ الله وڏو بخشڻ وارو ۽ مدامي رحمت وارو آهي.(27)

اعلان برائت کان پوءِ ڪجهہ مسلمان خدشو محسوس ڪري رهيا هئا تہ هن خطرناڪ اعلان تي عمل ڪرڻ بعد پوري عرب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جنگ جي باهہ ڀڙڪي پوندي ۽ ان جو مقابلو ڪرڻ مشڪل هوندو. مسلمانن کي تسلي ڏني تي وڃي انهن انديشن جو سوچي چوتا ڏجو. الله هنن کان بہ وڏن خطرن ۾ اوهان جي مدد ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي بہ اوهان جي مدد لاءِ موجود آهي. جيڪڏهن فيصلو لشڪر جي گهڻي يا ٿوري انگ ۾ هجڻ سان ٿئي ها تہ پوءِ مڪہ مڪرمہ کان ئي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو وڃي ها. جيڪڏهن اتي نہ تہ بدر ۾ ضرور ختم تي چڪا هجو ها. مگر الله جي طاقت اوهان جي پشت پناهي ۾ آهي ۽ ان جي طاقت سان ئي مثبت نتيجا رونما ٿيندا آهن، جن مطابق ڪيترن ئي گهڻن موقعن تي الله اوهان جي مدد ۽ نصرت ڪرڻ فرمائي آهي. تازو جنگ حنين ۾ مسلمانن جو لشڪر ٻارنهن هزار مجاهدن تي مشتمل هيو ۽ مخالف قبيلي هوازن وارا چار هزار مسلح جوان هيا، اوهان مان ڪجهہ مجاهد چئي رهيا هئا تہ جڏهن اسان ٿورا ۽ دشمن گهڻا هيا تہ بہ ڪاميابي اسان جي ئي ٿي، اڄ اسان وٽ وڏو لشڪر آهي. دشمن اسان کي ڇا ڪندو، مسلمانن تي ڪير بہ غالب نہ ٿي سگهندو. (آل عمران: 3/ 153 ۽ 155) فخر ۽ غرور واري اها سوچ الله تعالیٰ کي پسند نہ آئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪٽيل جنگ شڪست طرف اچي وئي. مسلمانن جي مجاهدن مال غنيمت لاءِ قدم وڌايا ۽ جنگ کان بي خبر ٿي ويا تہ هوازن قبيلي جي تيراندازن، جيڪي تيراندازيءَ جي فن ۾ پوري عرب ۾ مشهور هيا، اسلامي لشڪر تي حملو ڪري کين تتر بتر ڪري ڇڏيو ۽ شڪست جي صورت پيدا ٿي وئي ۽ زمين پنهنجي وسعتن باوجود اوهان لاءِ تنگ ٿي وئي ۽ توهان پويان پير ڪيا. پوءِ الله پنهنجي رسول خاتم النبيين ﷺ ۽ مؤمنن تي دلي سڪون طاري ڪيو. (آل عمران 136/3، الانفال: 10/8، **التوبہ:** 40/9، **حٰم السجده:**30/41، **الفتح:** 4/48) رسول الله خاتم النبيين ﷺ رڳو هڪ سو کن سپاهين سان پنتي رهجي ويا ۽ مسلمانن کي پڪاري چيو:

اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِب اَنَا اِبْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِب

الله تعالیٰ غيبي مدد عنايت ڪئي. پنهنجو لشڪر نازل ڪيو، جنهن کي اوهان ڏسي ڪونہ رهيا هيو، پر موجود هيو (الانفال: 50:8) جنهن سان الله هنن ڪافرن تي عذاب نازل ڪيو، جنهن جي ڪري هو شڪست خورده ٿيا ۽ مسلمانن سان جنگ ۾ ڪافرن کي

اهو نتيجو پوڳڻو پوندو آهي. جنگ حنين ۾ مسلمانن کي متوجّه ڪيو ويو آهي تہ جنگ لاءِ ضروري ساز و امان ۽ اسباب ضروري آهن، پر فتح ڪاميابي صرف الله جي مدد سان حاصل ٿئي ٿي.

جنگ حنين ۾ فتح حاصل ڪرڻ بعد حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جو جرنيلن ۽ جنگجو بادشاهن جي برخلاف دشمن جي شڪست خورده قوم سان فياضي ۽ ڪريم النفسيءَ جو اهڙو تہ سلوڪ ٿيو جو ان جي نتيجي ۾ هنن جا ڪيترا ماڻهو مسلمان ٿي ويا. الله پنهنجي رضا سان جنهن کي بہ مغفرت ۽ حفاظت جي عنايت سان نوازي تہ اهو الله جي قدرت قوت ۽ رحمت جو اظهار آهي. جنگ حنين جي انهن مجاهدن کي جن کي پنهنجي ڪثرت تي ناز هيو، پر ان هوندي بہ شڪست نما حالت کي پهتا. سندن انهن ڪوتاهين کي بہ معاف ڪرڻ فرمايو ۽ هوازن قبيلي جي تير انداز انهن سپاهين کي بہ جن اسلام قبول ڪيو، پنهنجي رحمت ۽ مغفرت سان نوازيو، بيشڪ الله وڏو بخشش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحمت سان نوازڻ وارو آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم فتح مکه وقت جنگ حنين يعني هوازن قبيلي جي مقابلي لاءِ جيڪي هٿيار مڪي وارن کان اڌارا ورتا هيا، اهي واپس ڪيا.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ
بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَاِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖٓ
اِنْ شَآءَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٨﴾ قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا
بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَلَا يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ
الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ
صٰغِرُوْنَ ﴿٢٩﴾ ع ٤ ١٠

اي ايمان وارو! هي مشرڪ سراپا نجس (بالڪل ناپاڪ) آهن. سو اهي پنهنجي هن سال بعد مسجد حرام جي قريب بہ نہ اچن ۽ جيڪڏهن توهان کي (تجارت

**و سياحت) جي ڪري، مفلسيءَ جو ڊپ آهي تہ الله پنهنجي مشيت سان عنقريب اوهان کي مالدار ڪري ڇڏيندو. الله سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو ۽ سندس هر ڪم حڪمت وارو آهي. (28) (هنن مشرڪن کان علاوه) اي مسلمانؤ! توهان انهن اهل ڪتاب سان بہ جنگ ڪريو، جيڪي نہ الله تي ايمان رکن ٿا ۽ نہ آخرت جي ڏينهن تي ۽ نہ انهن شين کي حرام سمجهن ٿا، جن کي الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ حرام قرار ڏنو آهي ۽ نہ وري دين حق (اسلام) قبول ڪن ٿا، جيستائين هو مغلوب ٿي پنهنجي هٿن سان جزيو نہ ڏين.(29)**

حرم بيت الله خدا تعاليٰ جو مقدس مقام آهي، جنهن جي عزت ۽ وقار جو احترام لازم آهي. هي مقدس مقام الله جي عبادت، قيام، رڪوع، سجدي ۽ طواف لاءِ خاص آهي، اتي عرياني، بي ادبي ۽ بت پرستيءَ جي ڪابہ گنجائش نہ آهي، ان ڪري اي مؤمنو! اصل حقيقت اها آهي تہ ڪعبي جي متولي (مجاور) هجڻ جو شرف اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ هجڻ گهرجي، جيڪي الله جي وحدت ۾ يقين رکن ٿا، شرڪ ۽ بت پرستي کي ناجائز سمجهن ٿا، مشرڪن جو متولي هجڻ سندن (قلبي) نجاست جي ڪري حرام ۽ ناجائز آهي، جو هو خدا جي پاڪيزه مرڪزي مقام کي شرڪ ۽ بت پرستي لاءِ استعمال ڪن ۽ ناجائز ريتن رسمن کي رواج ڏين. مرد عورتون اگهاڙا ٿي طواف ڪن، ان ڪري هن مقدس مقام جي تقدس ۽ نوع انساني جي اصلاح جي مرڪز کي هن شرڪ و ڪفر جي رسمن ۽ عبادت جي طور طريقن کان پاڪ ڪرڻ ۽ موحدين جي قيام، رڪوع، سجود ۽ طواف لاءِ موزون حالت پيدا ڪرڻ لاءِ مشرڪ هن هلندڙ سال بعد مسجد حرام جي قريب بہ نہ اچي سگهن. هنن لاءِ نہ رڳو ڪعبي جي زيارت تي بندش آهي، پر هو پليدي پکيڙڻ لاءِ مسجد حرام جي ويجهو بہ نہ وڃن. هن حڪم جي ڪري ڪنهن کي بہ تشويش نہ هئڻ گهرجي تہ مشرڪن جي نہ اچڻ ڪري ڪاروبار ۽ تجارت تي اثر پوندو، مسلمانن جي اڳ ۾ ئي معاشي حالت خراب آهي، هن جي ڪري وڌيڪ خراب ٿي ويندي. پر اطمينان ڪريو، جلد الله پنهنجي فضل سان اوهان کي معاشي معاملي ۾ خود ڪفيل ڪري ڇڏيندو ۽ ٿيو بہ

ائين تہ مصر، شام، روم، ايران جي خزانن جا انبار بيت المال ۾ جمع ٿي ويا ۽ مسلمان مديني جي گهٽين ۾ زڪوات جو مال کڻي گشت ڪندا هئا، پر ڪو بہ مسڪين نہ ملندو هو. بلاشڪ الله پنهنجي حڪمت جي نتيجن کان پوري طرح آگاهہ ۽ پنهنجن حڪمت ڀريل فيصلن جي فائدن کان باخبر آهي. مشرڪن لاءِ سوره توبه آيت 5 ۾ چيو ويو تہ مهلت جي مدت ختم ٿيڻ شرط هو يا ايمان آڻين يا ڪين قتل ڪيو وڃي يا عرب جي سرزمين تان هليا وڃن. باقي يهودين، انصار ۽ ٻين غير مسلم قومن لاءِ حڪم ۾ ڪجهہ تخفيف آهي. هت عيسائين لاءِ چيو ويو آهي تہ انهن سان ان وقت تائين جنگ ٿيندي، جيستائين دين حق جي بالادستي هڪ نظام ماتحت قبول ڪن پر ڪين انفرادي طور اسلام قبولڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو. هو اسلامي رياست ۾ پنهنجي مسلڪ، مذهب ۽ عقيدي تي قائم رهندي رهي سگهندا، پر ڪين جزيو ڏيڻو پوندو.

الله جي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ لازم آهي تہ حڪمراني ۽ اختيار موحد مسلمانن وٽ هجي، تہ جيئن "" دين اسلام کي ٻين طور طريقن، ريتن رسمن يا اديان تي غالب ڪري. جيڪڏهن هي اسلام قبول ڪونہ ٿا ڪن، تہ جزيو ڏئي پرامن شهري ٿي رهي سگهن ٿا ۽ اسلامي رياست ڪين پوري حفاظت مهيا ڪندي. ان ڪري هاڻي اوهان کي حڪم ٿو ڏجي تہ ان اهل ڪتاب عيسائين سان بہ جنگ ڪريو، جيڪي خدا ۽ آخرت تي اهڙي طرح ايمان نٿا رکن جهڙي طرح مؤمن رکن ٿا.(البقره: 137/2) ۽ نہ وري انهن حڪمن کي تسليم ڪن ٿا، جن حڪمن جو مڃڻ واجب قرار ڏنو ويو آهي. ايمان جي لاءِ بنيادي شرط آهي تہ اهو الله جي حڪمن شرطن ۽ تقاضائن موجب هجي. پر اهل ڪتاب جو ايمان هاڻي سندن خواهش ۽ بدعتن جو غلام آهي. مشرڪن وارا عقيدا ايجاد ڪري الله جي وحدت جا انڪاري آهن، پاڻ کي خدا جا لاڏلا ۽ پيارا سمجهن ٿا. آخرت جي حساب ۽ سزا جزا کي نٿا مڃين، جن شين کي الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ حرام قرار ڏنو آهي، انهن کي حرام نٿا سمجهن ۽ ان جو استعمال پاڻ لاءِ حلال ۽ جائز سمجهن ٿا ۽ نہ وري دينِ حق، اسلام اختيار ڪن ٿا. مملڪت اسلامي ۾ رهندي ان جا فائدا حاصل ڪندي ڪين يا اسلام قبول ڪري اسلامي برادري جو فرد ٿيڻو پوندو يا رياست طرفان حفاظت ۽ زندگي جون ضروريات حاصل ڪرڻ عوض جزيو ڏئي امن وسڪون سان رهڻو پوندو.

وَ قَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ابْنُ اللّٰهِ وَ قَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ط
ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ ج يُضَاهِـُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ط قٰتَلَهُمُ
اللّٰهُ ج اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝٣٠ اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَ رُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ
اللّٰهِ وَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ ج وَ مَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا ج لَآ اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ ط سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ۝٣١ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ
وَ يَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَ لَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ۝٣٢

(هنن جو هاڻي هي دين آهي تہ) يهودي چون ٿا تہ عزير (عليہ السلام) الله جو پٽ آهي ۽ نصاريٰ چون ٿا تہ مسيح (عليہ السلام) خدا جو پٽ آهي. هي هنن جا پنهنجا ٺاهيل ٺاهہ آهن. هي انهن منڪر ماڻهن واري دعويٰ ڪن ٿا، جيڪي هنن کان اڳ گذري چڪا آهن. هنن تي الله جي مار پوي، ڪيڏانهن ڀٽڪي رهيا آهن.(30) الله کانسواءِ هنن پنهنجن عالمن ۽ مشائخن کي رب بنايو آهي ۽ مسيح ابن مريم کي بہ. حالانڪ هنن کي هڪ معبود جي عبادت جو حڪم ڏنو ويو هو، جنهن کان سواءِ ڪو الله ڪونهي. هو انهن سمورين نسبتن کان پاڪ آهي، جن کي هو (خدا جو) شريڪ ڪن ٿا.(31) خواهش رکن ٿا تہ هو الله جي نور کي پنهنجن ڦوڪن سان وسائي ڇڏين، پر الله هنن جي خواهش کي رد ڪندي فيصلو ڪيو آهي تہ هو پنهنجي نور کي حد ڪمال تائين پهچائيندو. خواهہ انهن منڪر ماڻهن کي اهو ڪيترو ئي ناگوار لڳي.(32)

هن کان اڳ مشرڪن بابت بيان هيو. هينئر اهل ڪتاب، يهود ۽ نصاريٰ سان قتال ۽ جهاد جو بيان آهي. جڏهن آنحضرت ﷺ اسلام جو اعلان ڪيو تہ عرب ۾ ان وقت ٽن قسمن جا ماڻهو موجود هيا. مشرڪ، يهودي ۽ نصاريٰ. مشرڪن جو زور ٽوڙڻ ۽ ڪين حرم

ويجهو اچڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ، اسلام ۾ اچڻ يا ملڪ ڇڏي وڃڻ جو حڪم هيو، نہ تہ تلوار سندن مقدر هئي. يهود ۽ نصاريٰ اهل ڪتاب هوندي بہ آخرت جا انڪاري هيا، الله جو شريڪ ڪرڻ لاءِ يهودين حضرت عزير عليه السلام ۽ عيسائين حضرت عيسىٰ مسيح عليه السلام کي الله جو پٽ چوڻ لڳا ۽ پاڻ کي الله جو محبوبِ مخلوق ٻڌايو. هنن سان جهاد ۽ قتال ڪري، ڪين شڪست ڏئي اسلام قبول ڪرڻ يا جزيو ڏئي رهڻ جي اجازت هوندي، جنهن ۾ هو رياست جا پرامن شهري ٿي رهندا ۽ رياست انهن جي حفاظت جو ذمو ڪنيو.

اهل ڪتاب وٽ الله طرفان وحي اچڻ بعد بہ سندن اعتقادي ڪمزوري انهيءَ حد تائين هئي، جو يهودين عزير عليه السلام کي خدا جو پٽ بنايو ۽ عيسائين مسيح ابن مريم عليه السلام کي الله جو پٽ بنايو، حالانڪہ توريت ۾ ڪين صاف صاف ٻڌايو ويو هو تہ الله هڪ آهي. نہ ان جو ڪو اولاد آهي ۽ نہ وري ان جو ڪو شريڪ آهي. اهڙي طرح عيسائين بہ مسيح عليه السلام کي الله جو پٽ ٺاهيو. اهي سڀ افواهہ ۽ بنا سوچي سمجهي جون ڳالهيون هيون، جن جي هنن وٽ ڪا بہ سَندَ يا ڪو بہ ثبوت موجود نہ هو. بابل جي اسيريءَ دوران اسرائيلي پنهنجي شريعت روايتون قومي فرمان سڀ ڪجهہ وساري وينا هئا. بائيبل ناپيد ٿي وئي هئي، عزير عليه السلام پراڻا عهد ناما نئين سر مرتب ڪيا، جنهن ڪري بني اسرائيل ان جي عزت اڪرام ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري بعض يهودي ٽولن ان کي ابن الله (الله جو پٽ) بنائي ڇڏيو. اهڙي طرح عيسائين بہ تثليث (ٽي خدا) واري نظريي هيٺ مسيح عليه السلام کي خدا جو پٽ ٺاهيو، سندن افواهن ۽ بي سَنَد روايتن جو سلسلو پوين گذري ويل ماڻهن جي عقيدن ۽ اعتقادن وارو هيو، هنن جاهلن ۽ عقل جي انڌن تي الله جي مار پوي، ڪيڏانهن ڀٽڪي رهيا آهن. هنن جي گمراهي رڳو ايتري ڪا نہ هئي، پر هنن پنهنجن عالمن ۽ مشائخ کي بہ الله جو درجو ڏنو هو. پنهنجن انهن مذهبي اڳواڻن جي ٻڌايل تحريفي ۽ تاويلي بيانن کي خدا جي حڪم برابر سمجهي، ان موجب معاملا طئي ڪندا هئا ۽ تورات جي واضح حڪمن کي نظرانداز ڪندا هئا. هو انهن عالمن جي خودساختہ شريعت کي دينِ خداونديءَ تي ترجيح ڏيندا هئا. اهوئي شرڪ آهي، گويا اهي پنهنجن عالمن کي خدا جو درجو ڏيندا هيا، ۽ ڪانئن پنهنجي پسند مطابق فيصلا ڪرائيندا هئا. حالانڪہ هنن لاءِ تورات ۾ واضح ڪيو ويو هو تہ هو الله وحده لا شريڪ له ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪندا ۽ نہ وري غير الله جي شريعت کي قبول ڪندا. الله جي وحدت ۽ هيڪڙائيءَ تي يقين رکندا، جيڪو

هڪ الله آهي ۽ ان کانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي، جنهن جي ذات هنن جي عقيدن ۽ بيانن
کان پاڪ آهي. ان ڪري ڪنهن کي خدا جو پٽ سڏڻ يا خدا جي حڪمن ۽ شريعت کي
ڇڏي، ٻين جي حڪمن جي اطاعت ڪرڻ ۽ انهن کي خدا جا حڪم سمجهڻ شرڪ آهي.
قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ○ الله احد آهي،
جنهن جهڙو ڪوبہ الله ناهي. هو بي نياز آهي، ڪيس ڪنهن جي مدد جي ڪابہ ضرورت
ناهي. بيپرواهہ آهي. هو نہ ڪنهن جو اولاد آهي ۽ نہ ڪنهن جو والد آهي. هن جو ڪوبہ
مدمقابل ناهي.

هو گهرن ٿا تہ الله جي هن نور (قرآن) کي جيڪو انڌيرن کي روز روشن ۾ بدلائي
ٿو ۽ گمراهہ انسانن کي گمراهين جي اونداهين مان ڪڍي هدايت جي روشن راهہ تي
هلائي ٿو، انهيءَ ازلي نور کي ڦوڪون ڏئي وسائين، يعني هنن جون تمام ڪوششون ۽
ڪاوشون آهن تہ هو دين اسلام جي روشن ڏيئي کي وسائي ڇڏين. (الصف: 8/61) پر هنن
جي انهن سازشن جو حاصل ڪجهہ بہ ناهي. الله هر حال ۾ پنهنجي دين کي صحيح
سلامت رکي پيغمبرن جي ذريعي حد ڪمال تائين ضرور پهچائيندو، خواهہ مخالفن کي
اها ڪاميابي ڪيتري گران ۽ خراب لڳي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ دِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ
كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ۝٣٣ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ
الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٣٤ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ
فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوْبُهُمْ وَظُهُوْرُهُمْ ۭ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ
فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ۝٣٥

النصف

هي اهو الله آهي جنهن پنهنجي رسول خَاتَمَ النَّبِيِّيْن ﷺ کي هدايت ۽ دين حق ڏئي موڪليو تہ جيئن هو ان کي هن سرزمين تي سمورن ٻين ديني طريقن تي غالب ڪري، خواهہ مشرڪ ان کي ڪيترو ناپسند ڪن.(33) مؤمنو! هنن عالمن ۽ زاهدن ۾ اڪثر اهي آهن، جيڪي ماڻهن جو مال باطل طريقي سان هضم ڪن ٿا ۽ الله جي راهہ کان منع ڪن ٿا، جيڪي (ان حرام مال مان) سون ۽ چاندي ذخيرا ڪن ٿا ۽ ان کي الله جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن، انهن کي درد ناڪ عذاب جي خوشخبري ڏي.(34) جنهن ڏينهن هنن جي سون ۽ چاندي جي ذخيرن مان دوزخ ۾ باهہ ڀڙڪائي ويندي، جنهن سان هنن جون پيشانيون، پاسا ۽ پٺيون داغيون وينديون، کين ٻڌايو ويندو تہ هي اهو سون چاندي آهي، جيڪو اوهان گڏ ڪيو هو، سو ان جو اصل مزو اچ چکي وٺو، جيڪا موڙي اوهان ميڙي هئي.(35)

هي اهو الله آهي، جنهن پنهنجي رسول خَاتَمَ النَّبِيِّيْن ﷺ کي "الهدىٰ" ۽ دين حق جو پيغامبر ڪري موڪليو آهي تہ هو هن دين کي ٻين سمورن ديني طريقن تي غالب ڪري. (الفتح: 6148/ 28، الصف: 9/61) هن کان اڳ سمورن نبين ۽ رسولن سڳورن کي بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري، پنهنجن پنهنجن قومن جي هدايت ۽ رهبري لاءِ موڪليو ويو هيو، پر پاڻ ڪريمن کي خاتم النبيين ڪري مبشر ۽ منذر هجڻ کان علاوه خدا جي دين کي سرزمين تي موجود انهن سيني ديني طريقن تي غالب ڪري، پوري نوع انساني تائين ان کي پهچائڻ جو ذمو ڏنو هيو. اهل ڪتاب پنهنجن باطل عقيدن جا شڪار رهيا، پر هو دينِ اسلام جي راهہ روڪڻ لاءِ ٻہ رات ڏينهن ڪوشان هيا. پوئين آيت ۾ آيو آهي تہ هو دين حق جو ڏيئو اجهائڻ لاءِ پوري ڪوشش ۾ هيا ۽ مسلمانن کي ڪمزور ۽ گمراهہ ڪرڻ ۾ رڌل هيا، پر الله تبارڪ وتعالىٰ پنهنجي دين اسلام کي اهڙو غلبو ڏيارڻ وارو آهي، جنهن پنهنجي رسول ڪريم خَاتَمَ النَّبِيِّيْن ﷺ ذريعي دين اسلام کي برهان ۽ دلائل سان ٻہ ٻين عقيدن ۽ طريقن تي غالب ڪري، ڪيس حُسنِ اخلاق، طاقت ۽ تلوار جي زور سان غلبو عطا ڪيو. ان وقت ٻہ طاقتور حڪومتون ايران (ڪسرىٰ) شاهہ مجوسي روم (قيصر يعني عيسائي)

هيا. حضور اڪرم ﷺ جي ڏينهن ۾ حجاز، نجد ۽ يمن تي اسلامي جهنڊو قائم ٿيو ۽ باقي هو بہ وڏيون طاقتون حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنه جي دور ۾ فتح ڪيون ويون. اهو اعزاز نبي آخر زمان ﷺ جو خصوصي ۽ امتيازي مرتبو ۽ مانُ ٻڌائي ٿو. عربي زبان ۾ ”دين“ ان طريقِ حيات يا نظامِ زندگي لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي قائم ڪرڻ واري ڪي سَنَد تسليم ڪري، ان جي اطاعت ۽ اتباع ڪجي. دين اسلام امن ۽ سلامتيءَ جو دين آهي، جنهن ۾ انسان جي رهبري، خوشحالي، اخلاقي برتري، انساني همدردي، اخوتِ انساني ۽ اجتماعي اصلاح جو منشور موجود آهي، جنهن کي قائم رکڻ لاءِ الله جا نبي ۽ رسول سڀُورا ايندا رهيا آهن. هن کان اڳ انبياءَ ڪرام جي تبليغ جو دائرو فقط سندن قوم هئي، پر حضور اڪرم ﷺ کي نوع انسان لاءِ تاقيامت نبي ۽ رسول ڪري موڪليو ويو آهي، جنهن جو مقصد تبشير ۽ تنذير سان گڏ خدا جي قانون کي سر زمين تي غالب ڪرڻ هيو، جنهن عرب جي سر زمين تان شرڪ تي مڪمل غلبو حاصل ڪيو. توڙي ڪٽي اهو غلبو مشرڪن کي پسند نہ هيو. هاڻي اهو فريضو هن پلاري امت (امتِ وسط، امتِ خير) جي حوالي آهي. اهو ساڳيو بيان سورت الصف: 9/61 ۾ آيو آهي.

مؤمنو! اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اهل ڪتاب جا احبار (عالم فقيه ۽ رهبان (مشائخ زاهد) ماڻهن کي سندن من پسند فتوائون ۽ فيصلا ٻڌائي باطل ۽ ناجائز ذريعن سان مال ۽ مايا ميڙڻ ۾ مصروف ۽ جائدادون ٺاهڻ ۾ ڪوشان ۽ ملوث رهيا آهن. هن مڪروه ۽ فريب واري ڌنڌي سان سون ۽ چانديءَ جا ذخيرا ٺاهيا آهن، يعني وڏي دولت ۽ مال غنيمت هٿ ڪيو آهي، ان حرام جي مال کي الله جي راهہ ۾ خرچڻ ۽ خلق خدا جي بهتري ۽ بهبود ۾ ڏيڻ بدران الله جي راهہ ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا ۽ ماڻهن کي سڌي راهہ تي اچڻ کان روڪي، غلط راهہ جو ڏس ڏين ٿا. هي پاڻ کي پارسا ۽ دين جا علمبردار سڏائين ٿا، مگر حقيقت ۾ هو گمراهيءَ جا گماشتا آهن. ان ڪري هنن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏي. جڏهن هنن جي انهيءَ سون ۽ چانديءَ سان دوزخ ۾ باهہ ڀڙڪائي ويندي، جنهن جا شعلا دلين کي گهيري رکندا (الهمزه: 6/104 کان 9) پوءِ هنن جون پيشانيون، پاسا ۽ پٺيون ان سان ڏنييون وينديون. ڪين بار بار ياد ڪرايو ويندو تہ هي اهو حرام جو مال آهي، جنهن جي ميڙڻ ۾ مشغول هئا ۽ پنهنجي معتبري ڏيکارڻ ۽ راحت ۽ آرام سان زندگي گذارڻ جا خواهان هئا. هاڻي پنهنجي ان مالي ذخيري جو مزو چکي وٺو.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِیْ كِتٰبِ اللّٰهِ یَوْمَ خَلَقَ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ۙ۬ فَلَا
تَظْلِمُوْا فِیْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِیْنَ كَآفَّةً كَمَا یُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ
وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِیْنَ ۝٣٦ اِنَّمَا النَّسِیْٓءُ زِیَادَةٌ فِی الْكُفْرِ یُضَلُّ بِهِ
الَّذِیْنَ كَفَرُوْا یُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّ یُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا لِّیُوَاطِـُٔوْا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ
اللّٰهُ فَیُحِلُّوْا مَا حَرَّمَ اللّٰهُ ؕ زُیِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا یَهْدِی
الْقَوْمَ الْكٰفِرِیْنَ ۝٣٧ ع ٥ ٨ ١١

ياد رکوالله جي نزديڪ جنهن ڏينهن کان هن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيا آهن تہ سندس قانون مطابق ٻارنهن مهينا آهن، جن مان چار مهينا حرمت وارا آهن. اهو ئي محڪم حڪم (دين) آهي. سو هنن چار مهينن ۾ (ڪنهن سان جنگ جاري رکي) پاڻ سان ظلم ۽ زيادتي نہ ڪجو ۽ مشرڪن سان سڀ جا سڀ گڏجي جوابي لڙائي لڙو، جهڙيءَ طرح هو سمورا گڏجي توهان سان لڙائي ڪن ٿا. الله متقي ماڻهن جو ساٿي آهي.(36) ياد رکو تہ هنن مهينن کي هٽائي ردوبدل ڪرڻ ڪفر ۾ اضافو آهي، جنهن سان هنن منڪر ماڻهن کي گمراهہ ڪيو ٿو وڃي. ڪنهن سال هو حرام مهيني کي حلال ڪن ٿا تہ ڪنهن سال ان کي وري حرام قرار ڏين ٿا تہ جيئن الله جي حرام ڪيل مهينن جو انگ پنهنجي لاءِ حلال بنائي پورو ڪن. هنن جا برا ڪم هنن لاءِ وڻندڙ بنايا ويا آهن. الله اهڙن ڪافر ماڻهن کي دڳ نہ لڳائيندو(37)

جنهن الله زمين آسمان سج چنڊ خلقيا آهن. انهيءَ رب نظام شمسي کي اهڙي

ترتيب سان رکيو آهي، جو مهيني ۾ رڳو هڪ ڀيرو چنڊ ”هلال“ جي صورت ۾ نمودار ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سال جا ٻارنهن مهينا ٿين ٿا، جن مان چار مهينا حرمت وارا مهينا آهن. (رجب، ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم) اهو ئي الله جو دين قانون ۽ محڪم حڪم آهي. سو توهان هنن حرمت وارن مهينن ۾ پنهنجي پاران جنگ جوٽي، پنهنجو پاڻ تي ظلم نه ڪجو، پر سڀ پاڻ ۾ ملي، ڪافرن سان جوابي جنگ ڪريو، جهڙي طرح هو سڀ يڪ مشت ٿي اوهان تي حملي آورٿين ٿا. (البقره: 190/2 کان 194) ياد رکو الله جو ساٿ هميشہ الله جي قانون جي حفاظت ڪندڙن سان آهي. معلوم هئڻ گهرجي ته ڪافر پنهنجي سهولت ۽ فائدي لاءِ هنن حرمت وارن مهينن مان ڪجهہ مهينن کي پنهنجي جنگ جاري رکڻ لاءِ جائز قرار ڏيندا هئا ۽ انگ پورو ڪرڻ لاءِ سال جي ٻئي ڪنهن مهيني کي حرمت وارو ڪري چڙيندا هئا. اهڙي طرح هو الله جي مقرر ڪيل قانون ۾ تبديلي ڪندا رهندا هئا، جنهن کي هو پنهنجي دانش ۽ مصلحت جو نالو ڏئي جائز قرار ڏيندا هئا، جنهن لاءِ مؤمنن کي ٻڌايو ويو ته اهي چار مهينا الله طرفان حرمت وارا ڪيا ويا آهن. انهن ۾ اوهان ڪنهن سان به جنگ نه ڪيو، پر جيڪڏهن ڪافر جنگ ڪن ٿا ته توهان انهن سان جوابي جنگ ڪري سگهو ٿا. ”يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الشَّهۡرِ الۡحَرَامِ قِتَالٍ فِيۡهِ ؕ قُلۡ قِتَالٌ فِيۡهِ كَبِيۡرٌ “ (البقره: 217/2) هو توکان حرمت وارن ڏينهن ۾ جنگ ڪرڻ بابت پڇڻ گهرن ٿا، هنن کي چئو ته حرمت وارن مهينن ۾ جنگ ڪرڻ وڏو ڏوهہ آهي، پر ”اَلشَّهۡرُ الۡحَرَامُ بِالشَّهۡرِ الۡحَرَامِ وَالۡحُرُمٰتُ قِصَاصٌ“ (البقره: 194/2) حرمت (تعظيم) وارو مهينو حرمت واري مهيني جو بدلو آهي. يعني اوهان سان ڪو حرمت واري مهيني ۾ جنگ ڪري ته اوهان کي به اجازت آهي ته ان سان جنگ ڪيو. حرمت، حرمت جو قصاص يعني بدلو آهي. ”وَلَا تُقٰتِلُوۡهُمۡ عِنۡدَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوۡكُمۡ فِيۡهِ ۚ فَاِنۡ قٰتَلُوۡكُمۡ فَاقۡتُلُوۡهُمۡ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الۡكٰفِرِيۡنَ ۞“ (البقره: 191/2) مسجد حرام وٽ قتل غارت (قتال) نه ڪريو، جيستائين هو توهان سان جنگ نه ٿا ڪن، پر جيڪڏهن جنگ ڪن ٿا ته پوءِ هنن کي قتل ڪريو، ڇوته اهرن ڪافرن کي اهڙو بدلو ۽ جزا ڏيڻ ضروري آهي ۽ اهو تيستائين ڪيو، جيستائين رڳو الله جو دين باقي رهي.

بيشڪ ”النسيءُ“ ڪفر جي ڪارنامن ۾ هڪ اضافي ڪارنامو آهي، جنهن سان ڪافرن کي وڏيڪ گمراهي طرف آندو ويجي ٿو. ”النسيءُ“ عربن جي جاهليت واري دور

جي اصلاح آهي، جنهن جا ٻه طريقا هئا، هڪ طريقو هي هو تہ جيڪڏهن ڪنهن سان جنگ ڪرڻ جو ارادو آهي تہ پوءِ حرمت واري مهيني ۾ پنهنجي سهولت ۽ فائدي لاءِ شروع ڪيو ۽ ان حرمت واري مهيني کي غير حرمت وارو مهينو قرار ڏيو ۽ ان جي بدلي ۾ غير حرمت واري مهيني کي حرمت وارو مهينو قرار ڏيو. ٻيو طريقو اهو هو تہ قمري سال کي شمسي سال ۾ تبديل ڪري ،حج کي هڪ پسنديده موسم ۾ ڪرائي، تجارت کي ترقي ڏيڻ مقصود هو تہ جيئن سٺي موسم جي ڪري گهڻا ماڻهو شرڪت ڪري سگهن. چنڊ ۽ سورج وارن مهينن جو فرق پورو ڪرڻ لاءِ ”ڪبيسہ“ جي هڪ مهيني جو اضافو ڪندا هئا. اهڙي طرح مهينن جو انگ ٻہ پورو ٿي ويندو هو ۽ تجارت ۾ اضافي سبب معاشي ۽ معاشرتي فائدا حاصل ڪندا رهندا هئا. هنن هن حيلا بازي سان پنهنجي بگڙيل مذهب ۾ مزيد ڦيرڦار ڪري ڇڏي. هن حيلابازي کي هو پنهنجي دانائي سمجهندا هئا. اهڙي طرح خدا جي حرمت واري مهيني کي حلال قرار ڏيڻ هنن جو پسنديده مشغلو هو، درحقيقت هنن جي بري عمل جو اظهار رهيو. الله اهڙن ڪافرن کي سڌي راهہ تي هلڻ وارو نٿو ڏسي.

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ لَكُمُ انْفِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ
اِلَى الْاَرْضِ ؕ اَرَضِيْتُمْ بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۳۸﴾ اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا
اَلِيْمًا ۙ۬ وَّيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوْهُ شَيْـًٔا ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾ اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ
اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ
اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۰﴾

مؤمنو! ڀلا اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو جڏهن ٻہ توهان کي چيو وڃي ٿو تہ

الله جي راهه ۾ جهاد لاءِ نڪرو ته زمين تي ڍير ٿي وڃو ٿا. ڇا توهان آخرت جي بدلي دنيا جي زندگيءَ تي راضي ٿي ويا آهيو، حالانڪ دنيا جو هي مال متاع آخرت جي نعمتن جي مقابلي ۾ ٿورڙي حيثيت رکي ٿو.(38) جيڪڏهن توهان (جهاد لاءِ) نه نڪرندا ته (الله) اوهان کي دردناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪندو ۽ توهان جي جڳهه ڪنهن ٻئي قوم کي آڻيندو ۽ توهان هن جو وار به ونگو نه ڪري سگهندا. الله هر شيءِ تي قادر آهي. (39) جيڪڏهن توهان پيغمبر جي مدد نه ڪندا ته ڇا ٿيو بيشڪ الله هن کي ان وقت به مدد سان نوازيو هو، جڏهن ڪافرن هن کي مڪه مڪرمه مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ هو ٻن مان ٻيو (يعني هڪ ساٿي ۽ ٻيو هو پاڻ) هيو جڏهن هي ٻئي غار ۾ موجود رهيا، جڏهن هو پنهنجي ساٿيءَ کي تسلي ڏئي رهيو هو ته غمگين نه ٿيءُ يقين ڪر ته الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ الله هنن جي دلي سڪون ڪرڻ فرمايو ۽ پنهنجي اهڙي لشڪر سان مدد ڪرڻ فرمائي جنهن کي اوهان ڏسي نه ٿي سگهيا. اهڙي طرح هن ڪافرن جي ڳالهه پست ڪري ڇڏي ۽ الله جو قول ئي سچو ثابت ٿيو. بلاشڪ الله زبردست آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.(40)

---

هتان اهو خطبو شروع ٿئي ٿو، جيڪو غزوهِ تبوڪ جي تياريءَ جي زماني ۾ نازل ٿيو. مؤمنو! اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو جڏهن اوهان کي چيو وڃي ٿو ته الله جي راهه ۾ جهاد لاءِ نڪرو ته اوهان جنگ لاءِ تيار ٿي نڪرڻ بجاءِ پنهنجن گهرن ۾ رهي زمين تي بوجهه (بار) ٿي پيا آهيو. هت ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا“ چئي مؤمنن ۾ موجود انهن منافقن کي تنبيهي خطاب آهي، جيڪي پاڻ کي ظاهري طور مسلمان سڏائي ڪفر جي پرده ۾ پوشيده آهن. هن کان اڳ مشرڪن ۽ اهل ڪتاب بابت آخري فيصلي جو اعلان ٿي چڪو آهي. هت جنگ تبوڪ جو ذڪر آهي. جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ کي خبر پئي ته روم جو نصراني بادشاهه مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ تبوڪ پرسان فوج گڏ ڪري رهيو آهي ته سندس مقابلي لاءِ 30 هزار مجاهدن جو لشڪر تيار ڪري دشمن جي ٻه لک فوج خلاف روانا ٿيا. گرميءَ جي

سخت موسم هئي، کجور جو فصل تيار هيو. محاذ به پري ۽ مشڪل هيو. انهن حالتن ۾ جنگ ڪرڻ آسان نه هيو، ان ڪري: (1) اڪثر اهڙا ماڻهو هيا، جيڪي وڏي جنون ۽ جوش سان شامل ٿيا. (2) ڪجهه تردد ۽ شڪ ۾ شامل ٿيا. (3) ڪجهه عذر سبب شريڪ نه ٿيا. (4) ڪجهه سستيءَ سبب شامل نه ٿيا. (5) منافق، جيڪي بنا عذر جي شامل نه ٿيا. بهرڪيف نبي اڪرم ﷺ پنهنجي لشڪر سان تبوڪ پهتا، 20 ڏينهن تبوڪ شهر وٽ خيمه زن رهيا. دشمن ڊڄي ويو ۽ پنهنجي فوج واپس ڪري ڇڏي. ان ڪري مسلمان هڪ ڪاميابيءَ جي نويد سان واپس مديني پاڪ آهيا، جنهن جو روم کان علاوه ٻين ملڪن تي به گهرو اثر ظاهر ٿيو.

هاڻي مؤمنن جي صف ۾ لڪل منافقن کي تنبيهي انداز ۾ چيو وڃي ٿو ته اوهان دعوىٰ ته مسلمانيءَ جي ڪري رهيا آهيو، پر جڏهن اوهان کي جهاد جو سڏ ڏجي ٿو ته جهاد ۾ هلڻ بدران گهرن ۾ رهي، ڌرتي تي بوجهه بڻجي ويا آهيو ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ناهيو. ڇا توهان آخرت واري زندگيءَ جي نعمتن تي دنياوي زندگي جي مفادن کي وڌيڪ پسند ڪريو ٿا. حالانڪ دنيا جي زندگيءَ جا مفاد ڪيترائي پرڪشش ۽ دلربا هجن، يا ڪيترائي وڏي قيمت راحت ۽ فائدي وارا محسوس ٿين، اهي آخرت جي نعمتن، راحتن ۽ دائمي رهڻ وارين نوازشن جي مقابلي ۾ نهايت ٿورڙو حقير ۽ بي بقا سامان يا سراب آهي. رسول ڪريم ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي: ”حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ“ دنيا جي محبت هرخطا ۽ گناهه جو بنياد آهي. سوره آل عمران: 14/3 ۾ آهي: ”زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ۭ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ۝“ عورتن، اولاد، سون چانديءَ جي ڍيرن خزانن، عمدن نشانبر گهوڙن، کيتي وغيره جي محبت کي ڏاڍو وڻندڙ بڻايو ويو آهي. هي دنيا جو سامان آهي. اصل اعلىٰ ۽ عمده مقام الله وٽ آهي، ان ڪري ان الله ڏانهن متوجه ٿيو.

چیست دنیا از خدا غافل بودن
نے قماش و نقرہ و فرزند زن

هنن منافقن کي واضح الفاظ ۾ چئو ته جيڪڏهن اوهان ٻيائي ۽ منافقت جي مرض ۾ مبتلا ٿي تمام وسائل ۽ حالات جي موجود هجڻ بعد انسانن جي بقا ۽ بهبود لاءِ ۽ الله جي نظام کي قائم رکڻ لاءِ جهاد لاءِ نٿا نڪرو ته خدا جي حڪم سان توهان جو اهو

رويو توهان لاءِ دردناڪ عذاب جو ڪارڻ ٿيندو، جنهن جي نتيجي ۾ اوهان جي هلاڪت ۽ تباهي آهي، توهان جي جڳهه تي ڪنهن ٻي قوم کي آڻ ويندو ۽ اوهان ڪجهه بگاڙي نه سگهندو. الله جو اهو نتيجه خيز قانون هر حالت ۾ وقعت پذير ٿيندو. الله نهايت قوت ۽ قدرت جو مالڪ آهي، جنهن جي دستِ قدرت ۾ هر شيءِ آهي. مشيت خداوندي مطابق زمين جي وراثت ان قوم جي حصي ۾ ايندي آهي، جنهن ۾ ان جي صلاحيت موجود هوندي.(الانبياء: 105/21) الله توهان کي عذاب ڏيڻ تي بلڪل قادر آهي. اوهان جي جاءِ تي ٻي قوم آڻڻ تي به قادر آهي. هو پنهنجن منصوبن کي پايهءِ تڪميل تي پاڻ پهچائڻ وارو آهي، جنهن ۾ هو ڪنهن جو محتاج نه آهي.

جيڪڏهن اوهان دين کي غلبي ڏيڻ ۽ باطل کي شڪست سان نيست ونابود ڪرڻ جهڙي اهم مهم ۾ رسول الله ﷺ جو ساٿ نه ڏيندا ۽ هن جي مدد نه ڪندا ته هن جو ڪجهه به نه بگڙندو. الله هن جو حامي ۽ مددگار آهي ۽ ان وقت به الله هن جي مدد ڪئي هئي، جڏهن هو هجرت لاءِ گهر کان نڪتو هو. بظاهر بي يارو مددگار هو ۽ هن سان گڏ هڪ رفيق حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه) غار ثور ۾ موجود هيو، جتي هنن پيڇو ڪندڙ ڪافرن کان پاڻ محفوظ رکڻ لاءِ قيام پذير هيو ۽ سندس تلاش ۾ نڪتل ڪافر غار جي منهن تائين به پهچي ويا هئا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه حضور ﷺ جي جان کي خطرو محسوس ڪندي پريشان ٿي رهيو هو ته ڪيس الله جي رسول ﷺ دل جي پوري اطمينان، يقينِ ڪامل ۽ الله تي مڪمل ڀروسو ڪندي چيو ته غمگين نه ٿيءُ، الله اسان جو ساٿي ۽ نگهبان آهي. ”يَا اَبَا بَكْرٍ مَا ظَنُّكَ بِاِثْنَيْنِ اَللّٰهُ ثَالِثُهُمَا“ (صحيح بخاري) اي ابوبڪر رضي الله تعالیٰ عنه! تنهنجو انهن ٻن بابت ڇا خيال آهي، جن جو ٽيون (ساٿي) الله آهي. اهڙي ڏکئي وقت تي الله پنهنجي رسول ﷺ کي سڪون ۽ قرار عطا فرمايو ۽ اهڙي غيبي لشڪر سان سندن مدد مهيا ڪئي، جنهن کي اوهان هنن اکين سان نه ڏسڻ کان رهيا، جنهن سان ڪافرن جا سمورا منصوبا مليا ميٽ ٿي ويا ۽ الله جي حڪمت ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي بلند بالا ٿي وئي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو هجرت وارو فيصلو ڪاميابي سان همڪنار ٿيو. اها غيبي مدد، قلعا ڪوٽ، هٿيار وغيره نه هيا، پر غار جي منهن تي ڪوريئڙي (Spider) ڄار وڇايو ۽ ڪبوتر آنا لاٿا. ڪافرن چيو ته هن غار جي اندر ڪير به ناهي، ڇوته ڄار به موجود آهي ۽ آنا به پيل آهن. اهو ڄار ۽ اهي آنا غيبي مدد هئي.

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّ سَفَرًا
قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَ لٰكِنْۢ بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَ سَيَحْلِفُوْنَ
بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ
لَكٰذِبُوْنَ ﴿٤٢﴾ ع

ع ٦ / ١٢

توهان نڪرو (جهاد لاءِ) هلڪا هجو يا ڳرا هجو ۽ پنهنجي مال و جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو. هي توهان لاءِ بهتر آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو(41) اگر هن مهم ۾ قريبي فائدو ۽ سفر آسان هجي ها ته يقينًا (منافق) تنهنجي پويان هلن ها، مگر هنن ڪي پرانهون پنڌ سخت مشڪل لڳي پيو. هاڻي هو الله جا قسم کڻي چوندا ته جيڪڏهن حالتون سازگار هجن ها ته هو اوهان سان ضرور هلن ها. هي پاڻ کي هلاڪ ڪري رهيا آهن. الله کي معلوم آهي ته هو ڪوڙا آهن. (42)

هت جنگ تبوڪ جي اهميت جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ هر حال ۾ شريڪ ٿيڻ لازم يا فرض آهي، جنهن لاءِ ڪوبہ عذر قبول نہ ڪيو ويندو. ان ڪري اوهان هلڪا هجو يا ڳورا هجو، هر حال ۾ پنهنجي مال و جان سان الله جي راهه ۾ جهاد لاءِ هر حالت ۾ گهرن کان نڪري اچو. خواهہ تنگدست هجو يا خوشحال، سازو سامان گهڻو هجي يا بي سروساماني هجي. خواهہ حالتون موافق هجن، يا ناموافق، خواهہ جوان تندرست توانا هجو يا پوڙها ضعيف، خواهہ خوشي خوشي نڪرو يا مجبورًا، هر حال ۾ جنگ ۾ شرڪت ڪرڻي آهي. جنگ تبوڪ جي موقعي تي هي حڪمِ عام ڏئي منافقن جي ڇهري تان منافقت جي پردي کي هٽائي، سندن اصليت معلوم ڪرڻ مقصود هو تہ جيئن ذاتي مفاد واري ۽ اجتماعي ڀلائي ڪرڻ واري، سچي مؤمن ۽ ڪوڙي مسلمان ۾ فرق پڌرو ٿي وڃي. جهاد لاءِ اوهان کي سڏڻ ۾ جيڪڏهن اوهان کي اصل حقيقت معلوم ٿئي تہ ڪيڏو نہ ڀلو

نفعي وارو عمل آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص حقيقي معذوري ڪانسواءِ جنگ تبوڪ لاءِ نٿو نڪري ته ان جو ايمان معتبر ناهي.

تبوڪ مديني منوره کان ڪافي پري فاصلي تي آهي. موسم به سخت گرم هئي ۽ روم جي لشڪر جي به ڏاڪ ويٺل هئي ۽ نئين سال جو فصل به پچي تيار ٿي ويو هو، اهڙي وقت ۾ الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي سڏ تي صدق دل سان لبيڪ چوڻ هڪ سچي مؤمن جي نشاني هئي، پر منافقن جي خواهش مطابق جيڪڏهن عَرَضًا (مالِ غنيمت) قريب هجي ها ۽ سفر به آسان هجي ها ۽ گرم موسم جو خطرو به نه هجي ها، ته هو جهاد لاءِ تيار ٿين ها ۽ تنهنجي پنيان هلن ها، پر هنن جي نقلي ۽ مصنوعي مسلمانيءَ لاءِ هي ڏور جو سفر سخت مشڪل لڳو. هاڻي هو پنهنجي منافقت جي پردي چاڪ ٿيڻ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ طرح طرح جا بهانا بنائيندا ، عذر پيش ڪندا ۽ قسم کڻندا ته اسان جون حالتون سازگار هجن ها ۽ جنگ جي استطاعت ۽ استعداد رکندا هجون ها ته اسان ضرور هلون ها. هي اهڙا ڪوڙا بهانا ناهي ۽ غلط بياني ڪري پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ۽ تباهه ڪري رهيا آهن. الله کي هنن جي اندر جو حال معلوم آهي ته هي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ۽ پنهنجي خيال ۾ ڌوکي ڏيڻ ۾ ڪامياب ويا آهن، پر الله کان سندن حال ڳجهو نه آهي. جنگ تبوڪ گويا سچي مؤمن ۽ مسلمان جو ڪوڙو مظاهرو ڪندڙ منافق کي پرکڻ جو ذريعو هيو. هڪ طرف سچا مؤمن جنگ ۾ پنهنجو مال پيش ڪري رهيا هيا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه گهر جو ساروسامان کڻي آيو ۽ اهل و عيال لاءِ الله جو نالو ڇڏي آيو. حضرت عمر فاروق رضي الله تعالیٰ عنه گهر جو اڌواڌ مال کڻي آيو. حضرت عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه هڪ سو اٺ ۽ هڪ هزار اشرفيون پيش ڪيون، جن کي ڏسي پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ فرمايو ته هن عمل صالح بعد عثمان رضي الله تعالیٰ عنه کي ڪو عمل نقصان نه ڏيندو. مطلب ته مسلمانن پوريءَ طرح مالي سهڪار ڪيو، پر ڪيترا اهڙا عاشقِ رسول هيا، جن وٽ مالي سهڪار جا وسيلا ڪونه هيا، پر هلڻ لاءِ جان جي قرباني پيش ڪرڻ ۾ پيش پيش هيا. جن کي وٽني وڃڻ لاءِ وسيلا نه هيا. اهي جنگ ۾ شرڪت کان محروم رهڻ سبب روئي رهيا هيا.

”وَّلَا عَلَى الَّذِيۡنَ اِذَا مَاۤ اَتَوۡكَ لِتَحۡمِلَهُمۡ قُلۡتَ لَاۤ اَجِدُ مَاۤ اَحۡمِلُكُمۡ عَلَيۡهِ تَوَلَّوْا وَّاَعۡيُنُهُمۡ تَفِيۡضُ مِنَ الدَّمۡعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوۡا مَا يُنۡفِقُوۡنَ ۝٩٢“ (التوبه: 92/10) اي پيغمبر حق خاتم النبيين ﷺ !

انهن تي هن اهم جنگ تي هلڻ لازم ناهي، جيڪي تو وٽ هلي آيا ته اسان کي به سواري تي وٺي هلو، پر تو کين چيو ته ڪا سواري نه آهي ته وٺي هلون. جنهن ڪري هو ڏک ۾ رئندا واپس وريا ته ڪاش! اهو هجي ها جو خرچ ڪريون ها.

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۴۳﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾

الله توکي پنهنجي نگاهه ڪرم سان عفو ۽ عافيت ۾ رکيو. جيستائين اهو ظاهر نه ٿئي ته هنن مان ڪير سچو آهي ۽ ڪير ڪوڙو آهي، ان معلوم ڪرڻ کان اڳ توکي کين موڪل ڏيڻ نه کپندي هئي. (حضور ﷺ جن هنن جي بهانن ۽ عذر کان آگاهه هجڻ باوجود پنهنجي ڪريم ۽ نفيس طبيعت سبب اجازت ڏئي ڇڏي هئي) (43) جيڪي ماڻهو الله تي ۽ يوم آخرت تي ايمان رکن ٿا، اهي پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان جهاد ڪرڻ کان رخصت نه وٺندا. الله چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته ڪير فرض ادائگي ۾ مخلص ۽ سچا آهن. (۽ ڪير بهانا بنائڻ وارا آهن) (44) توکان (جهاد ۾ شرڪت ڪرڻ کان) رخصت رڳو اهي ماڻهو گهرن ٿا جيڪي الله تي ۽ يوم آخرت تي ايمان نٿا رکن ۽ هنن جون دليون شڪ ۾ آهن ۽ هو پنهنجي انهيءَ شڪ جي ڪري حيران ۽ سرگردان آهن.(45) جيڪڏهن هنن واقعي (جهاد لاءِ) نڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي ها ته هو ان لاءِ سامان جو بندوبست

ڪن ها، پر الله تعالىٰ هنن جي هلڻ لاءِ سندن اٿڻ پسند نہ ڪيو. ان ڪري انهن کي اتي ئي روڪي رهڻ ڏنو ۽ ڪين پنتي رهڻ وارن سان گڏ رهڻ ڏنو ويو.(46)

ياد رهي تہ آيت جي شروعات "عَفَا" جي اعلان سان ڪري، مقصود سرزش يا تنبيهہ ناهي، پر توجهہ مبذول ڪرائڻ مراد آهي. اي الله جا رسول ﷺ! تو هنن جي ڪوڙي ۽ منافقانا عذر ۽ بهانن کي سچو سمجهي ڪين پنتي رهڻ جي اجازت ڏئي، پنهنجي رحمدلي ڪشاده نگهي ۽ انسان دوستي جو اظهار تہ ڪيو، پر حقيقت اها آهي تہ هنن جي نيت نيڪ نہ هئي. توکي اجازت ڏيڻ نہ گهربي هئي، پر الله توکي هن فيصلي تي پنهنجي نگاهہ ڪرم سان عفو ۽ عافيت ڏني. توهان جي رخصت سان هنن کي پنهنجي نفاق تي پردو وجهڻ لاءِ سَندَ ملي وئي تہ اسان کي الله جي رسول ﷺ معقول عذر ٻڌڻ بعد جهاد تي وڃڻ کان رخصت ڏني آهي. (التوبه: 10/91- 90) درحقيقت توکي تيستائين رخصت نہ ڏيڻي هئي، جيستائين توکي سچن ۽ ڪوڙن جو فرق معلوم ٿئي ها. حالانڪ سورت نور آيت 62 ۾ "فَإِذَا اسْتَأْذَنُوكَ لِبَعْضِ شَأْنِهِمْ فَأْذَنْ لِمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ" ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ کي رخصت ڏيڻ جي اجازت آهي، پر واقعي ضرورت هجي، عجلت ۾ اجازت نہ هجي. سچا مؤمن جن کي الله ۽ الله جي رسول ﷺ تي ۽ يوم آخرت تي يقين آهي ۽ هنن جو ايمان غير متزلزل ۽ مضبوط آهي، اهي ڪنهن صورت بہ عذر بهانا پيش ڪري پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ کان رخصت جي درخواست نہ ڪندا. ڪين خبر آهي تہ جهاد في سبيل الله ايمان جو لازمي تقاضا آهي ۽ دين اسلام کي مضبوط ۽ محفوظ رکڻ لاءِ اهم فريضو آهي. الله اهڙن متقي ماڻهن جي خلوص ۽ سچائي کان بخوبي واقف آهي، پر هنن جي برخلاف اهي منافق آهن، جيڪي الله ۽ يوم آخرت تي سچي دل سان ايمان نٿا رکن، پر اسلامي رياست جا فائدا حاصل ڪرڻ ۽ مؤمنن جي معاونت ۽ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ظاهري طور مسلمانن وارو رويو رکي منافقت ۾ مشغول آهن، هنن جون دليون ڪفر سان سرشار آهن، ايمان جي سچي دولت کان محروميءَ سبب سندن دليون هميشہ شڪ ۽ تردد جو شڪار آهن. بلڪ ان جي برخلاف جهڙي طرح مؤمنن جي لاءِ سورت الحجرات آيت 15 ۾ "ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوا" ۾ سندن عزم و استقلال جو اظهار آهي، جهاد اسلام

۽ ڪفر يا مؤمن ۽ ڪافر جي سچي مسلمان ۽ منافق ۾ پرکڻ جي ڪسوٽي آهي. مؤمن دين اسلام لاءِ جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهي ٿو، جڏهن ته منافق مال ڌن دولت جي ذاتي مفادن کي ترجيح ڏئي ٿو. جيڪڏهن هنن واقعي نڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي ها ته ان لاءِ ڪجهه سامان تيار رکن ها، مگر هنن ڪا اهڙي تياري نه ڪئي آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هنن نه وڃڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. هاڻي جڏهن هو پاڻ وڃڻ نٿا گهرن ته الله به انهن کي اٿڻ جي توفيق نه ڏني، پر انهن لاءِ سندس اها مشيت رهي بيشڪ اوهان بلا ڪنهن عذر جي معذور پوڙهن، ٻارن ۽ عورتن سان گڏ رهو. توهان جي لاءِ اهو ئي موزون آهي ۽ جهاد جون برڪتون حاصل ڪرڻ اوهان جي نصيب ۾ نه آهي.

لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّلَا۟اَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٩﴾ اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَآ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٠﴾

جيڪڏهن هو اوهان ۾ شامل ٿي نڪرن به ها ته توهان جي لاءِ خرابي جي وڌائڻ جو باعث بڻجن ها ۽ توهان جي اندر هنن جي پيچ ڊڪ واري هر ڪوشش بگاڙ پيدا ڪرڻ جو سبب ٿئي ها. توهان جي اندر هنن جا جاسوس به آهن يا اوهان ۾ ڪجهه اهڙا سادا مزاج نيڪ دل مسلمان به آهن، جو هنن منافقن جون ڳالهيون ٻڌي هنن لاءِ حسن ظن رکن ٿا. الله انهن ظالمن کي خوب ڄاڻي ٿو.(47) هنن هن ڪان اڳ به فتنه انگيزي جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ تنهنجن معاملن ۾ هير

ڦير جي ڪوشش ڪئي آهي، ايستائين جو هنن جي مرضي خلاف حق نمودار ٿيو ۽ الله جو حڪم ظهور پذير ٿيو. (48) هنن ۾ هڪ اهڙو شخص به آهي جيڪو چوي ٿو ته مون کي فتني ۾ نه ڦاسايو. ڏسو ته هو پاڻ فتني ۾ پئجي ويا آهن ۽ هاڻي دوزخ هنن ڪافرن کي گهيري ورتو آهي.(49) توکي ڪا ڀلائي ٿئي ٿي ته هنن کي خراب لڳي ٿي، پر جيڪڏهن توکي ڪا مصيبت (تڪليف) رسي ٿي ته چون ٿا (سنو ٿيو) اسان ته پهريان ئي پنهنجو بچاءُ ڪري ورتو هو ۽ خوش خوش واپس ورن ٿا.(50)

جڏهن هنن بدنيت وارن جا ارادا ئي مذموم هئا ۽ دليون حسد سان پرجي رهيون هيون ته هنن جو اوهان جي لشڪر ۾ هجڻ ۽ اوهان سان گڏ نڪرڻ ۾ فتنو ۽ خرابي پيدا ڪرڻ مقصود هيو ۽ سندن سموري ڊڪ ڊوڙ انتشار پيدا ڪرڻ ۽ مصيبت آڻڻ لاءِ هجي ها. هنن کان ڪنهن چڱائي جي توقع ڪرڻ ٻهرن کان ٻير وڻڻ هيو. جڏهن هنن جي دل ۾ سچائي ڪانه هئي ۽ سندن هر عمل ڌوڪو ۽ فريب هيو، جنهن کان الله جل شانه پوري طرح آگاهه هيو، ان ڪري هنن جي جهاد ۾ شرڪت، شرارت جو ڪارڻ هئي، ان ڪري الله تعالىٰ جي مشيت به انهن کي نه وڃڻ ڏنو. هنن جا توهان ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به آهن، جو جاسوسيءَ ۾ رڌل آهن. يا اوهان ۾ اهڙا سادا مزاج نيڪ نيت مسلمان به موجود آهن، جيڪي هنن جي ڳالهين کي ڪن لڳائي ٻڌن ٿا ۽ هنن لاءِ حسن ظن رکن ٿا. الله هنن ظالمن جي هر فتني، هر سازش ۽ هر مڪاريءَ کان چڱي طرح واقف آهي ۽ هنن جو اهو ئي حشر ٿيڻ وارو آهي جو نافرمان ظالمن جو مقدر آهي. فتنو فساد پيدا ڪرڻ انتشار ۽ گروهه بندي کي هوا ڏيڻ غلط مشورا زوري مڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ هنن جو پراڻو وطيره يا طريقو آهي. هنن اڳ به جنگ بدر ۾ الله ۽ رسول ﷺ جي منشا خلاف تجارتي قافلي تي حملي لاءِ زور ڀريو، جنگ احد جي موقعي تي شهر ۾ محصور رهي مقابلي جو مشورو ڏنو ۽ بعد ۾ حضور ﷺ خلاف ڪوڙو پروپيگنڊا ڪيو ته هو قوم جو بدخواهه آهي، جو اسان جي ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي قتل ڪرايو. افڪ جهڙي سنگين الزامن ۾ ملوث رهيا، مطلب ته هر موقعي تي هنن اوهان جي خلاف تدبيرون ڪيون، پر هنن سيني سازشن ۽

مشورن جو کھڙو نتيجو نڪتو، حق جو غلبو زور وٺندو ويو. الله جي فيصلن جو نتيجو ظهور پذير ٿيندو رهيو ۽ هي دل ئي دل ۾ سڙندا ڪڙهندا رهيا ۽ ناپسند ڪرڻ جي باوجود شڪست تي شڪست کائيندا رهيا.

هي منافق بهانا بنائي ڪوڙا عذر پيش ڪري جنگ ۾ شرڪت بدران پنتي رهڻ جي رخصت گهرن ٿا ۽ چون ٿا ته هن جنگ واري فتني کان اسان کي معاف ڪريو. اسان جون مجبوريون ۽ ضرورتون اسان کي اجازت نٿيون ڏين ته اسان اوهان سان هن جنگ جي آزمائش ۾ شامل ٿيون. هنن کي هن ڳالهه جو احساس ئي ناهي ته هو پنهنجي هنن حرڪتن ۽ حرفتن سبب اڳ ۾ ئي بدترين مصيبت ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن، جو اهڙا بهانا بنائڻ جي جسارت ڪري رهيا آهن. دراصل نفاق، ڪوڙ، رياڪاري، ڌوڪو ۽ فريب خود هڪ وڏو فتنو آهي، جيڪو هنن تي مسلط ٿي رهيو آهي. هي بهانا ڪري پنهنجو خلوص ۽ تقويٰ ڏيکارڻ گهرن ٿا، حالانڪ ڪفر ۽ اسلام جي جنگ ۾ اسلام جي حمايت کان پاسو ڪرڻ سان وڏي فتني ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. هنن جي اهڙي خودساخته تقويٰ کين ڪو فائدو نه ڏنو آهي، پر سندن نفاق جي لعنت کين جهنم رسيد ضرور ڪيو آهي. هنن جو هي رويو جنهن سوچ جي نشاندهي ڪري رهيو آهي، ان کان وڌيڪ کهڙو فتنو ٿي سگهي ٿو، جنهن جو نتيجو دوزخ جي پڙڪندڙ باهه آهي ۽ اها باهه ڪافرن کي گهيري ورتو آهي. هو ڪوڙا عذر ۽ بهانا ڪري جنگ تبوڪ کان ته پاڻ کي بچائي سگهن ٿا، مگر الله جي شعله زن باهه کان پاڻ بچائي نه سگهندا. هو ڪيڏانهن به ڀڄن پر کين باهه چوڌاري گهيري وٺندي. هنن جي اخلاقي ڪمزوري ايتري ته وڏي وئي آهي جو هو جڏهن توکي ڪو خوشگوار واقعو پيش اچي ٿو يا ڪا آسائش ۽ ڀلائي پهچي ٿي ته اها هنن کي نهايت بري لڳي ٿي ۽ هو توکي ڪڏهن به خوش خندان ڏسڻ نٿا گهرن پر جيڪڏهن ڪا مصيبت يا تڪليف اچي ٿي ته خوشيءَ ۾ نچڻ لڳن ٿا، جو ته هنن جون دليون ايمان کان خالي آهن ۽ بدخواهيءَ سان ڀريل آهن ۽ پنهنجي سيني تي هٿ لڳائي چون ٿا ته اسان عقل کان ڪم وٺندي پهريان ئي احتياط اختيار ڪري پنهنجو بچاءُ ڪيو ۽ پر جيڪڏهن هن رسول ڪريم ﷺ جي مشورن تي هلون ها ته هن وانگر مصيبت ۾ ڦاسون ها.

قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ
الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾ قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ۭ وَنَحْنُ
نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ڮ فَتَرَبَّصُوْٓا
اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ۭ
اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ
اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا
يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾

اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم! تون هنن کي چئو تہ اسان کي هرگز ڪا تڪليف نہ تي پهچي، مگر جو ڪجهہ نوشته الله آهي، اهو ئي اسان جو ڪارساز آهي ۽ ايمان وارن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.(51) تون هنن کي چئو تہ توهان جنهن معاملي ۾ اسان لاءِ منتظر آهيو، اها ٻن ڀلائين مان هڪ ڀلائي آهي. (فتح يا شهادت) پر اسان توهان بابت جنهن معاملي جا منتظر آهيون، اها هي آهي تہ توهان تي الله پنهنجي طرفان عذاب موڪليندو يا اسان جي هٿان. سو ڀلي اوهان بہ انتظار ڪريو، اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪيون ٿا.(52) (هو پنهنجي نفاق کي لڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ خرچ ڪن ٿا) هنن کي چئو تہ توهان پنهنجو مال خوشي سان خرچ ڪريو يا ناخوشي سان، اهو هرگز قبول نہ ڪيو ويندو، ان ڪري جو اوهان بدنيت آهيو.(53) هنن جي انفاق کي ان ڪري قبول نٿو ڪيو وڃي جو هو الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪفر ڪن ٿا ۽ ٻي ڪا شيءِ مانع نہ آهي. هو نماز لاءِ بہ سُستي ۽ گهٽ دلچسپي سان ادا ڪرڻ اچن ٿا ۽ جو ڪجهہ بہ خرچ ڪن ٿا اهو مجبورًا ڪن ٿا.(54)

هن کان اڳ واري آيت ۾ ڪافرن جي ان نادانيءَ جو ذڪر آهي، جنهن کي هو پنهنجي دانائي ۽ عقلمندي قرار ڏئي چون ٿا تہ اسان حالتن تي نظر رکي فيصلو ڪيو، ان ڪري احتياط ڪري پنهنجو بچاءُ ڪيو ۽ مسلمانن سان گڏ رهي مصيبت جو شڪار نہ ٿيا آهيون. ٻئي طرف اوهان جي ڪاميابي ڏسي ان کان محروم رهڻ تي ان کي برو سمجهن ٿا. مؤمن ۽ ڪافر جو مصيبت اچڻ يا نعمت ۽ راحت حاصل ٿيڻ وقت اهو فرق آهي تہ مؤمن تي جڏهن ڪا مصيبت اچي ٿي يا تڪليف پهچي ٿي تہ هو صدق دل سان سمجهي ٿو تہ اها مشيت خداوندي پاران ڪنهن مصلحت ماتحت آهي، جنهن جي اذن ڪانسواءِ ڪائنات جو هڪ پن بہ چري نٿو سگهي. هو اسان جي ڀلائي چاهيندڙ ڪارساز ۽ پروردگار آهي، جيڪڏهن هن جي مشيت سان ڪا تڪليف اسان کي پهتي آهي تہ ان ۾ اسان جي ڀلائي آهي.

پريان سندي پار جي مڙيو ئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چت ڪري. (شاھ لطيف)

مؤمنن جو پنهنجي پروردگار تي پورو ڀروسو آهي تہ الله طرفان هميشہ خير ئي خير آهي، هن جي طرفان شر ناهي، پر جڏهن اسان خير جي برڪتن کان خالي ٿي وڃون ٿا تہ پوءِ شر يا مصيبت ان جي جاءِ والارن ٿا، پر ڪافر ۽ منافق ائين نٿا سمجهن.

میرے ساقی نے عطا کی مجھ کو مئی بے درد و صاف
رنگ جو دیکھتے ہو میرے پیمانے کی ہے

يا

ہرچہ ہست از قامتِ ناساز بے اندام ماست
ورنہ تشریفِ تو بر بالائی کس کوتاہ نیست

تون هنن منافقن کي چئو تہ اوهان جو ڪجهہ سوچي رهيا آهيو، اهو اسان لاءِ ٻن ڀلاين مان هڪ ڀلائي آهي، جو تہ جنگ جي ميدان ۾ فتح ۽ ڪاميابي ملندي آهي يا شهادت نصيب ٿيندي، جيڪڏهن اسان کي ڪاميابي حاصل ٿي تہ اها الله جي مدد نصرت آهي، پر جيڪڏهن هن جي راھ ۾ شهادت نصيب ٿي تہ بہ اهو هن جو احسان آهي. مؤمن

ٻنهي حالتن ۾ مدامي رهي ٿو. (البقره: 154/2، آل عمران: 169/3)

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
ادھر بھی ہے عید اور ادھر بھی ہے عید (مشتاق سچاروي)

ان ڪري اوهان پلي انهن ٻنهي نعمتن مان اسان لاءِ ڪنهن ہہ هڪ جا منتظر آهيو تہ وڏي شوق سان رهو اسان بہ توهان جي لاءِ ٻن شين جا منتظر آهيون، يا الله پاران اوهان تي غضب نازل ٿئي يا اسان جي هٿان توهان جو موت يا شڪست سرزد ٿئي. اهي ٻئي شيون اوهان جي لاءِ جهنم جو ڪارڻ آهن. هاڻي اچو تہ ٻئي ڏريون گڏجي نتيجن جو انتظار ڪريون. هنن کي چئو تہ جيڪڏهن اوهان برضا خوشي جنگ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪجهہ خرچ ڪندو يا مجبورًا ڪجهہ ڏيندؤ تہ ٻنهي صورتن ۾ اوهان کان ڪجهہ بہ قبول نہ ڪيو ويندو، اوهان جو اهو انفاق يا مال ڏيڻ الله جي رضا ۽ اسلام جي فتح ۽ ڪاميابي لاءِ دل جي رضا ۽ خوشي سان نہ پر اوهان جي مصلحتن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ مال ڏئي رهيا آهيو. توهان چئو ٿا تہ جنگ کان اسان کي معاف ڪريو، باقي مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اوهان جي امداد هر حال ۾ قبول نہ ڪئي ويندي، جو اوهان جي نيت ۾ کوٽ آهي ۽ اوهان نافرمان آهيو. مال ۽ جان جي قرباني الله وٽ ان جي قبول آهي، جيڪو سچي نيت سان خوشي خوشي الله جي رضا ۽ اسلام جي ڪاميابي جو خواهان آهي. هنن کي چئو تہ اوهان جو انفاق يعني مال خرچ ڪرڻ خوشي سان هجي يا مجبوريءَ ۾، ٻنهي صورتن ۾ قبول نہ ڪيو ويندو، ڇو تہ جيڪڏهن مال رضا خوشي ڏيو تہ بہ ايمان نہ هجڻ سبب اهو اوهان جي آخرت لاءِ ڪنهن ڪم نہ ايندو، خدا وٽ قبوليت نہ ماڻيندو، قبوليت لاءِ ايمان اولين شرط آهي، پر جيڪڏهن مجبورًا ڏيو ٿا تہ بہ دل جي سچائي نہ هجڻ سبب قبول نہ ٿيندو، اوهان الله ۽ ان جي رسول ﷺ تي ايمان آڻڻ کان انڪاري آهيو. اسلام جي دعويدار لاءِ لازم آهي تہ هو خشوع خضوع، عجز و نيزاريءَ سان سربسجود ٿئي. اوهان تہ نماز تي بري سان اچو ٿا. سست، ڪاهل، ڪا دلچسپي ناهي، رڳو نمائشي بہ ٿونگا هڻي هليا وڃو ٿا. اهڙي نماز مان ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو ۽ جنگ جي لاءِ بہ مال خرچ ڪرڻ کان ڪيٻايو ٿا ۽ خرچ نٿا ڪريو، پر جيڪڏهن ڪجهہ مال خرچ ڪيو ٿا تہ بہ دل ٿتي سان مجبورًا ڪيو ٿا.(النساء: 142/4، الماعون: 5/107)

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ
لَمِنْكُمْ ؕ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿۵۶﴾ لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ
مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ
فِى الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا مِنْهَآ اِذَا هُمْ
يَسْخَطُوْنَ ﴿۵۸﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا
اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗۤ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ ﴿۵۹﴾ ع ۷ ۱۴

سو هنن جو مال ۽ اولاد اوهان کي تعجب ۾ نہ وجهي ان کي ڪا وقعت نہ ڏيو. الله جي اها مشيت آهي تہ هو انهن شين جي ڪري ئي کين دنياوي عذاب ۾ وجهي ۽ انهن جو ساهہ ان حالت ۾ نڪري جو هو ڪافر هجن.(55) هي خدا جا قسم کڻي چون ٿا تہ هو اوهان مان ئي آهن، حالانڪ هو اوهان مان نہ آهن. پر هي (پنهنجي نفاق جي پڌري ٿيڻ کان) ڊڄن ٿا. (56) هنن جي اها ڪيفيت آهي، جيڪڏهن هنن کي ڪا پناهہ گاهہ يا غار يا سرنگهہ ملي وڃي تہ ان ڏانهن ڊوڙندا هليا وڃن. پر هينئر مجبوري جي ڪري وفاداري ڏيکارين ٿا.(57) هنن ۾ اهڙا بہ آهن، جيڪي صدقات جي تقسيم ۾ توتي الزام هڻن ٿا. سو جڏهن هن مال مان ڪجهہ هنن کي ڏنو وڃي تہ راضي ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن ان مال مان کين ڪجهہ بہ نہ ملي تہ هو ناراض رهن ٿا. (58) هنن لاءِ اهو بهتر هيو تہ جيڪو ڪجهہ مال الله جي رسول ﷺ ڏنو هيو، ان تي راضي رهن ها ۽ چون ها تہ اسان لاءِ الله ڪافي آهي، الله اڳتي پنهنجي فضل سان اسان کي گهڻو ڪجهہ ڏيندو ۽ ان جو رسول ﷺ بہ ڏيندو، بيشڪ اسان الله طرفان ئي رغبت رکڻ وارا آهيون.(59)

هنن منافقن وٽ مال و دولت جي ڪثرت ۽ اولاد جي گهڻائي ڏسي اوهان ڪي ڪنهن به صورت ان ڪي وقعت ڏئي مرعوب ٿيڻ نہ گهرجي. ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ هنن جي زندگيءَ جي طريقي ڪان الله راضي آهي ۽ ان طرفان هنن تي نعمتن ۽ نوازشن جي بارش ٿي رهي آهي. يا هنن ڪي ڏن دولت، اولاد جي ڪثرت سبب عزت ۽ اڪرام ڏسي نہ حيران ٿيو ۽ نہ وري ڪنهن دباءُ جو شڪار ٿيو. الله اوهان مؤمنن ڪي ايمان جي عظيم دولت سان نوازيو آهي. جيڪا دنيا جي عيش و عشرت جي سمورن اسبابن وعلت وارن ذريعن ڪان گهڻو بهتر آهي. اوهان مؤمنن جي هٿان اسلامي نظام ۽ الله جي قانون مساوات ۽ عدل و انصاف جي آمد آمد آهي. ۽ هنن منافقن جو غرور ۽ گهمنڊ خاڪ ۾ ملڻ وارو آهي ۽ اهو مال ۽ دولت جنهن تي هنن ڪي ناز آهي ۽ ايمان آڻڻ ڪان مانع آهن، سو دنيا ۾ ئي هنن جي لاءِ عذاب بڻجي ويندو، جو هو ايمان جي دولت ڪان محروم رهندا ۽ ڪفر جي حالت ۾ سندن ساهہ نڪرندو ۽ آخرت ۾ جهنم جي باهہ جو ڪاڄ ٿيندا. (التوبه: 85/9) منافقن جي هن حالت زار جو تصور سوره طٰهٰ: 20/ 129-127 ۽ سورة المومنون: آيت 25-23 ۾ آهي. هنن ڪي جو دنيا جي زندگي ۾ آرائش جون جيڪي شيون ڏنيون آهن، اهي سندن آزمائش لاءِ آهن. انهن ڪي ڪا وقعت نہ آهي. هي مال ۽ دولت ۽ اولاد جي امداد جيڪا دنيا ۾ اسان هنن ڪي ڏيون ٿا، اهو خيال نہ ڪن تہ اهو سندن ڀلائي ۽ جلدي ڪري رهيا آهيون. (ائين ناهي) پر هو سمجهن نٿا.

اهي منافق اسلام جي هر روز وڌندڙ مقبوليت ۽ پنهنجي اونداهي مستقبل جو تصور ڪري خوفزده آهن ۽ وڏا وڏا قسم کڻي اوهان ڪي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ هو توهان جي جماعت جو حصو آهن ۽ انهن سيني رعايتن جا مستحق آهن، جيڪي مسلم معاشري ۾ سڀ ڪي يڪسان حاصل آهن. هنن جي هي ساري تگ ودو ان ڊپ ڪان آهي تہ جيڪڏهن هو اوهان ڪان الڳ ٿي ويا تہ هي بہ ان انجام تي پهچايا ويندا، جنهن تي هن ڪان اڳ ڪافرن، مشرڪن ۽ يهودو نصاريٰ جو خاتمو ٿيو هو. هي بزدل هميشہ هن فڪر ۾ مبتلا آهن. جيڪڏهن هنن ڪي ڪٿي پناهہ ملڻ جو آسرو هجي يا لڪڻ لاءِ ڪا محفوظ غار ملي وڃي تہ ان ۾ وڃي سک جو ساهہ پٽين يا ڪا اهڙي سرنگ نظر اچي تہ ان جي ذريعي هي خوف ۽ خطري جا هماليہ پار ڪري ٻئي طرف رهائش اختيار ڪن ۽ بلڪل اهڙي طرح ڊوڙ پائي پڄن جيئن ڪو وحشي جانور رسو ٽوڙائي يا لغام ڪيرائي ڀڄي ويندو

آهي. هنن جا رات ڏينهن انهيءَ ٻڌ ٽر ۾ گذرن ٿا ڇو ته هي بزدل آهن. ان ڪري ظاهري طور مسلماني جي لباس ۾ ڪي منافقاڻو روپ اختيار ڪري مسلمان سڏائين ٿا، پر اندر ۾ بلڪل ڪٽر مشرڪ آهن ۽ شرڪ جي نتيجن کان به ڪنبي رهيا آهن. اسلام جي برڪت سان بيت المال ۾ هر طرف کان عطيات، صدقات، زڪوات ۽ مال غنيمت اچڻ سبب مالي وسائل جي ڪشاده هئڻ سبب مال و دولت ۽ سيم وزر جا ذخيرا جمع ٿيڻ لڳا. جن کي نبي اڪرم ﷺ پنهنجي هٿن مبارڪن سان غريبن، مسڪينن، يتيمن، بي واهه، بي آسري ماڻهن ۾ سندن ضرورتن مطابق تقسيم ڪندا هئا. منافق سخا ۽ ڪرم جي هن وڏڦڙي برسات کي ڏسي، سندن خواهش هئي ته هو به ان مان سيراب ٿين. هو نبي ڪريم ﷺ جي تقسيم تي اعتراض ڪري ناانصافيءَ جو الزام لڳائيندا هئا. جنهن جو مقصد هو ته بليڪ ميل ڪري گهڻو حصو حاصل ڪن، حقدار هجن يا نه هجن، پر هر حالت ۾ وڏو حصو حاصل ڪن. هڪ گستاخ منافق پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ کي چيو ته "يَا مُحَمَّد! اِعْدِلْ" اي محمد (ﷺ) عدل ڪر. جنهن تي پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ فرمايو: "وَيْلَكَ وَمَنْ يَّعْدِلُ اِذْ لَمْ اَكُنْ اَعْدِلُ" شل برباد هجين جيڪڏهن مان عدل نه ڪندس ته ٻيو ڪير عدل ڪندو؟ هنن جو حال هي آهي جو ڪين سندس مرضي مطابق ملي ته راضي رهندا، پر جيڪڏهن نه ملي يا مرضي کان گهٽ ملي ته يڪدم خفا ٿي ويندا. منافق پنهنجي اندر جي پليتي سبب ڪڏهن به راضي نه رهندا ۽ بدگماني پيدا ڪرڻ لاءِ الزام تراشي جو سلسلو جاري رکندا.

زڪوات جي مال جا مصارف ۽ حقدار قرآن ۾ مقرر آهن (التوبه: 20/9 کان 22) باقي خيرات عطيات وغيره لاءِ به مستحق مسڪين، غريب، يتيم ۽ بيواهه بي آسري وارا ڏتڙيل انسان آهن، جن کي حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ وٽان دل کولي مال ملندو هو. منافق جيڪي مسلماني لبادي ۾ هوندا هئا، انهن کي محروم نه ڪيو ويندو هو، پر ان هوندي به هو خوش نظر نه ايندا هئا ۽ هميشه شڪايتون ڪندا رهندا هئا. ڪاش جيڪڏهن هو دنيا جي عظيم ۽ ڪامل ترين ذات مطهّر جي تقسيم کي دل جي خوشي سان راضي ٿي قبول ڪن ها ۽ الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي ڏنل عطيات تي سرها ٿين ها ۽ چون ها ته الله اسان لاءِ ڪافي آهي. عنقريب اسان کي الله ۽ ان جو رسول خاتم النبيين ﷺ مزيد عنايت ڪرڻ فرمائيندو ۽ اسان الله جي هن نظام طرف رجوع ڪيون ٿا ۽ تسليم ڪيون ٿا. (الحشر: 7/59)

إِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ
وَفِي الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ فَرِيْضَةً مِّنَ
اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾ وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ
هُوَ اُذُنٌ ؕ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ
لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ
اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ
اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾

الثلثة

بيشڪ صدقات (زڪوات) رڳو غريبن، محتاجن، زڪوات جي وصولي ڪندڙ ڪارڪنن، تاليفِ قلوب (اسلام جي محبت پيدا ڪرڻ) انسانن جي گردن غلامي کان آزاد ڪرائڻ، قرض دارن ۽ الله جي راهه ۾ مسافرن لاءِ الله طرفان مقرر ڪيل فريضو آهي. الله عليم ۽ حڪم آهي. (60) انهن منافقن مان اهي ماڻهو به آهن، جيڪي پيغمبر ﷺ کي ڏک ڏين ٿا ۽ چون ٿا ته هو ڪنن جو ڪچو آهي. کين ٻڌايو ته اهي توهان جي ڀلائي وارا ڪن آهن. الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ ايمان وارن تي اعتماد ڪري ٿو ۽ انهن مؤمنن لاءِ سراپا رحمت آهي. (ياد رکو) جيڪي ماڻهو الله جي رسول ﷺ کي رنج پهچائي رهيا آهن، انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.(61) مسلمانو! هي منافق اوهان جي آڏو الله جو قسم کڻن ٿا ته جيئن توهان کي راضي رکن. حالانڪ الله ۽ ان جو رسول ﷺ زياده حقدار آهن ته انهن کي راضي رکيو وڃي. جيڪڏهن هي ماڻهو مؤمن هجن ها ته رسول الله ﷺ کي راضي ڪن ها ته الله به راضي ٿي وڃي ها ڇو ته ٻنهي جي رضا هڪ آهي.(63)

منافقن جي هلندڙ ذڪر دوران درميان ۾ صدقات واجبه) (زڪوات) جا مصارف بيان ٿي ويا آهن، اهو ان ڪري آهي جو ڪافر آنحضرت ﷺ تي تقسيم مال ۾ جانبداري ۽ ناانصافيءَ جو الزام لڳائيندا هيا. هت انهن کي ٻڌايو وڃي ٿو ته صدقات واجبه جا مصارف خود الله تعالیٰ قرآن مجيد ۾ مقرر ڪيا آهن ۽ پاڻ ڪريم ﷺ ان مطابق تقسيم مال تي عمل ڪري ٿو. جيڪو بي انصافي يا جانبداريءَ کان بلڪل پاڪ آهي. بيت المال ۾ جيڪي صدقات جمع ٿين ٿا، اهي ان مصارف لاءِ خاص آهن، جيڪي اجتماعي ضرورتن ۽ ذميدارين جي منهن ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيندڻيون آهن، جن کي الله تعالیٰ پنهنجي علم و حڪمت سان مقرر ڪرڻ فرمايو آهي. ان ڪري صدقات رڳو انهن ۾ ئي تقسيم ٿي سگهن ٿا. هي ڪنهن جي ذاتي مفاد يا انفرادي جذبات جي تسڪين ۽ حريص ماڻهن جي خواهش تي تقسيم نه ڪيا ويندا آهن. هن جا مقرر مصارف هن طرح آهن:

**فقراء ۽ مساڪين**، جيڪي ڪنهن سبب پاڻ ڪمائڻ جي قابل نه آهن ۽ پنهنجي ضروريات زندگي لاءِ ٻين جا محتاج آهن. فقير جو لفظ غني جي مقابلي ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ هر قسم جي حاجتمند لاءِ عام آهي. مسڪين ان جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت آهي. مسڪين يعني ”مَسڪنت“ ۾ عاجزي، بي حالي، بي بسي ۽ بيچارگي شامل آهن. ان ڪري مسڪين ان کي چئبو جيڪو عام حاجت مندن جي بنسبت زياده خسته حال هجي.

**عاملين** مان مراد اهي ماڻهو آهن، جيڪي زڪوات جي وصولي، تقسيم ۽ تنظيم تي مامور آهن. انهن جا معاوضا هن مال مان ادا ڪيا ويندا.

**تاليف قلوب** مان مراد آهي اسلام لاءِ ماڻهن جي دلين کي مائل ڪرڻ. يعني ڪي ماڻهو حلقهءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار آهن، پر بعض معاشي رڪاوٽن ۽ رنڊڪن جي ڪري جيڪي سندن رستي ۾ اهڙي طرح حائل آهن، جو هنن کي اسلام قبول ڪرڻ کان روڪين ٿيون. انهن مجبورين کي دور ڪرڻ لاءِ مالي مدد ڪرڻ آهي.

**في الرقاب** يعني اهڙا ماڻهو جيڪي محڪوميءَ جي زنجير ۾ جڪڙيل آهن. انهن کي آزاد ڪرائڻ.

**الغارمين** يعني نقصان تاوان يا قرض جي مصيبت ۾ مبتلا هجن، انهن جي امداد ڪرڻ. انهن مستحق ماڻهن جي، جن کي اوچتو ضرورت لاحق ٿي وڃي ۽ سندن مالي ضرورت

پوري ڪرڻ لازم آهي. هن مد ۾ اهڙا هاري يا مزدور جيڪي مالڪ جو قرض ڏيڻ لائق نہ آهن، انهن کي آزاد ڪرائڻ بہ تي سگهي ٿو.

**في سبيل الله** يعني انهن ضرورتن بعد اهي سمورا ڪم، جيڪي اسلامي رياست جي مفاد ۽ نوع انسان جي فلاح بهبود لاءِ مددگار هجن، انهن جي سرانجام ڪرڻ لاءِ گهربل آهن. هن ۾ مقروض هاري ۽ مزدور بہ اچي وجن ٿا، پر ڪجهہ علماءِ جو خيال آهي تہ ان مان مراد جهاد في سبيل الله مراد آهي.

**ابن السبيل** اهڙا مسافر، جن کي سفر جي دوران مدد جي ضرورت آهي. توڙي ڪٿي هو پنهنجي وطن، شهر ۽ ڳوٺ ۾ شاهوڪار هجن، پر سفر ۾ هنن جي ضرورت پوري ڪرڻ لازم آهي. مفتي محمد شفيع ۽ تعارف القرآن ۾ حضرت ڪانڌلوي ﷫ موجب زڪواة في سبيل الله واري مد ۾ مساجد، مدارس، شفاخانن، مسافرخانن وغيره جي تعمير، کوهہ کوٽائڻ، پليون يا رستا نهرائڻ اهڙا ٻيا رفاهي ڪم ڪرڻ ناجائز آهن. (تفسير درس قرآن) هي مصارف الله جي طرفان فريضو آهن، جنهن جو ذميداريءَ سان ادا ڪرڻ لازم آهي. الله اوهان جي هر قول، فعل ايمان و عمل کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو ۽ هن جو هر فرمان حڪمت سان لبريز آهي، ڇو تہ هو عليم و حڪيم آهي. نبي اڪرم ﷺ پنهنجي شفقت، رحمت ۽ انساني همدرديءَ ۾ هر مؤمن جي فرياد ٻڌڻ لاءِ هر وقت تيار هئا. پر اها ڳالهہ منافق جي مزاج خلاف هئي. خاص طور هنن جا رئيس ۽ قبائلي سردار تہ غريب ۽ مسڪين کي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏيندا هئا. اهي نبي اڪرم سراپا رحمت ﷺ جي معمولات کي ڏسي ٽوڪيندا هئا ۽ چٿرون ڪندا هئا. (الاحزاب: 48/33) ۽ هن جي آزارڻ وارو ڪڌو ڪم هو ڪنن جو ڪچو آهي. عام خاص جو مشورو وني ٿو، هر ماڻهوءَ جي هر ڳالهہ ٻڌي ۽ ان تي عمل ڪري ٿو، اها ڳالهہ هڪ نبوت جي دعويدار لاءِ مناسب ناهي. هنن کي ڇئو تہ هيءَ صفت يعني هر ماڻهو جي دک درد جي داستان ٻڌڻ حلم و ڪرم عفو و درگذر ڪرڻ وارين صفتن جو اظهار آهي، جنهن ۾ شر ۽ فساد جو ڪو شائبو ناهي. هو تہ اعلىٰ ڪردار ۽ خلق عظيم جا علمبردار آهن. هن جا ڪن انسانن جي ڀلائي لاءِ استعمال ٿين ٿا. هو الله تي مستحڪم ايمان رکي ٿو ۽ اهل ايمان جي ڳالهين تي اعتماد ڪن ٿا. هن جا وفا شعار مخلص مؤمن نہ هن سان غلط ڳالهہ ڪندا ۽ نہ ڌوڪو ڏيندا. هن جي ذات گرامي تہ مؤمنن

لاءِ سراپا رحمت آهي.(الانبياءِ: 107/21) ۽ مؤمن به ان جا جان نثار سپاهي آهن، پر جيڪي منافق رسول ﷺ جي ايذاءَ رساني جي درپئي آهن، انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

منافقن جون اهي چالبازيون، حرفتون ۽ حرڪتون مؤمن مسلمانن کي به معلوم ٿي ويون هيون ۽ هو ڪين انهيءَ نگاهه سان ڏسڻ لڳا. منافقن به محسوس ڪيو ته هنن جا راز ۽ منصوبا فاش ٿي رهيا آهن، جنهن ڪري هو مؤمنن کي راضي رکڻ لاءِ الله جو قسم کڻي پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته جيئن مؤمنن کي راضي رکن ۽ اسلام جي معاشرتي ۽ معاشي نظام مان فائدا حاصل ڪندا رهن. هتي رڳو مؤمنن جي جماعت يا افراد کي راضي رکڻ جو معاملو نه هيو، هو دراصل مسلمانن سان فريب ڪري رهيا هئا. ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي راضي رکڻ زياده ضروري آهي. الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي راضي رکندا ته مؤمنن جي دلين ۾ هنن لاءِ خيرخواهيءَ جا جذبا عيان ٿيندا. ان ڪري ڪين رسول الله ﷺ جي سڏ تي لبيڪ چئي، ان کي راضي ڪن ته الله به هنن سان راضي ٿي ويندو. ياد رهي ته الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي هڪ رضا آهي، جيڪڏهن واقعي مؤمن آهن ته پوءِ سر تسليم خم ڪري تعليمات نبوي کي دل وجان سان قبول ڪن.

اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ
خَالِدًا فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ۝٦٣ يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ
سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا
تَحْذَرُوْنَ ۝٦٤ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَنَلْعَبُ ؕ قُلْ اَبِاللّٰهِ
وَاٰيٰتِهٖ وَ رَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٦٥ لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ
اِيْمَانِكُمْ ؕ اِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةً ۢ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا
مُجْرِمِيْنَ ۝٦٦ ع

ع ٨ / ١٤

چا هنن کي معلوم ناهي تہ جو شخص الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي مخالفت ڪري ٿو تہ ان لاءِ دوزخ جي باھ آهي، جنهن ۾ هو هميشہ رهڻ وارو آهي. اها زبردست رسوائي آهي.(63) هي منافق ڊڄن ٿا تہ هنن تي ڪا اهڙي سورت نہ نازل ٿئي جو هنن جي دلين جا راز (مسلمانن) تي افشان ڪري. هنن کي چئو تہ ڪجھ دير اجان مذاق ڪندا رهو. بيشڪ ان کي ظاهر ڪندو جنهن کان اوهان ڊڄو ٿا.(64) هن باري ۾ جيڪڏهن تون هنن کان پڇين تہ چوندا تہ اسان رڳو پوڳ ۽ دل وندرائڻ لاءِ ڪري رهيا آهيون. هنن کي چئو تہ ڇا الله سان ان جي آيتن سان ۽ ان جي رسول ﷺ سان مذاق ڪري رهيا آهيو؟ (65) عذر بهانا نہ ڏيو، اوهان ايمان کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان توهان جي هڪ گروھ کي معاف بہ ڪيون، تہ ٻئي گروھ کي ضرور عذاب ڏينداسون ڇو تہ هو مجرم آهن.(66)

---

هن کان پهريان بہ منافقن بابت بيان ٿي رهيو هيو ۽ درميان ۾ خاص مصلحت تحت صدقات واجبه (زڪواة) جا مصارف بيان ٿيا. هاڻي وري ساڳيو مضمون منافقن جو بيان جاري آهي. ڇا هو ان حقيقت کان بي خبر آهن ۽ ڪجھ نٿا ڄاڻن تہ الله جي آيتن ۽ صريح حڪمن جي مخالفت ڪرڻ ۽ رسول الله خاتم النبيين ﷺ جي خلاف ناروا ۽ نازيبا مهم هلائڻ ۽ ان جو مذاق ۽ استهزاءِ ڪرڻ جو نتيجو جهنم جي باھ آهي. جيڪڏهن هو ماضيءَ جي واقعن جي حقيقت جو جائزو وٺن تہ کين معلوم ٿي ويندو تہ جنهن بہ قوم الله جي رسول ۽ نبيءَ جي مخالفت ڪئي آهي، انهن تي آسمان عذاب ٿي ڪڙڪيو آهي. هي بہ ان تاريخ اقوام عالم جو حصو آهن، هي منافق بہ ضرور جهنم رسيد ٿيندا، جيڪا نهايت وڏي رسوائي ۽ خواريءَ جي جڳھ آهي. منافق هميشہ انهيءَ ڊپ ۾ رهن ٿا تہ مسلمانن تي ڪا اهڙي سورت نازل نہ ٿي وڃي، جيڪا هنن جي سيني جي اندر جا ڳجها راز سازشون ۽ تدبيرون سڀ ظاهر ڪري بيان ڪري ۽ هنن منافقن کي مؤمنن جي ملامت جو نشانو ٿيڻو پوي. منافق نبي خاتم النبيين ﷺ جي نبوت ۽ رسالت تي سچو ايمان تہ نہ رکندا هيا پر کين پوين انن نون سالن دوران جيڪي حقيقتون سامهون آيون آهن يا جيڪي تجربات هنن پنهنجن

اکين سان ڏٺا آهن تہ انهن مان ڪين يقين تي ويو هو تہ پاڻ ڪريمن وٽ فوق الفطري ۽ غيبي قوتن ذريعي معلومات ضرور آهي، جنهن جي ذريعي هن ڪي پوشيده رازن جو بہ پتو پئجي ٿو وڃي ۽ بسا اوقات قرآن جيڪا هنن جي خيال ۾ سندس تصنيف آهي بہ هنن منافقن جي سازشن ڪي بي نقاب ڪيو ڇڏي. ان ڪري خوف زده بہ هئا پر پنهنجي عادت ۽ عداوت ڪان مجبور ٿي مخالفت ۽ مذاق ۾ مشغول هئا. هنن ڪي چؤ تہ پنهنجو مذاق پلي جاري رکو. الله اوهان جا سڀ منصوبا ظاهر ڪرڻ فرمائيندو جن جو اوهان ڪي دل ئي دل ۾ خوف لاحق آهي. پر جيڪڏهن هنن ڪان پڇاڻو ڪندا تہ اوهان هن بداخلاقي ۽ بدڪلامي ڪان باز چو نٿا اچو. انهي ذلت واري روش، ٺٺول ۽ مذاق ڪي چو نٿا ڇڏي ڏيو، جنهن لاءِ ڪنهن بہ معافيءَ جي گنجائش ناهي، چوتہ هي رڳو تمسّخر نہ آهي، پر وڏو جرم آهي. اهو ٻڌي هو چوندا آهن تہ اسان رڳو پنهنجي دل بهلائڻ ۽ چرچا يوڳ ڪرڻ لاءِ ائين ڪيون ٿا. جنهن مان اسان جو مقصد ڪنهن جي تذليل ۽ توهين نہ آهي. تون ڪين چئو تہ توهان الله ۽ ان جي آيتن ۽ رسول اڪرم خاتم النبيين ﷺ تي ٺٺول ۽ استهزاء ڪري رهيا آهيو. پنهنجي هن تضحيڪ واري روش سان انهن مسلمانن جا حوصلا پست ڪرڻ گهرو ٿا، جيڪي هميشہ جهاد لاءِ جان فروش ۽ پنهنجي هادي ۽ رهبر لاءِ جان نثار آهن. وڏي واڪ پروپيگندا ڪري رهيا آهيو تہ هنن مسلمانن ڪي ڪُٺيءَ ڪنيو آهي جو روم ۽ شام جا قلعا فتح ڪري بادشاهت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. پر تاريخ گواهہ آهي تہ رسولن جي مختصر ۽ بي سرو سامان فوج وڏي هٿياربند فوج تي فتح حاصل ڪئي آهي. ان ڪري توهان جو مذاق توهان لاءِ حقيقت جو روپ ڌاري ايندو رڳو وقت جو انتظار ڪريو. توهان جي چالبازي ۽ بهاناسازي جون سموريون ڳالهيون ظاهر ٿي چڪيون آهن. انهن تي پردو وجهڻ ۽ لڪائڻ جون لک ڪوششون ڪريو، سڀ بيڪار ۽ بي سود آهن. اوهان سچي ڳالهہ چو نٿا ڪريو تہ توهان ايمان آڻڻ بعد وري ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي آهي ۽ ڪوڙا عذر بهانا ڏئي پنهنجي ايمان جو يقين چو ٿا ڏياريو. اوهان غلط بيانيءَ ڪري مؤمنن ڪي تہ ڌوڪو ڏئي سگهو ٿا پر الله ڪي ڌوڪو ڏئي نٿا سگهو. الله جو قانون آهي تہ هو جيڪڏهن اوهان مان هڪ گروهہ تي عفو ۽ درگذر ڪان ڪم وٺي ۽ ٻئي گروهہ ڪي عذاب جو مزو چکائي چو تہ هو مجرم آهن. ان ڪان ڪيس ڪير روڪي سگهندو؟

وقف لازم

اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ
عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ
هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۶۷﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ۙ﴿۶۸﴾
كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْۤا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ؕ
فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ
مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ
اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۶۹﴾

منافق مرد ۽ منافق عورتون سڀ هڪجهڙا آهن. هو برائيءَ جي دعوت ڏين ٿا ۽ ڀلائيءَ کان منع ڪن ٿا ۽ پنهنجا هٿ (خير لاءِ خرچ ڪرڻ کان) بند رکن ٿا، هو الله کي وساري وينا ته الله به هنن کي وساري ڇڏيو، بيشڪ منافق نافرمان آهن.(67) منافق مردن ۽ منافق عورتون ۽ ڪافرن لاءِ الله جي طرفان دوزخ جي باهه جو وعدو آهي، جنهن ۾ هو هميشه هوندا. انهن لاءِ اها (نار جهنم) ڪافي آهي. هنن تي الله جي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ دائمي عذاب آهي.(68) (اي ايمان جا ڪوڙا دعويدار منافقو!) توهان به عقيدي ۾ انهن منافق ماڻهن وانگر آهيو، جيڪي اوهان کان اڳ هيا، اهي اوهان کان وڌيڪ قوت وارا (زوردار) مال ۽ اولاد جي ڪثرت ۾ زياده حيثيت وارا هئا. سو هنن به پنهنجي مدت ۾ جيڪو فائدو ورتو پوءِ تباهه ٿي ويا) توهان به اهڙي طرح مستفيض ٿي وٺو، بلڪل ساڳي طرح جيئن توهان کان اڳ وارن پنهنجي حصي جو فائدو ورتو. جهڙي

**طرح هو ڪج بحثيءَ ۾ ملوث هئا، اوهان به ساڳي طرح خرافات ۾ رذل آهيو. هي ماڻهو اهي آهن جن جا اعمال دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا ۽ اهي ماڻهو ئي خساري ۾ آهن.(69)**

منافق مرد منافق عورتون روش توڙي سوچ ۾ سڀ هڪ جهڙا آهن. سڀ بيائي ۽ ڏوڪي دهي ۾ برابر آهن. هو برن ڪمن جي تلقين ڪن ٿا ۽ چڱا ڪم ڪرڻ کان ماڻهن کي روڪين ٿا، جنهن ڪري معاشري ۾ فتنو ۽ فساد عروج تي آهي، جو ڏاڍو سو گابو مثال، لٽ مار ۾ رذل آهن. مال مايا ميڙڻ جي حرص ۾ پنهنجو مال ڪنهن جي فلاح ۽ بهبود ۾ ڏيڻ بدران ڪنجوس آهن. هو الله جي حڪمن کي پوريءَ طرح وساري چڪا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ هو الله جي برڪتن ۽ فائدن کان محروم ٿي ويا آهن. هو پنهنجن برن ڪمن جي ڪري هميشه واري عذاب جا مستحق ٿي چڪا آهن. پلا جن ماڻهن جو شيوه ئي اهو هجي ته اهي برن ڪمن جو مشورو ڏين، همت افزائي ڪن، تعريف ۽ مدح سرائي ڪري، برائيءَ تي وڌيڪ آماده ڪن. برن ماڻهن جي عزت افزائي ڪن ۽ ماڻهن کي نيڪيءَ جي ڪمن کان روڪين. انهن جي مخالفت ڪن ۽ خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪن، گويا الله کان ناتو ٽوڙي چڪا آهن ته الله به انهن کي هدايت جي توفيق کان خارج ڪري ڇڏيو ۽ آخرڪار نامراد ٿي ويا. (طٰه: 126/20، الجاثيه: 24/45، الحشر: 19/59)

الله تعالىٰ منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن لاءِ جهنم جي باهه جي وعيد ڪئي آهي. ڪافرن ۽ منافقن جي ڪردار جو نتيجو ساڳيو آهي. پر ائين چئجي ته منافق جهنم جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ هوندا، جتي دوزخ جي باهه جي تپش ۽ تيزي تمام گهڻي هوندي. (النساء: 145/4) جتي هنن جو ڪو به رفيق يا مددگار نه هوندو، جو انهن کي دوزخ جي باهه واري بدترين عذاب کان بچائڻ ۾ مدد ڪري. منافق دراصل به منهي بلا آهي. ظاهري طور پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري مسلمانن کان فائدا حاصل ڪري ٿو، پر وري اندر ۾ نفاق ۽ ڪفر سبب انهن جي بدخواهي ۽ بربادي جي سازش ۾ به سرگرم رهي ٿو. گويا:

”منهن ۾ موسىٰ جهڙو اندر ۾ ابليس“.

ڪافر ته اندر ٻاهر باطن ظاهر انڪاري آهي ۽ مؤمن ڪيس ان نگاهه سان ڏسي ٿو، پر منافق جو رويو ڏوڪو، مڪر ۽ فريب آهي. ڪافر ۽ منافق ايمان جي دولت کان خالي ۽ الله جي لعنت هيٺ آيل آهن ۽ دائمي عذاب جا مستحق آهن. (اي منافقو! توهان به) ان منافقن جهڙا منافق آهيو. انهي روش ۽ سوچ جا حامل آهيو، جيڪا هنن جي هئي، هو پنهنجي مال، دولت ۽ اولاد جي ڪثرت ڪري معاشي ۽ معاشرتي طور اوهان کان گهڻو زياده هئا. هو پنهنجي حيثيت ۽ ڪردار مطابق (دنياوي نفعي ۽ اخروي نقصان جو) حصو وٺي ويا ۽ آخرڪار تباهه ٿي ويا، اوهان به پنهنجي ڪارنامن مطابق دنياوي استفادو ۽ اخروي نقصان ڪري رهيا آهيو ۽ اوهان به ان خرافات، بيهوده مصروفيتن ۾ نمايان آهيو، جهڙيءَ طرح هو پنهنجن باطل بحث ۾ رذل هئا ۽ بي جا ۽ بي تڪيون ڳالهيون ڪري وقت ضايع ڪندا هئا. درحقيقت هي اهي ماڻهو آهن، جن جا اعمال دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي ويا آهن ۽ وڏي خساري وارا آهن.

اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ەۙ وَقَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ
وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ
لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ
وقف لازم بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ
وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ
سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ
وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ
طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ
ع ١٥ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾ ع

ڇا هنن کي انهن ماڻهن جي خبر نہ ملي آهي، جيکي هنن کان اڳ هيا: نوح عليه السلام جي قوم، عاد، ثمود ۽ ابراهيم عليه السلام جي قوم، مدين وارا ۽ جن شهرن کي الٽ پلٽ ڪيوسون، انهن قومن جا رسول سڳورا هنن ڏانهن چٽيون نشانيون کڻي آيا، پوءِ ائين ناهي تہ الله هن سان ظلم ڪيو، پر هنن پاڻ پاڻ تي ظلم ڪيو. (70) مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون اهي ہہ هڪ ٻئي جا رفيق آهن. (منافقن جي برخلاف) هو ڀلائيءَ جي تلقين ڪن ٿا ۽ برائيءَ کان روڪين ٿا، نماز جو اهتمام ڪن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪن ٿا. الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جي اطاعت ڪن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي الله عنقريب پنهنجي رحمت سان نوازيندو، بلاشڪ الله زبردست آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.(71) هنن مرد مؤمنن ۽ عورت مؤمنن سان الله جو وعدو آهي، انهن باغن جو، جن جي دامن ۾ نهرون جاري آهن. هو ان ۾ هميشہ رهندا ۽ اهڙن پاڪيزه مڪانن ۾ هوندا، جيڪي جنت جي خاص مقام تي سدا بهار باغن جا مزا ماڻيندا ۽ ان کان وڌيڪ الله جي رضا ۽ خوشنودي حاصل هوندي. اها وڏي ڪاميابي هوندي.(72)

هي منافق جيڪي سرڪشي، گمراهي ۽ بداخلاقيءَ ۾ روز بروز اڳئين کان اڳرا آهن، ڇا هنن کي اڳ گذري ويل قومن جي تباهي ۽ بربادي ءَ جي خبر نہ پهتي آهي. نوح عليه السلام جي قوم مان جيڪي ٻيڙي تي سوار ٿيا، انهن کانسواءِ ٻين کي ٻوڏ ۾ غرق ڪري ڇڏيو. عاد جي قوم ڏانهن هود عليه السلام کي موڪليو ويو، جنهن هنن کي شرڪ کان روڪيو ۽ توحيد جو پيغام ڏنو، پر انهن انڪار ڪيو ۽ الله جي غضب جو نشانو ٿيا. ثمود جي قوم ڏانهن صالح عليه السلام آيو، سندس قوم غرور ۽ تڪبر ڪيو. الله جي نشاني ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيو، ڪين زلزلي تباهہ ڪيو ۽ گهرن ۾ اونڌا ٿي ويا. حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعوت توحيد تي ڪيس باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو ويو ۽ قوم تباهہ و برباد ٿي وئي. مدين ڏانهن شعيب عليه السلام آيو، جنهن کي بہ قوم ڪوڙو قرار ڏنو ۽ تهس نهس ٿي ويا. لوط عليه السلام پنهنجي قوم کي هم جنس پرستيءَ کان منع ڪئي، پر قوم ڪيس نہ مڃيو تہ انهن تي بارش غضب

ٿي ٽٽي ۽ سندن گهر چٽ پٽ ٿي ويا. هنن سمورين قومن ڏانهن الله جا رسول سڳورا آيا، پر هنن سلامتيءَ جو رستو ڇڏي تباهي جي راهه اختيار ڪئي ۽ تباهه ٿي ويا. هنن سان الله جي طرفان ڪا بہ زيادتي ڪا نہ ٿي پر هنن پاڻ سان ظلم ڪيو.

رب رسي، مَت ڪسي، هٽي ڪونہ هٽيار
ڏسي اهڙي ڪار، جنهن ۾ جوکو جان جو
(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

جهڙيءَ طرح منافق هڪ الڳ امت آهن، تہ اهڙي طرح اهل ايمان بہ هڪ الڳ امت آهن. توڙي ايمان جو ظاهري اظهار ۽ اسلام جي بي دلي پيروي بظاهر ٻنهي جي هڪ جهڙي نظر اچي ٿي، پر اخلاق، ڪردار، اطوار، مزاج ۽ طرز عمل هڪ ٻئي جي بلڪل مختلف آهي.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے، شاہیں کا جہاں اور
(اقبال رحمة الله عليه)

هڪڙن جي ايمان ۾ سچائي ۽ عمل ۾ خلوص آهي تہ ٻي ڌر ڪوڙ، ڏوڪي، فريب جو شڪار آهي. مؤمن نيڪي جي تلقين ڪن ٿا، نيڪيءَ کي پسند ڪن ٿا ۽ نيڪوڪارن جي همت افزائي ڪن ٿا. ڪين برائيءَ کان روڪين ٿا، برائي سان نفرت ڪن ٿا ۽ برن جي صحبت کان پرهيز ڪن ٿا. هو خشوع ۽ خضوع سان نماز ادا ڪن ٿا ۽ اقامت صلوات جي نظام کي تقويت پهچائين ٿا. انسانن جي فلاح ۽ بهبود جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن ٿا. زڪوات پابنديءَ سان ڏين ٿا. الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت ۾ نمايان رهن ٿا. حديث ۾ آهي: "اَلْمُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِ كَالْبُنْيَانِ" هڪ مؤمن ٻئي مؤمن لاءِ بنيان آهي. "اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ" (الحجرات: 10/49) مؤمن، مؤمنَ جو ڀاءُ آهي. "مَنْ حَمَلَ عَلَيْنَا السِّلَاحَ فَلَيْسَ مِنَّا" (صحيح بخاري) جنهن مؤمن تي هٿيار کنيو، اهو مؤمن ناهي. "سِبَابُ الْمُؤْمِنِ فُسُوْقٌ وَ قِتَالُهٗ كُفْرٌ" (صحيح بخاري) مؤمن کي گار ڏيڻ ڏوهه ۽ قتل ڪرڻ ڪفر آهي. هي اها ملت آهي، جن کي الله پنهنجن بي انتهائي نوازش نعمتن عنايتن ۽ احسانن سان نوازيندو. الله هر شيءِ ڪرڻ تي غالب آهي ۽ سندس هر ڪم حڪمت سان لبريز آهي. مؤمنن جي فرض

شناسي، اطاعت گذاري حقوق و فرائض جي بجا آوري، دين اسلام لاءِ سرفروشي، نيڪيءَ جي ڪمن ۾ دلچسپي ۽ برائيءَ کان نفرت ۽ ان کان روڪڻ لاءِ آمادگيءَ جي نتيجي ۾ الله مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي جنت جي اهڙن سرسبز شاداب باغن جو وعدو ڪيو آهي، جن جي دامن ۾ آباد رکڻ لاءِ نهرون جاري آهن. سڀ نعمتن کان وڌ الله جي رضامندي جي نعمت حاصل آهي ۽ انسان جي اها عظيم ڪاميابي آهي. (الحديد: 12/57، التحريم: 8/66)

پهرين آيتن ۾ منافقن جو ذڪر هيو ۽ هن آخري آيت ۾ مؤمنن جو بيان آهي. منافقن جون 11 نشانيون ٻڌايون ويون آهن: (1) جهاد وقت ڪوڙا قسم ۽ حيلا بهانا ڪري جان ڇڏائيندا آهن. (2) جهاد ۾ شريڪ ٿيندا ته مسلمانن ۾ فتنو پيدا ڪندا. (3) مسلمانن کي ڪا خوشي نصيب ٿئي ته اهي ناخوش ٿيندا. (4) نماز ۾ ڪاهلي ۽ سستي ڪندا. (5) الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ کان لنوائيندا. (6) ٻيائيءَ سبب هميشه خوفزده رهندا. (7) حضور اڪرم ﷺ ۽ مسلمانن تي چٽر ۽ نڪته چيني ڪندا. (8) مال هٿ ڪرڻ جي لالچ ۽ حرص ۾ هوندا. (9) چٽر، ٺٺول ۽ مسخريءَ کي مذاق چوندا. (10) منافقن جا دوست ۽ مؤمنن جا دشمن هوندا. (11) برائيءَ جو ڪم ڪندا. مؤمنن جون هي خوبيون آهن: (1) ڀلائيءَ جو حڪم ڪندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا. (2) نماز قائم ڪندا ۽ زڪواة ادا ڪندا. (3) الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪندا. (4) مؤمن، مؤمن جو همدرد ۽ مددگار هوندو. (5) عدل ۽ انصاف ۾ دشمن ۽ دوست برابر هوندا. (6) الله جي رضامندي، خوشنوديءَ جا طلبگار هوندا.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ
جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ
الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْٓا اِلَّآ
اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ
وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ
وَمَا لَهُمْ فِي الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ

لَىِٕنْ اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝٧٥ فَلَمَّآ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ۝٧٦

اي نبي محترم ﷺ! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن سان سختي سان پيش اچ ۽ هنن جي رهائشگاهه دوزخ هوندي، جيڪو برو مَسڪن آهي (73) هو خدا جا قسم کڻن ٿا ته هنن اها ڳالهه نه ڪئي آهي، حالانڪ ڪفر جا ڪلما هنن ضرور چيا آهن. اهڙيءَ طرح اسلام آڻڻ بعد ڪفر جا مرتڪب ٿيا آهن. هنن جا برا ارادا هئا، پر هو ڪري نه سگهيا. هنن عناد سبب الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي احسان جو بدلو ناشڪريءَ سان ڏنو آهي، حالانڪ الله جل شانه انهن کي پنهنجي فضل سان غني ڪيو آهي، پر جيڪڏهن هاڻي به هو توبه ڪري وٺن ته انهن لاءِ بهتر آهي. پر جيڪڏهن اطاعت کان منهن موڙيندا ته الله کين دردناڪ عذاب ڏيندو، دنيا توڙي آخرت ۾ ۽ زمين تي هنن جو نه حمايتي هوندو ۽ نه مددگار. (74) هنن مان اهي (ماڻهو) به آهن، جن الله سان عهد ڪيو ته جيڪڏهن هن اسان کي پنهنجي فضل (ڌن دولت) سان نوازيو ته اسان ضرور صدقا ڪنداسون ۽ نيڪوڪارن مان ثابت ٿينداسون. (75) مگر جڏهن الله هنن کي پنهنجي فضل سان نوازيو ۽ مالدار ڪيو ته ان ۾ بخل ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي ڏئي منهن ڦيري ويا. (76)

سورت جي پهرين 41 آيتن تائين جنگ تبوڪ بابت مؤمنن کي خطاب هيو. هن کان بعد سورت جي آخر تائين منافقن جا احوال ۽ اقوال بيان ٿيل آهن. آيت 72 تائين منافقن جون برايون، چالبازيون ۽ ناشائسته ۽ نازيبا حرڪتون زيربحث هيون. هاڻي آيت 73 کان اڳتي حضور خاتم النبيين ﷺ کي حڪم آهي ته هاڻي انهن منافقن ۽ ڪافرن سان جهاد ڪريو ۽ انهن سان سختيءَ سان پيش اچو. يعني "اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ" واري پاليسيءَ تي عمل ڪريو. نبي محترم ﷺ! اهي ڪافر ۽ منافق هڪ ٽولي جا ماڻهو آهن. تنهنجي

شفقت نرم دلي ۽ انسان دوستي جي عمده صفتن جو ناجائز فائدو وٺي رهيا آهن. ان ڪري هو پنهنجي شرارت ۾ دلير ٿي ويا آهن. اوهان بيروني خطرن کي منهن ڏيڻ ڪري هنن اندروني مسئلن تي توجه ڏئي نہ سگھيا آهيو، پر هن وقت مسلمانن جي طاقت پوري عرب کي پنهنجي گرفت ۾ آندو آهي. توهان جو اهو خيال تہ جيڪي ماڻهو اجان فيصلو نہ ڪري سگھيا آهن، انهن کي ايمان ۽ يقين لاءِ مناسب موقعو ڏيڻ گھرجي، اهو وقت بہ گذري چڪو آهي. هنن کي پورا 9 سال حق ۽ باطل پرکڻ جو موقعو بہ ملي چڪو آهي. هاڻي زياده چشم پوشي جي ضرورت ناهي. هاڻي هنن جي سازشن کي کلم کلا بي نقاب ڪريو. ملامت ڪريو، جهاد ڪريو ۽ سخت برتاءُ سان پيش اچوتہ جيئن هو بنا ڊپ ڊاءَ جي ديده دليريءَ سان مسلمانن کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ سازشون نہ ڪندا رهن. منافقن کي اهڙي سزا ڏيڻ سندن جرم جو ردعمل آهي. (1) هو ڪفر جون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ جڏهن پڇجي ٿو تہ قسم کڻي چون ٿا تہ اسان ائين نہ چيو آهي. (2) هو احسان فراموش آهن. (3) بدعهدي ۽ عهدشڪنيءَ جا مرتڪب آهن. (4) مخير حضرات مؤمنن کي چون ٿا تہ هو رياءُ پيا ڪن ۽ غريب مسلمانن جي مالي امداد تي ٺوڪون ڪن ٿا تہ هاڻي هن رقم سان قلعا فتح ٿيندا. (5) غزوه تبوڪ ۾ پاڻ بہ شريڪ نہ ٿيا ۽ ٻين کي شرڪت کان ورغلايو. منافقن جي اهڙن ديده دليري وارن ڏوهن تي خاموش رهڻ درست نہ هيو، ان ڪري جهاد ۽ شدت جو حڪم آهي. بقول اقبال رحمة الله عليه اگر جنگ جو ميدان آهي تہ مؤمن فولاد آهي، پر جي يارانہ محفل آهي تہ ريشم وانگر نرم آهي.

گزرجا بن کے سیلِ تندخو کوہ و بیابان سے
گلستان راہ میں آئے تو جوئے نغمہ خواں ہوجا

هنن جا سڀ حربا ناڪام ويندا ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي جيڪو نهايت برو ٺڪاڻو آهي. هي منافق مسلمانن ۾ گمراهي ۽ بدگماني پيدا ڪرڻ لاءِ الله عزوجل، ان جي رسول ﷺ ۽ ان جي آيتن تي ننول ۽ مذاق ڪن ٿا. غلط تهمت درازي، بدڪلامي ۽ بيجا بحث بازي ڪري ماڻهن کي اسلام قبول ڪرڻ کان روڪين ٿا. جڏهن هنن کان پڇاڻو ٿئي ٿو تہ هو انهن حقيقتن جو انڪار ڪن ٿا. ڪفر وارا ڪلما ۽ جملا چون ٿا ۽ اسلام آڻڻ بعد

ڪفر اختيار ڪن ٿا. هنن توهان جي ايذاءُ رساني لاءِ منصوبا جوڙيا، پر ڪين ڪاميابي نہ ملي. هنن ناشڪر ۽ ناشناس ماڻهن تي الله جل شانه ۽ ان جي رسول ﷺ جي طرفان ٿيل فضل جو صلو هو پنهنجي عناد ۽ دشمني سان ڏيڻ گهرن ٿا. هي احسان فروش ماڻهو نيڪيءَ جو جواب بديءَ سان ڏيڻ گهرن ٿا. هنن تمام مذموم وصفن باوجود هو توبه جو رستو اختيار ڪن، پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ۽ اڳتي لاءِ حق ۽ هدايت وارو سڌو رستو اختيار ڪن تہ اهو هنن جي حق ۾ بهتر آهي، پر جيڪڏهن حق ۽ سچ کان منهن موڙي پنتي هٽي وڃن ۽ ساڳين براين ۽ سازشن ۾ سرگرم ٿين تہ پوءِ الله ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ هن دنيا ۾ ڪوبہ ماڻهو هنن جي نہ حمايت ڪري سگهندو ۽ نہ مددگار ثابت ٿيندو. هي خدا جو اٽل فيصلو آهي، جو هر حال ۾ واقع پذير ٿيندو.

هنن منافقن ۾ اهي بدبخت ماڻهو بہ موجود آهن، جن پنهنجي پروردگار سان عهد ڪيو تہ جيڪڏهن هو اسان کي پنهنجي فضل سان مالدار ڪندو تہ اسان ان مال کي عوامي فلاح ۽ بهبود ۾ استعمال ڪنداسون ۽ صدقو (خيرات) ڏينداسون. غريبن، مسڪينن، يتيمن ۽ بي واهہ ماڻهن جي مدد ڪري، ڪين خوشحال ۽ خودڪفيل ڪنداسون ۽ الله جي صالح ٻانهن ۾ شامل ٿي وينداسون، پر جڏهن هنن جي درخواست کي قبوليت ملي ۽ الله پنهنجي فضل سان ڪين مال دولت سان سرفراز ڪيو تہ هو مال ۽ دولت جي محبت ۾ مدهوش ٿي ويا مال ۽ دولت کي پنهنجي عيش عشرت لاءِ خاص ڪري ڇڏيو. بخل ۽ ڪنجوسيءَ سبب حقدارن کي سندن حق کان محروم رکيو ۽ الله سان ڪيل وعدن کان منهن موڙي پٺي ڏئي ڦري ويا ۽ انسانيت جون سڀ خوبيون وساري ويٺا. اخلاقي پستي سبب خدا جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ ۽ ڪيل عهد کي پورو ڪرڻ کان پري رهيا، ان ڪري غضب ۽ قهر خداوندي جا مسحق ٿي ويا. هن ۾ ثعلبه نالي شخص طرف اشارو آهي، جنهن پاڻ ڪريمن ﷺ کي بار بار درخواست ڪئي تہ منهنجي لاءِ دعا گهرو تہ مون کي ججهو مال ملڪيت ٿئي تہ غريبن جي دل کولي مدد ڪريان ۽ اسلام لاءِ خرچ ڪريان. حضور ﷺ جي دعا سان هو مالدار ٿي ويو. ٻڪريون، رڍون، مال متاع جي گهڻائيءَ بعد مال ۽ دولت جي مشغوليت ۽ محبت ۾ نماز، روزا بہ وسري ويا ۽ دولت جي حرص ۾ بخيل ۽ ڪنجوس ٿي ويو. اهو مثال انهن سڀني ماڻهن لاءِ هيو، جيڪي اهڙي ڪردار جا حامل هيا.

فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِىْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ يَلْقَوْنَهٗ بِمَآ اَخْلَفُوا اللّٰهَ مَا
وَعَدُوْهُ وَبِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿٧٧﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ
وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٧٨﴾ اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ
مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِى الصَّدَقٰتِ وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ
فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ ؕ سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ۫ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٩﴾ اِسْتَغْفِرْ
لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ
لَهُمْ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ
الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾ ع ١٠ ع ١٢

الله تعالىٰ منافقن جي وعده خلافي ۽ ڪوڙ هڻڻ جي نتيجي ۾ مرڻ ۽ الله جي حضور مجرم طور پيش ٿيڻ تائين نفاق کي سندن دل ۾ ڄمائي ڇڏيو. (77) ڇا هنن کي خبر ناهي ته الله هنن جا راز ۽ سرگوشيون ڄاڻي ٿو ۽ الله غيب جي سمورين ڳالهين کان واقف آهي. (78) منافق انهن مؤمنن تي جيڪي رضا خوشي، رغبت سان صدقا ڏين ٿا، انهن تي (رياڪاري) جو الزام لڳائين ٿا، جيڪي مسلمان پنهنجي ڏهاڙي جي ڪمائيءَ کان وڌيڪ حيثيت رکڻ وارا نه آهن، هو انهن مؤمنن جي جذبي تي مسخري ۽ ٺٺول ڪن ٿا. ان تمسخر جو الله کين عذاب ڏيندو ۽ هنن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (79) اي نبي مڪرم خاتم النبيين ﷺ هنن (گستاخ طعن ظن) منافقن جي بخشش جي دعا گهرين يا نه گهرين، الله هنن کي بخش ڪرڻ وارو ناهي، ڇو ته هنن الله جل جلاله ۽ ان جي

**رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جي اطاعت کان انڪار ڪيو آهي. ۽ الله اهڙن فاسق مجرمن کي هدايت جي توفيق کان محروم رکي ٿو.(80)**

منافقن جي مسلسل وعده خلافي ۽ غلط بيانيءَ جو نتيجو اهو نڪتو تہ منافقت جي اها زندگي، جنهن کي هنن وقتي مصلحت طور اختيار ڪيو هو، اها هاڻي انهن جي دل و دماغ ۾ مستقل طور گهر ڪري وئي ۽ سندن زندگي جو اٽوٽ انگ بڻجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ مرڻ دم تائين ۽ الله ذوالجلال جي حضور مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ تائين الله بہ ان نفاق کي سندن حياتيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو ۽ اهو امر، الله جي ان سنت مطابق وقوع پذير ٿيو، جڏهن انسان جي هدايت ۽ گمراهيءَ لاءِ خدا پاران مقرر ڪيل مدت ختم ٿي ويندي آهي ۽ نفاق جو روڳ پنهنجون پاڙون پختيون ڪندو آهي تہ پوءِ ماڻهو توبہ ۽ اصلاح جي توفيق کان محروم ٿي ويندو آهي. پنهنجي خيال ۾ هو سمجهي رهيا هئا تہ هنن جون تدبيرون ڪامياب وڃي رهيون آهن، جنهن جي ڪري هو پنهنجي حفاظت ڪرڻ ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيا آهن. مسلمانن کي سندن چالبازين ۽ سازشن جو ڪو علم ناهي، پر انهن کي اهو معلوم ناهي تہ انسانن کي سندن لاعلميءَ سبب ڌوڪو ڏئي سگهن ٿا، پر الله انهن جي رازن ۽ سرگوشين کان خوب واقف آهي، جيڪو ڪين اعمال جو پورو پورو بدلو ڏيندو، بيشڪ الله غيب جي سڀ ڳالهين کان بخوبي واقف آهي. هنن منافقن جا اخلاقي اقدار ۽ ڪردار ايترا تہ پست ٿي ويا آهن، جو هو جنگ تبوڪ جي اهم فريضي جي ادائگيءَ ۾ پنهنجي جاني ۽ مالي ايثار ۽ امداد جي ذميداري بہ پلائي وينا آهن، الٽو مسلمانن جي ان صدقات ۽ مالي تعاون کي جيڪو هو نهايت خلوص رضا رغبت سان ڏئي رهيا آهن، انهن تي رياڪاريءَ جو الزام لڳائي رهيا آهن ۽ خاص طور انهن غريب مسڪين مؤمنن تي ٺٺولي ڪندا آهن، جيڪي گهر ۾ ڪل موجود حقير موڙي بہ خير جي ڪم ۾ پيش ڪندا آهن. بس هاڻي توهان جي هن پڱڙن مٺ واري امداد سان جنگ ۾ ڪاميابي ٿي ويندي. هو اهڙيءَ طرح مؤمنن جي دل شڪني لاءِ سندن ٺٺول ڪندا رهندا آهن. منافقن جي پهرين ٽن ڏوهن جو ذڪر پوين آيتن ۾ اچي ويو. هي سندن چوٿون جرم آهي، جيڪو هت بيان ٿيو آهي. الله مؤمنن جو دوست آهي ۽ هنن

جي پرخلوص جذبي کان آگاھ آھي. اھو منافقن کي انھي مذاق جي نتيجي ۾ مذاق جھڙو دردناڪ عذاب ڏئي ٿو. (البقره: 15/2) (79) اي رحمة للعالمين خاتم النبيين ﷺ! تون پنھنجي ڪريم النفسي، خوش خلقي ۽ رحمة للعالمينيءَ کي مدنظر رکندي. اجان اھا آس لڳايو وينو آھين تہ ڪا اھڙي صورت پيدا ٿي وڃي، جو ھو ايندڙ عذاب کان محفوظ ٿي وڃن، پر حقيقت حال اھا آھي تہ تون سندن بخشش ستر ڀيرا بہ طلب ڪرين يا نہ ڪرين تہ تنھنجي ذات اقدس جي گستاخن کي الله معاف ڪرڻ وارو ناھي. ھو الله ۽ ان جي رسول مقبول خاتم النبيين ﷺ جا انڪاري رھيا آھن. ڪفر ۽ نفاق جون سموريون حدون پار ڪري چڪا آھن. ھاڻي ھو ضلالت ۽ گمراھي جي آخري حد تي اچي ويا آھن. اھڙي فاسق قوم لاءِ ھدايت جا رستا بند ٿي ويا آھن، ھاڻي ھنن جو مقدر درد ناڪ عذاب آھي.

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَ كَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا
بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ قَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ؕ قُلْ
نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ﴿۸۱﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا
كَثِيْرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ
مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا وَّ لَنْ تُقَاتِلُوْا
مَعِيَ عَدُوًّا ؕ اِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ
الْخٰلِفِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَ لَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ
اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ مَاتُوْا وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۸۴﴾ وَ لَا تُعْجِبْكَ
اَمْوَالُهُمْ وَ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الدُّنْيَا
وَ تَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾

تبوڪ جي جنگ کان پٺتي رهڻ وارا پنهنجن گهرن ۾ رهڻ تي ڏاڍا خوش هئا.
الله جي راھ ۾ جان ۽ مال سان جهاد ۾ شرڪت کان ناخوش هئا ۽ چوندا هئا تہ
هن گرميءَ ۾ نہ نڪرو، ڪين ٻڌائي ڇڏ تہ دوزخ جي باھ سڀ کان زياده گرم
آهي. جيڪڏهن هو هن حقيقت کي سمجهي سگهن تہ سٺو آهي. (81) پوءِ هنن
کي گهرجي تہ هو گهٽ کلن ۽ زياده روئن، هي سندن ڪمائيءَ جو اجورو آهي.
(82) (اي حبيب ﷺ!) جڏهن تون (جنگ تبوڪ کان) واپس هنن منافقن ڏانهن
اچين ۽ هو تو کان ڪنهن ايندڙ جنگ ۾ جهاد تي هلڻ جي اجازت طلب ڪن تہ
ڪين صاف صاف چئو تہ مون سان گڏ هرگز نہ نڪرجو ۽ نہ وري مون سان گڏجي
دشمن سان جنگ ڪريو. توهان هن کان پهريان پٺتي رهڻ تي خوش ٿيا، هاڻي
بہ پوئتي رهڻ وارن سان گڏ رهو.(83) ۽ تون هنن منافقن جي مرڻ بعد ڪڏهن بہ
جنازي نماز نہ پڙهجانءِ ۽ نہ ئي هنن جي قبر تي رحمت جا پير پري وڃجانءِ.
بيشڪ هنن الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪفر ڪيو ۽ نافرمان هجڻ جي حالت
۾ مري ويا.(84) هنن جي مال ۽ اولاد جي ڪثرت توکي تعجب ۾ نہ وجهي الله
جي مشيت آهي تہ ڪين انهن شين جي سوداءَ ۾ دنيا ۾ عذاب ڏئي ۽ هنن جا
ساھ ڪفر جي حالت ۾ ڪڍيا وڃن.(85)

جنگ تبوڪ تي جهاد لاءِ اعلان عام ٿيڻ بعد لنوائي پٺتي رهڻ وارا (منافق) رسول الله ﷺ جي وڃڻ کان پوءِ ڏاڍا خوش هئا تہ اسان جي بهاني ۽ عذر جو تير نشاني تي لڳي ويو، حالانڪ الله جي رسول ﷺ سان چالبازي ذريعي پٺتي رهجي وڃڻ بعد محروم ٿي ويا. هو الله جي راھ ۽ حضور ﷺ جي سونهري قيادت ۾ جهاد جي سعادت حاصل ڪرڻ ۽ خير ڪثير جا مستحق نہ رهيا هئا. گويا جهاد جي نعمت کان فرار ڪري دوزخ ۾ داخل ٿيڻ تي خوش ٿي رهيا هئا، حالانڪ هن عمل جي ردعمل جو نتيجو خوشيءَ جو مقام تہ نہ هو،

چو تہ جنهن کي عمل ۽ ان جي جزا پروڙڻ جي بصيرت هجي ۽ کيس عمل جي آئيني ۾ جزا نظر نہ اچي تہ هو انڌن وانگر حق ڏسڻ کان محروم ٿي وڃي ٿو. هي نامراد بہ پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد جهڙي سعادت کي ناپسند ڪري رهيا هئا ۽ نہ رڳو پاڻ شريڪ ٿيڻ کان محروم ٿي رهيا هئا، پر هو ٻين کي بہ مشورو ڏئي رهيا تہ هن گرميءَ ۾ اوهان بہ ڪو بهانو بنائي، جهاد لاءِ نہ وڃو. پر هنن کي چئو تہ هن گرميءَ کان توهان دوزخ جي جنهن تيز تپش ۽ سخت گرمي ۾ هوندا، اها هن گرمي کان زياده سخت آهي، جيڪڏهن توهان اصل حقيقت کان آگاهہ ٿي سگهو. ان ڪري هنن کي کلڻ، خوش ٿيڻ گهٽ ڪرڻ گهرجي هي محرومي تہ دراصل روئڻ جو مقام آهي، جنهن تي هنن کي گهڻو روئڻ گهرجي، چوتہ هنن جي هن ناعاقبت انديش سوچ کين خدا جي رضا ۽ خوشنودگيءَ کان محروم ڪري ان جي غضب ۽ ڦٽڪار جو نشانو بنايو آهي، جيڪو هر عمل جو لازمي نتيجو آهي. جيڪي منافق ماڻهو رومين جي وڏي لشڪر کان پاڻ بچائن ۽ مسلمانن جي شڪست ۽ موت جا خواب ڏسي رهيا هئا، جڏهن تون الله جي عنايت ۽ فضل و ڪرم سان فتح ياب ٿي واپس ورين ۽ جن جا چهرا بہ ڏسڻ نٿو گهرين، اهي ماڻهو جيڪڏهن اوهان جي هن مجاهدانہ ۽ معجزانہ فتح و نصرت کان متاثر ٿي اڳتي جي ڪنهن جنگ ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت گهرن تا تہ کين صاف صاف ٻڌايو تہ هاڻي توهان مون سان گڏ هرگز نہ نڪرجو ۽ مون سان گڏجي ڪڏهن بہ دشمن سان جنگ ۾ شامل نہ ٿجو، چو تہ اوهان پهرين پيري بہ جهاد کي ڇڏي پنتي رهڻ ۾ خوش هئا ۽ اڳتي بہ پنتي رهڻ وارن سان گڏجي پنتي رهجو. گويا اوهان جو نالو مجاهدين اسلام جي فهرست مان خارج ٿي چڪو آهي. هنن کي نہ رڳو اڳتي جنگ ۾ ساڻ ناهي ڪٽڻو، پر هنن سان معاشرتي تعلقات بہ بلڪل ختم ڪرڻا آهن. هنن جي منافقت جو پردو چاڪ ٿي چڪو آهي. اوهان جي نرم رويي ۽ درگذر ڪرڻ سبب سندن ذلت ۽ رسوائيءَ جو سامان مهيا ٿي چڪو آهي. هنن جي مرڻ بعد جنازي نماز جهڙي اهم سماجي روايت ۾ بہ شريڪ ناهي ٿيڻو تہ جيئن مسلمانن تي واضح ٿي وڃي تہ هي منافق آهن ۽ اسلامي ملت جو حصو ناهن، پر ڪافرن جي جماعت آهن. هي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت کان انڪار ڪري، ڪفر جي راهہ اختيار ڪري، ڪفر جو موت

مئا آهن. هي فاسق فاجر آهن. هن حڪم اچڻ کان اڳ حضور ﷺ کي هنن جي لاءِ مغفرت جي دعا کان روڪيو ويو هو. (التوبه: 80/9) ان کان پوءِ کين جهاد ۾ شريڪ ڪرڻ کان روڪيو ويو. (التوبه: 83/9) هاڻي هنن جي جنازي نماز ۽ سندن قبر تي بيهڻ کان منع ڪيو ويو آهي. جنگ تبوڪ کان واپسي بعد ٿوري عرصي اندر منافقن جي سردار عبدالله بن اُبيّ وفات ڪئي، جنهن جو پٽ عبدالله بن عبدالله مخلص مسلمان هيو، جنهن پنهنجي والد جي ڪفن لاءِ حضور ﷺ کان ڪڙتي (پهراڻ) جي گهر ڪئي. پاڻ ڪريمن ﷺ بي انتها فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي، هن کي ڪڙتو ڏنو، پوءِ نماز جنازه لاءِ به عرض ڪيو ويو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن تيار به ٿي ويا. حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنه نماز نه پڙهائڻ جي درخواست به ڪئي. ان دوران هيءَ آيت ڪريمه نازل ٿي: ”وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ مَّاتَ اَبَدًا“ هنن منافقن مان ڪنهن جي به نماز جنازه نه پڙهايو، ان ڪري حضور اڪرم ﷺ جنازه نماز نه پرهائي، ڇوته هي ماڻهو منافق آهن، هنن جي مال ۽ اولاد جي ڪا وقعت ناهي. (التوبه: 55/9) ان کان مرعوب ٿيڻ يا تعجب ڪرڻ جي ضرورت ناهي. الله تعالیٰ هنن کي دنيا ۾ ئي عذاب ڏيڻ گهري ٿو. هنن جو اهڙي طرح معاشرتي ۽ سماجي بائيڪاٽ ڪرڻ جهڙي وڏي رسوائي کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪهڙي سزا هوندي. هنن جي ظاهري اسلام تي نه وڃو. فرشتا جڏهن هنن جو ساهه ڪيڍندا ته هو ان وقت ڪفر جي حالت ۾ هوندا ۽ ڪافر جي موت مرندا. انسان جي گمراهيءَ بعد اهو فيصلو سنت الاهي آهي، خدا جي خواهش ناهي. هن عمل جي پيروي ڪندي علماءِ حق جو چوڻ آهي ته علماءِ ۽ امام ڪنهن مشهور فاسق فاجر، ڏاڙيل، رشوت خور، ظالم شخص جي جنازي نماز پڙهائڻ کان احتراز ڪن. هن واقعي بعد حضور اڪرم ﷺ به تحقيق ڪندا هئا ۽ اهڙي برڪردار ماڻهوءَ جي مائٽن کي فرمائيندا هئا ته اوهان کي اختيار آهي جهڙيءَ طرح به دفن ڪريو، نماز جنازه جنهن کان به پڙهايو يا ائين دفن ڪريو. (تفهيم القرآن) هتان معلوم ٿيو ته منافق جي نمازِ جنازه پڙهڻ ته درڪنار، پر هن جي قبر تي بيهڻ، ڪفن دفن ۾ شرڪت ڪرڻ جي منع آهي، ڇوته نماز جنازه ميت لاءِ رحمت جي دعا آهي، جنهن لاءِ منافق حقدار ناهي، ڇوته هو الله جي غضب ۽ قهر جو مستحق آهي.

وَإِذَآ أُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ أَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ اسْتَأْذَنَكَ
أُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ رَضُوْا بِأَنْ يَّكُوْنُوْا
مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ الرَّسُوْلُ
وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ ط وَأُولٰٓئِكَ لَهُمُ
الْخَيْرٰتُ وَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ أَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ
تَحْتِهَا الْأَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ط ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٨٩﴾ ع ۱۱ ۱۷

جڏهن بہ ڪا سورت نازل ٿئي ٿي تہ الله تي اهڙيءَ طرح ايمان آڻيو، جهڙي طرح ايمان آڻڻ جو حق آهي ۽ ان جي رسول سان گڏجي جهاد ڪريو تہ انهن مان صاحبِ حيثيت ۽ صاحب استطاعت بہ تو کان اجازت طلب ڪن ٿا تہ اسان کي ڇڏي ڏيو، اسان پوئتي رهندڙن سان گڏ رهنداسون.(86) هنن پنتي رهڻ وارن عورتن ٻارن ۽ معذورن سان گڏ رهڻ کي پسند ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جي دلين کي مهر ڪيو ويو آهي. ان ڪري ڪجهہ نٿا سمجهن، (87) پر الله جي رسول خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم ۽ جن ماڻهن هن سان گڏ ايمان آندو آهي، انهن پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪيو. انهن لاءِ ئي (دنيا ۾ آخرت جون) ڀلايون آهن ۽ اهي ئي فلاح حاصل ڪرڻ وارا آهن.(88) الله انهن لاءِ اهڙا باغ تيار ڪري ڇڏيا آهن، جن جي دامن ۾ نهرون جاري آهن ۽ هو انهن باغن ۾ هميشہ رهندا، اها وڏي ڪاميابي آهي.(89)

جڏهن الله جي طرفان سورت نازل ٿئي ٿي ۽ ان ۾ هنن منافقن کي چيو وڃي ٿو تہ الله تي ايمان آڻڻ وارو پنهنجي ايمان جو اهڙيءَ طرح مظاهرو ڪيو، جهڙيءَ طرح ايمان

آڻڻ جو تقاضا آهي ۽ رسول الله ﷺ جا وفادار ساٿي ٿي جهاد ۾ جوش و خروش سان حصو وٺو. اسلامي نظام کي تقويت پهچايو تہ انهن مان صاحبِ حيثيت ۽ صاحب استطاعت مال ۽ ملڪيت جا مالڪ بہ بهانا ۽ عذر ٺاهي اجازت گهرڻ اچن ٿا ۽ عرض گذار ٿين ٿا تہ اسان کي جنگ تي وڃي هلڻ کان ڇڏي ڏيو ۽ پٺتي رهڻ وارن سان گڏ رهڻ ڏيو. اسان جو جائز عذر قبول ڪيو. حالانڪ هو مالي ۽ معاشي طور ۽ جسماني صحت، طاقت ۽ توانائيءَ جي لحاظ سان هر حالت ۾ جهاد ڪرڻ جي لائق آهن، پر سندن بيائي ۽ دل جي کوٽ کين جهاد جي سعادت حاصل ڪرڻ کان مانع آهي.

اِیں سعادت بزور بازو نیست
تا نہ بخشد خدائ بخشندہ (شيخ سعدي رحمة الله عليه)

هنن مردن واري جرئت ۽ همت جو مظاهرو نہ ڪندي پٺتي عورتن (ٻارن، ضعيفن) سان گڏ رهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي. حالانڪ مردن جو شان آهي تہ هو جنگ جي ميدان ۾ جوهر ڏيکاري پنهنجي مردانگيءَ جو ثبوت ڏين. هنن جي انهيءَ بزدلي ۽ نامرديءَ کين عورتن، ٻارن ۽ معذورن جي قطار ۾ آڻي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري الله بہ هنن جي دلين تي بدنصيبي ۽ ناڪامي جي مهر ثبت ڪري ڇڏي. (البقره: 7/2) ان سبب هو صحيح ۽ سودمند ڳالهہ سمجهڻ کان قاصر آهن. يعني مشيت خداوندي هنن جي سنجيده سوچ، ذهن ۽ احساسات تي پردو وجهي ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو اهڙا ذليل طريقا اختيار ڪرڻ ۾ ڪو شرم يا عار محسوس نٿا ڪن. واضح هجي تہ "خَوَالِفِ" جو لفظ "خَالِفَه" يعني پٺتي رهندڙ عورت جو جمع آهي.

گذريل آيت ۾ منافقن جي مذمت ٿي هئي، هاڻي مؤمنن جي مدحت بيان ٿي رهي آهي. الله جو رسول ﷺ ۽ ان جا جان نثار مؤمن مجاهد سندن سڏ تي لبيڪ چئي سندس ساٿ ۾ پنهنجا مال قربان ڪرڻ ۽ سر تريءَ تي رکي جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آتا آهن. تنهنڪري هو ڪنهن عذر يا بهاني جا قائل نہ آهن. جنهن جي تصوير ٻٽائي گهوٽ رحمة الله عليه هن طرح چٽي آهي:

پهرين كاتي پاءِ پيچ پوءِ پريتڙو
ڏک پريان جو ڏيهه ۾ واجھ جيئن وڄاءِ
سيخن ماه پچاءِ جي نالو كيڙءِ نينهن جو.

هت مؤمنن جي مدحت ۽ خوبين جو ذكر آهي: (1) "لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" چئي مؤمنن جي كامل خلوص جو شان بيان كيو آهي، جهڙيءَ طرح حضور ﷺ خلوص اكمل ترين آهن. (2) هنن جي جهاد ۽ جان نثاريءَ جي تصديق (سرٽيفكيٽ). (3) "اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ" (4) "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" (5) جنت جي بشارت (6) "خٰلِدِيْنَ فِيْهَا" (7) "ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" انهيءَ صداقت واري صفت سبب هنن لاءِ پلائي ۽ خير جا در كليل رهن ٿا. اهي نيک بخت انسان ئي دنيا توڙي آخرت ۾ فلاح ۽ كاميابي حاصل كرڻ وارا آهن ۽ خدا جون رحمتون سدائين سندن استقبال كن ٿيون.

خدا رحمت كند ايں عاشقانِ پاک طينت را

هنن خوش بخت ماڻهن جي سندن حق جي راهه ۾ جدوجهد كرڻ جي لاءِ نه رڳو دنياوي زندگي خوشگوار ۽ شاداب رهي ٿي، مگر هنن لاءِ الله مهربان پاران جنت جا اهڙا سدا سرسبز شاداب ۽ پُر راحت باغ تيار كيل آهن، جن كي ترو تازه ركڻ لاءِ دامن ۾ نهرون جاري آهن، جنهن ۾ هو هميشه لاءِ جاءِ گذين رهندا. اها هک نهايت عظيم كاميابي آهي.

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ
وَرَسُوْلَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٠﴾ لَيْسَ عَلَى
الضُّعَفَآءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ
اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَاللّٰهُ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩١﴾ وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ
مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۠ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا

يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ
وَ هُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى
قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

بدوي عرب (ديهاتي ۽ ٻهراڙيءَ وارن) مان به ڪجهه بهانا ساز ماڻهو به آيا ته انهن کي به پنهنجي رهڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ جن ماڻهن الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪوڙ ڳالهايو هيو، يا ڪوڙو ڄاتو، اهي بنا اطلاع گهر ۾ ويٺا رهيا. جن انڪار ڪيو، انهن کي عنقريب دردناڪ عذاب پڪڙيندو. (90) البته انهن ماڻهن تي ڪو گناهه ناهي جيڪي ڪمزور آهن ۽ نه وري بيمارن تي ۽ نه انهن تي، جيڪي خرچ ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن. جڏهن ته هو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي خيرخواهي ڪندا آهن. اهڙن نيڪوڪارن تي ڪوئي الزام ناهي ۽ الله بخش ڪرڻ وارو آهي ۽ ان جي شفقت دائمي آهي. (91) اهڙي طرح انهن تي به ڪو الزام ناهي جڏهن تو وٽ اچن ٿا ته هنن جي لاءِ سواريءَ جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ تون ڪين چوين ٿو ته مان توهان لاءِ سواري جو بندوبست نٿو ڪري سگهان، جنهن تي هو واپس ورن ٿا ۽ انهن جون اکيون غم جا لڙڪ وهائن ٿيون ته هو ايتري طاقت نٿا رکن جو خرچ ڪري سگهن.(92) الزام ته انهن ماڻهن تي آهي، جيڪي مالدار آهن ۽ پوءِ به اجازت گهرن ٿا. هو ان ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا ته هو به انهن گهر ۾ ويٺل عورتن سان گڏ هجن. الله ان جي نتيجي ۾ سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏي آهن ۽ هو صحيح ڳالهه نٿا سمجهن.(93)

شهر (مدينه منوره) ۾ رهندڙ منافقن ڪان سواءِ "اَعَرَاب" جمع "اعرابي" يعني ديهاتي ۽ ٻهراڙي ۾ رهندڙ ماڻهو به هئا. جنگ جي اعلان عام ڪانپوءِ جهڙي طرح شهر جي

صاحبِ استطاعت ۽ باحيثيت ماڻھن بھانا بازي ۽ افسون گري ڪري جنگ ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان اجازت گھري ھئي، اھڙي طرح ديھات ۽ ڀھراڙي ۾ رھندڙ منافق ماڻھن جو ھڪ ٽولو آيو ۽ اھي سڀ بارگاھ رسالت ۾ درخواست گذار ٿيا تہ ھنن کي قاعدين (پٺتي رھندڙن سان) گڏ رھڻ جي اجازت ڏني وڃي، شھري منافقن بہ ساڳيا بھانا پيش ڪيا تہ اسان جي مجبوري آھي، جنگ ۾ ھلي نٿا سگھون، حالانڪ دور جھالت جي جنگ ۾ ڀرپور حصو وٺندا ھئا، ڇو تہ اھا جنگ لٽ مار لاءِ ھئي ۽ ان ۾ مال غنيمت ملندو ھو، پر ھي جھاد تہ في سبيل الله آھي، جنھن ۾ 'غنائم' ناھي، پر 'انفال' آھي. ٻيا مغرور ۽ سرڪش منافق اھڙا بہ ھئا، جن اجازت وٺڻ جي تڪليف بہ نہ ڪئي ۽ بنا عذر بنا اجازت پنھنجي مرضي سان پٺتي رھي پيا. ھنن الله ۽ ان جي رسول ﷺ تي پنھنجي ايمان جي ڪوڙي دعوىٰ ڪئي ھئي. ھنن جيڪي عھد وپيمان ڪيا ھئا، اھي ڪوڙ نڪتا يا جيڪي عذر پيش ڪري رھيا ھئا، سڀ بي بنياد ھئا. منافق جي اظھارِ ايمان ۾ درحقيقت تصديق، تسليم، اخلاص ۽ اطاعت نہ ھوندي، پر ظاھري اقرار ھوندو. ھو پنھنجن مفادن کي خدا جي حڪمن ڪان زياده عزيز سمجھندا آھن. ظاھري طرح تہ مسلمانيءَ جو لبادو ڍڪي، انسانن کي تہ ڌوڪو ڏئي سگھن ٿا، پر الله کي ڌوڪو ڏئي نٿا سگھن. ان ڪري ھو عذاب جي ور چڙھي وڃن ٿا. پر جيڪي ماڻھو ڪمزور يا بيمار آھن يا جنگ جي مالي استطاعت نٿا رکن (الفتح: 17/48) پر مخلص ۽ وفا شمار آھن. سندن سڀ ھمدريون مسلمانن سان آھن ۽ انھن جي ڪاميابي لاءِ دعا خواھان آھن تہ اھڙن نيڪوڪار ماڻھن تي ڪو بہ گناھ ناھي. جيڪڏھن ھو جنگ ۾ پوري خواھش ۽ آرزو باوجود شرڪت ڪري نٿا سگھن، الله انھن کي بخش ڪرڻ وارو ۽ مدامي رحمت ڪرڻ وارو آھي. پر اھڙا بيمار ڪمزور ۽ تنگ دست ماڻھو، جيڪي دل ئي دل ۾ مسلمانن جي بدخواھي گھرن ٿا، ھنن جي ناڪاميءَ جون دعائون گھرن ٿا، ھنن خلاف ڪوڙا الزام ۽ بھتان ھڻن ٿا، اھي ھن معافيءَ جا حقدار ناھن. انھن لاءِ بہ ساڳيو درد ناڪ عذاب آھي، جيڪو ٻين منافقن لاءِ مقرر ۽ موعود آھي.

ھاڻي انھن مؤمنن جو ذڪر اچي ٿو، جيڪي بي بس ۽ مفلس آھن، پر دل ۾ جھاد جو جذبو موجزن آھي ۽ ھو جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آھن. حضور اڪرم ﷺ وٽ

حاضر ٿي، سواريءَ جي درخواست ڪن ٿا، مگر وسائل جي ڪميءَ سبب سواري نہ ملڻ
ڪري زاروزار روئن ٿا. هن ڪان اڳ ضعيفن، پوڙهن، ٻارن، عورتن، بيمارن،انڌن، لولن،
لنگڙن، مفلس ۽ نادارن جو ذڪر ٿي چڪو آهي تہ ان قسم جي پٺتي رهجي ويندڙن تي بہ
ڪو الزام ناهي، جيڪي تبوڪ جي ايڏي وڏي سفر تي نڪرڻ لاءِ مناسب سواري جي
استطاعت نٿا رکن، پر جهاد جي جذبي سان سندن دل سرشار آهي ۽ هو بارگاهہ رسول ﷺ
وٽ درخواست ڪٽي اچن ٿا تہ ڪين سواري مهيا ڪئي وڃي، ڇو تہ هو پاڻ سواري رکڻ جي
طاقت نٿا رکن ۽ نهايت محدود مالي وسائل جي ڪري توهان بہ انهيءَ جو انتظام نٿا ڪري
سگهو ۽ پنهنجي معذوري ظاهر ڪيو ٿا، جنهن جي ڪري هو غمگين ۽ مايوس ٿي واپس
ورن ٿا ۽ جهاد جي سعادت جي محروميءَ واري غم سبب سندن اکين مان نير جاري رهن
ٿا، ڇو تہ هنن وٽ اهڙا وسيلا نہ آهن جو هو خرچ ڪري سواري ۽ ضروري سامان هٿ ڪري،
جنگ ۾ شرڪت ڪري سگهن. حقيقت ۾ انهن جو شمار انهن غازين ۾ هوندو، جن جنگ
۾ شرڪت تبوڪ ڪان موٽندي نبي اڪرم ﷺ جنگ ۾ شرڪت ڪندڙ مجاهدن کي خطاب
ڪري فرمايو: ”اِنَّ بِالْمَدِيْنَةِ اَقْوَامًا مَا سِرْتُمْ مَسِيْرًا وَلَا قَطَعْتُمْ وَادِيًا اِلَّا كَانُوْا مَعَكُمْ “
مديني ۾ پٺتي رهجي وڃڻ وارن ۾ ڪجهہ اهڙا بہ ماڻهو آهن، جن توهان سان ڪا وادي
طئي نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري سفر جو صعوبتون سَنيون آهن، مگر هر هر هنڌ اوهان سان هم
قدم همدم رهيا آهن. (سبحان الله وبحمده) اصل الزام تہ انهن تي آهي، جيڪي مالي
وسائل ۾ غني ۽ شاهوڪار آهن. جهاد تي هلڻ لاءِ سواري ۽ سازو سامان سڀ مهيا ۽ ميسر
اٿن ۽ اهڙو ڪو بہ جائز عذر ناهي، جو جنگ ڪان روڪي، پر ان هوندي بہ جنگ تي نہ هلڻ
لاءِ توڪان اجازت گهري رهيا آهن ۽ ڪوڙا بهانا بنائي پيش ڪن ٿا، هو پٺتي رهجي ويل
عورتن سان گڏ رهڻ لاءِ راضي آهن. ڪين مردن واري مردانگي، همت ۽ جرئت ڇڏي، عورتن
واريون چوڙيون پائڻ گهرجن. جڏهن انسان تي پست خيالي ۽ بزدلي سوار ٿي وڃي ۽ هو
الله جي حڪمت تي ذاتي مفادن کي ترجيح ڏئي ٿو، توڪل ۽ صبر جي طاقت ڪان محروم
ٿي وڃي ٿو تہ عورتن ڪان وڌيڪ ڪمزور ٿي وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن جي دلين تي مهر لڳي
ٿي وڃي. (البقره: 7/2) ۽ هو اصلي نفعي نقصان جاڻڻ ڪان قاصر ٿي وڃن ٿا.